# ميڊيڪل ڊڪشنري

## انگريزي - سنڌي



ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

ISBN 978-969-625-015-9

Rs. 400/-

# ميڊيڪل ڊڪشنري
## انگريزي- سنڌي

ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2015ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (226)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# ميڊيڪل ڊڪشنري (انگريزي_ سنڌي)


پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

مرتب: ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي

ڇاپو: پهريون، مارچ، 2015ع

ڪمپوزنگ: محمد بخش ڀنگر ۽ احسان لغاري

ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو

تعداد: هڪ هزار

قيمت: 400 روپيا

ناشر: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

**Catalogue Reference**
Badavi, Aashiq Hussain, Dr
Medical Dictionary
English and Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-015-9


# Medical Dictionary (English- Sindhi)


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

| | |
|---|---|
| By: | Dr. Aashiq Hussain Badavi |
| First Edition: | March, 2015 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | 400/- |
| Composing: | Muhammad Bux Bhangar & Ihsan Laghari |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary,<br>Sindhi Language Authority<br>National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.educ.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | Pakeeza Printers, Hyderabad. |

هيءُ لغت، تاج جويي، سيڪريٽري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميسرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌري ڪئي

## ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران انگريزيءَ مان سنڌي ميڊيڪل ڊڪشنري ڇپجي توهان جي هٿن ۾ پهتي آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ سائنسي موضوعن جي ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي ۽ اُن کي ’سنڌي ڊڪشنري بورڊ‘ جي اهم رٿا جو حصو هئڻ سبب سنڌي- انگريزي ميڊيڪل ڊڪشنريءَ جو تسلسل سمجهڻ گهرجي، هي ٻئي ڊڪشنريون مرحوم ڊاڪٽر عاشق حسين بدويءَ جون تيار ڪيل آهن، جيڪي پاڻ پنهنجي وفات کان اڳ اٿارٽيءَ حوالي ڪيون هئائين، مون انهن ٻنهي ڊڪشنرين جي پاڻ ايڊيٽنگ ڪئي ۽ سڌارا واڌارا ڪيا، ان کان پوءِ به ضروري سمجهيوسين ته ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کي ڏيکارجي، اهڙيءَ ريت اهي ٻئي ڊڪشنريون محترم ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ کي اماڻيون ويون، جنهن پڻ انهن جي گهڻي واڪاڻ ڪئي ۽ انهن لاءِ به اکر لکي ڏنا، جنهن لاءِ ادارو سندس ٿورائتو آهي.

هن ڊڪشنريءَ جي افاديت جي ڏس ۾ خود ڊاڪٽر بدويءَ پڻ تمام اهم مهاڳ لکي ڏنو هو جنهن ۾ سندس علميت، ٻولين جي ڄاڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان پيار پڌرو آهي. هن ڪيترائي نج سنڌي لفظ اصطلاح ڳولي هٿ ڪيا آهن يا پاڻ گهڙيا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي دامن کي وسيع ڪرڻ سان گڏ، سنڌيءَ ۾ طبي لغتن جي حوالي سان به پنهنجو ڪارج رکن ٿا. اسان کي اميد آهي ته هيءَ ڊڪشنري به عام پڙهندڙن، ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل جي شاگردن لاءِ ڪارائتي ثابت ٿيندي.

3_ مارچ 2015ع

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

# مهاڳ

فنون لطيفہ ۾ مصور وٽ رنگہ ناچوئن وٽ نِرت ۽ پاءُ، وڄائڻن ڪي سُر ۽ تال، ناٽڪ ۾ اداڪاريءَ جون ادائون آهن پر ويچاري ليکڪ لاءِ لفظ ٿين ٿا، جيڪي گنل سڪن مثل آهن جن جو استعمال ٻين فنن جي وسلن جي ڀيٽ ۾ ترڪڻو ۽ ڏکيو آهي جو اهي رنگن يا سُرن جيان ڇِنا ۽ تزناهن.

لوهارن (Iron Smiths) ۽ سونارن (Gold Smiths) جيان لفظن جي جڙت ڪندڙ ڪاريگر (Word Smiths) بہ ٿين ٿا، جيڪي پنهنجي فنڪاراڻي جڙاءُ جڙاوت سان لکت جي ميدان ۾ شاهڪار رچيندا آهن. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ بنيادي توڙي ايڊوانس لغتن جي ترتيب تاليف ضروري آهي تہ جيئن تحرير، تخليق ۽ پڙ ترجمي ۾ سولائي ۽ سونهن، نُدرت ۽ تنوع پيدا ٿئي.

تصوف جي هڪ ڪتاب ڇپائڻ جي سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ حيدرآباد جي چيئرپرسن فهميده حسين سان سندس آفيس ۾ ملاقات ٿي. تصوف وارو ڪم تہ نہ ٿيو پر ميڊم مون کي "انگريزي- سنڌي ميڊيڪل ڊڪشنريءَ" جي جوڙجڪ جو ذمو سونپيو.

جيئن تہ لسانيات بہ منهنجي وڻت واري فيلڊ آهي ۽ آءٌ لفظن جي منڊ جو منڊيل آهيان، مون کي ڏيهي پرڏيهي ڏهہ ٻولِيون ڳالهائڻ ايندِيون آهن. ان کان سواءِ ڪيترين ئي ٻين ٻولين جو لفظي خزانو منهنجي ذهن جي ذخيري منجهہ موجود آهي. ٻيو جهونين ٻولين: مصري مورتي نوان اکر (Hieroglyphs)، بابلي چيڻاٽنا اکر (Cuneiform) ليڪائتي لپي (Linear A and B)، نارس رِيُونز (Runes)، سرياني (Syriac)، آرامي (Aramaic)، عبراني (Hebrew)، يوناني، لاطيني، سنسڪرت ۽ مايا لپين وغيره سان اونهي دلچسپي آهي. ان ڪري مون بہ اها ذميواري قبول ڪئي.

هونئن انگريزيءَ ۾ انيڪ، اڪيچار ميڊيڪل ڊڪشنريون موجود آهن، جيڪي تمام ايڊوانس ۽ چوٽ چڙهيل آهن، اُهي پنهنجي سوسائٽيءَ

جي ضرورت کي پورو ڪن ٿيون. پر اسان سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ماڻهن جي گهُرجن کي آڏو رکندي نينسي روپر جي Pocket Medical Dictionary کي چونڊيو. اُن کي پنهنجي طبي لغت جو ماڊل بنايو آهي. اها ميڊيڪل جي شاگردن، نرسن ۽ عام ماڻهن لاءِ نهايت موزون آهي. ان ڊڪشنري منجهه سمورا ضروري ۽ بنيادي لفظ موجود آهن.

سنڌي طبي لفظن لاءِ ٽي ماخذ آهن:

(1) ميڊيڪل پريڪٽس دوران پنهنجي ڄاڻ.

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي "جامع سنڌي لغات."

(3) پرما ننډ ميوارام جون "انگريزي- سنڌي" ۽ "سنڌي- انگريزي" ڊڪشنريون.

ٻوليءَ جون پاڙون ٻهراڙيءَ ۾ ٿينديون آهن. اصل ۾ ٻولي اها آهي جيڪا ماڻهو ڳالهائيندا آهن. ڪنهن ماڻهوءَ هارون رشيد جي "ملڪ الشعرا" (راڄ ڪوي) ابو نواد جي ڪنهن غير فصيح لفظ تي ٽوڪ ڪئي، جيڪا کيس ڏاڍي ڏکي لڳي، هو صحرا ۾ وڃي بدوئن وٽ ساندهه ٽي سال رهيو. موٽي اچڻ کان پوءِ سيني کي للڪاريندي چيائين ته هاڻي منهنجي ٻوليءَ مان ڪا چُڪ ڪڍي ڏيکاريو.

منهنجو لهجو شڪارپوري آهي ۽ آءٌ شهري آهيان. سنڌي معياري ٻولي وچولي يا حيدرآباد جي آهي. انڪري مون لبيا جي فوجي سروس کانپوءِ موٽي 1976ع ۾ اُڏيري لال اسٽيشن تي اڍائي سال ڪن ميڊيڪل پريڪٽس ڪئي ته جيئن ٻهراڙيءَ جي ڪلچر ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻ ٿئي.

عربي هڪ نهايت ٻلوان ٻولي آهي، اها جنهن به ملڪ ۾ وئي اُتان جي مقامي ٻولين کي کائي وئي. ڪيئي ملڪ، جيڪي نسلي طور عرب نه هئا، سي عربي ڳالهائڻ ڪارڻ عرب سڏائي رهيا آهن. جهڙوڪ مصر، لِبيا، مراڪش، الجزائر، لبنان، فلسطين، عراق ۽ شام وغيره. پر ٻن ٻولين فارسي ۽ سنڌيءَ عرب اثر قبول ته ڪيا پر هيل تائين پنهنجو تشخص برقرار رکنديون اچن پيون. جيتوڻيڪ هر عرب ملڪ جو پنهنجو مخصوص لهجو آهي، پر سڀ ملڪ ادب توڙي صحافت ۾ معياري فصيح عربي استعمال ڪندا آهن.

آءٌ ڪيترن ئي عرب مُلڪن ۾ رهيو آهيان. مون کي چار عربي ٻاشائون. لِبي (عربي، بربر، ترڪي ۽ اطالوي جو گاڏاپو)، مصري (قِبطي اثرات)، سعودي ۽ يمني ڳالهائڻ اينديون آهن. اُتي مون مشاهدو ڪيو تہ هڪ عام عرب نہ رڳو عربي ڄاڻي ٿو پر جي ڪيس ڪا نئين سائنسي ايجاد ڏيکارجي ٿي تہ فوراً ان جو عربي نالو ايجاد ڪري ٿو. جيئن اسان وٽ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن موٽرسائيڪل جو نالو "ڦٽڦٽيو" يا "ٽپٽپيو" رکيو آهي، عرب ۽ سنڌي ماڻهن ۾ اها مشترڪ خوبي آهي، جنهن مان فائدو وٺڻ کپي. ٻي خوبي اها آهي تہ سنڌي ماڻهو سنڌي ٻوليءَ جي خوبيءَ سبب ٻين ٻولين مان ڪا ڏيهي يا پرڏيهي ٻولي جلد سکي وٺي ٿو.

عربيءَ جيان سنڌيءَ جي بہ هڪ انوکي خوبي آهي تہ هڪ شيءِ لاءِ ويهارو کن سنڌي لفظ آهن. اوهان ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي ڪا بہ شيءِ ڏيکاريو، هوريان هوريان ان جا ڪيئي نالا ٻڌبا ويندا.

مون کي اهو ڏسي حيرت ٿي تہ ٻهراڙيءَ جي ماڻهوءَ کي جنهن بہ مرض، علامت ۽ اهڃاڻ جي خبر آهي ان جا ويهارو کن نالا آهن ۽ هو پنهنجي بيماري ٻڌائڻ وقت اهي سمورا طبي اصلاح استعمال ڪري ٿو. هيل تائين سنڌ ۾ پنهنجي ميڊيڪل پريڪٽس دوران مون اهي سمورا نالا يا طبي لفظ سکيا. اسان کي خوشي آهي تہ اهو خزانو هن طبي لغت ۾ محفوظ رهجي ويو.

منهنجو ٻيو ماخذ سنڌ جي برک اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي "جامع سنڌي لغات" آهي، جيڪا اتر، وچ ۽ لاڙ جي سمورين سنڌي اپ ٻاشائن جي لفظن جو خزانو آهي. پر لغت کي ايڊٽنگ جي سخت ضرورت آهي، ان ۾ اجا بہ ڪافي سنڌي لفظ ڪٽل آهن. تنهن ڪان سواءِ لغت نويسي (Lexicography) هڪ الڳ خاص علم يا سائنس آهي، جنهن ۾ هر لفظ آڏو ان جي لفظي، اصطلاحي ۽ مُعنوي معني گهٽ ۾ گهٽ سولن لفظن اندر ڏنل هجي، جو ان جو اصل مفهوم سمجهہ ۾ اچي وڃي.

مون ڏنو تہ طبي اصطلاحن آڏو بدل لفظن جا ميڙ آهن، پر ڪي لفظ انهن اصطلاحن سان لاڳو ٿي ناهن. مون اها اڻاٺي دور ڪري، پنهنجي طبي لغتن ۾ شامل ڪيو آهي. اسان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا ٿورائتا آهيون جو هن اهو خزانو اسان کي سونپيو آهي، پر ان جي سنوار ۽ وڌاءُ اسان جي ذميواري آهي.

منهنجو ٻيون سرچشمو سُرڳواسي پرمانند ميوارام جون ٻہ سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي – سنڌي ڊڪشنريون آهن. ورهاڱي کان اڳ اهو پرمانند صاحب جو وڏو ڪارنامو آهي، پر جيئن تہ هو ميڊيڪل ڊاڪٽر نہ هو ان ڪري ڪٿي ڪٿي درست طبي لفظ يا معنائون ڪونہ ڏنل آهن. مون ڊاڪٽر بلوچ ۽ پرمانند جي لفظن جي ڀيٽ ڪري پوءِ انهن کي اپنايو آهي.

مٿين ٻن ماخذن کانسواءِ مون مختلف "انگريزي- اردو" ۽ "اردو- انگريزي" ڊڪشنريون ۽ عربي، فارسي، هندي ۽ سنسڪرت جون لغتون بہ نظر مان ڪيديون آهن.

مون ٿنڌي آدم ۾ پنهنجي ميڊيڪل پريڪٽس دوران پدم پبليڪيشن جو بنياد وڌو جنهن جو پهريو ڪتاب "چمڙيءَ جون بيماريون" هو. مون پاڪستان آرمي ۾ 74_1971ع دوران چمڙيءَ جي مرض جي ٽريننگ حاصل ڪئي هئي. اُن مهل ميڊيڪل اسٽوڊنٽ توڙي جنرل پريڪٽيشنر کي چاماٺو بيمارين جي نہ هئڻ برابر ڄاڻ هئي. سنڌ ۾ رڳو هڪ ڊاڪٽر ٽي ايچ هارون (ڪراچي) چاماٺو بيمارين جو ماهر هو.

مون اهو ڪتاب 1982ع ۾ دکي نيرنگ پريس (قلعو حيدرآباد) جي حوالي ڪيو جيڪو منهنجي ڊرائي سبب 1987ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. چمڙيءَ جي بيمارين جي موضوع تي اهو سنڌي ۾ پهريون ڪتاب هو. 1982ع تائين اردو ۾ بہ 'جلدي امراض' جوڪو ڪتاب نہ هو.

منهنجي ان ڪتاب ۾ چمڙيءَ جي بيماريءَ جي احوال ۽ علاج کان سواءِ مختلف ڏيهي پرڏيهي ٻولين ۾ هر مرض جا نالا، لاڳاپيل سنڌي اصطلاح ۽ فرهنگ (Glossary) ڏنل هئي.

مون کي يقين هو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايتري اهليت آهي جو ان ۾ کو بہ ڏکي ۾ ڏکي سائنس وارو ڪتاب لکي سگهجي ٿو ۽ هي موضوع بہ تمام ڏکيو هو. ٻيو مقصد ليکڪن کي چُرچ ڏيڻي هئي تہ هو بہ سنڌيءَ ۾ سائنسي ڪتاب لکن. ان جي بهترين موٽ جو مثال هيٺ ڏجي ٿو.

جڏهن ڊاڪٽر منظور حسين ميمڻ سان ملاقات ٿي تہ هن ٻڌايو تہ هو ٻارڙن جي بيمارين ۾ MCPS هو. پر هتي ڪتاب پڙهي هُن چمڙيءَ جي بيمارين ۾ بيهر MCPS ڪئي. هاڻي هو Dermatological Association of Pakistan جو جنرل سيڪريٽري آهي. هن باصلاحيت شخص هيل تائين سنڌ، بلوچستان، پنجاب وغيره جي ڏورانهن علائقن ۾ چمڙيءَ بابت 500 مفت ميڊيڪل ڪيمپس لڳايون آهن. جيڪو هڪ منفرد ذاتي ڪارنامو ۽ گنيز بڪ ۾ رڪارڊ آهي. آءٌ بہ سندس 50 کن ڪيمپن ۾ بطور چاماٿو ڊاڪٽر شرڪت ڪري چڪو آهيان.

علم النفس اڳ فلسفي جي شاخ هو. پر پوءِ ان کي هڪ الڳ علم جي حيثيت ڏني وئي. هاڻ نفيسات مَنُ (ذهن، mind) جي هڪ تجرباتي (Empirical) سائنس آهي. سنڌيءَ ۾ نفسيات لاءِ هڪ الڳ انگريزي- سنڌي لغت هئڻ کپي، جنهن ۾ سنڌي تز لفظ ڏنل هجن. جو پروڙ (ادارڪ Perception)، سُنهائي (وقوف، Cognition) يا چت (شعور Consciousness) جهڙن اصطلاحن ۾ ڪا تفريق يا تخصيص ڪا نہ ٿي ڪئي وڃي. ان هوندي بہ هن طبي لغت ۾ ضروري نفسياتي اصطلاح شامل ڪيا ويا آهن.

مون هن لغت ۾ انگريزي طبي اصطلاحن جو نہ رڳو اُچار ڏنو آهي، پر ڏنگين ۾ ان جي سنڌي معنيٰ سميت يوناني [G]، لاطيني [L] يا اينگلو سئڪسن [A.S] پاڙ بہ ڏني آهي، نتيجي طور ڪيئي يوناني ۽ لاطيني لفظ سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن. ان کان سواءِ گهرج آهر ميڊيڪل اصطلاحن سان گڏ عام انگريزي لفظ بہ ڏنل آهن.

انگريزيءَ جو اصل بڻ بنياد جرمنڪ ٻولي آهي. جيئن سنڌي ۽ سرائيڪي هڪ ٻئي کي سمجهي سگهن ٿا، تيئن جهوني انگريزي Old)

(English) ۽ جهوني جرمن (Old German) وارا هڪ ٻئي جو مفهوم سمجهي ويندا هئا. پوءِ مذهبي ۽ ڪلاسيڪي اثر هيٺ انگريزيءَ تي زوريءَ لاطيني گرامر مڙهيو ويو ۽ انهن پنهنجن علمي اصطلاحن کي سکڻ اندر شاگرد لاءِ ڏکيائي پيدا ٿئي ٿي.

خود نندي کنڊ ۾ مسلمانن مذهبي اثر هيٺ انگريزن جي اجائي پيروي ڪندي سنڌي يا اردوءَ ۾ عربي ۽ فارسيءَ مان ڳرا اصطلاح جوڙيا آهن. هندن اها ساڳي ڪار سنسڪرت سان ڪئي آهي.

L.C.M (ننڍي عام ڀيج اُپت) ۽ H.C.F (وڏي عام ڀيج اُپت) جي اردو اصطلاح "ذو ضعاف اقل" ۽ "مشترڪ عاد اعظم" خود اردو ٻوليندڙن ۾ چرچو بڻجي وئي آهي. هاڻ لسانيات (Linguistics) باقاعدي هڪ سائنس آهي، جنهن جون پنهنجيون لساني ليب آهن. آمريڪين کي ريڊ انڊين، سسو اپاچ، ڪومانچ، بليڪ ڪروز يا سيمينول وغيره جي انيڪ ٻولين سبب لساني تحقيق ۾ وڏو فائدو ٿيو آهي. هنن جديد سائنسن ڪمپيوٽر يا جينيات (Genetics) وغيره ۾ يوناني ۽ لاطيني بدران خود انگريزيءَ مان سادي سولي اصطلاح سازي شروع ڪئي آهي.

اصطلاح سازي هڪ اهم مسئلو آهي، اها مذهبي اثر بدران خالص لساني ۽ سائنسي بنياد تي هئڻ کپي. بنو عباس جي دور ۾ جڏهن حُنين بن اسحاق جهڙن مترجمن يوناني، سُرياني، عبراني يا سنسڪرت جهڙين ٻولين مان عربيءَ ۾ ترجما ڪيا هئا ته هنن ٽي اصول ٺاهيا هئا:

(1) پرڏيهي اصطلاح آڏو اڳ ۾ موجود ٺُڙ عربي لفظ ڏيڻ

(2) جي نه هجي ته خود عربيءَ مان اهو اصطلاح وضع ڪرڻ

(3) آخر ۾ پرڏيهي لفظ کي مُعرب ڪري اپنائڻ.

مثلاً: يوناني لفظ Paridos جو مُعرب فردوس ۽ سنسڪرت لفظ ڪپور جو مُعرب ڪافور.

مون به انهن مٿين بنيادي اصولن تي عمل ڪندي "انگريزي- سنڌي طبي لغت" ۾ سنڌيءَ جا موزون لفظ ڏنا ۽ گهڙيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جو خمير هن سرزمين جي مٽيءَ مان اُسريو آهي. ان ڪري انگريزن (لاطيني گرامر) ۽ اردو وارن (عربي صرف و نحو) جي غلطي ورجائڻ بدران سنڌي وياڪرڻ جو بُڻ بنياد ڏيهي اصولن موجب هئڻ کپي.

ساڳيو مسئلو اصطلاح سازي سان آهي. سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي اهليت، وسعت ۽ لچڪ آهي، ان ڪري عربي يا سنسڪرت جي ڦوڙتن لفظن اپنائڻ بدران خود سنڌيءَ مان اصطلاح گهڙڻ کپن. ڦوڙتن اصطلاحن ڪارڻ لاطيني ۽ سنسڪرت، ٻئي ٻوليون هينئر مري چڪيون آهن، جو انهن ٻولين ۽ عوام جي وچ ۾ وڏو ويڇو پيدا ٿي چُڪو هو. سنسڪرت جا بعض لفظ تہ آڱر برابر يا اُن کان بہ ڊگها آهن. آءٌ اڳئي ٻڌائي چُڪو آهيان تہ ٻوليءَ جون پاڙون عوام اندر هونديون آهن ۽ ٻولي اها آهي، جيڪا عام ماڻهو ڳالهائي ٿو.

انگريزي هينئر سائنس، طب ۽ قانون جي ٻولي آهي، ان ڪري هاڻوڪي دور ۾ ضروري آهي تہ انگريزي، سنڌيءَ لاءِ ماڊل هجي. هر انگريزي لفظ لاءِ سنڌي لفظ کُپائڻ سان اسان جي ٻوليءَ ۾ نہ رڳو واڌارو ايندو پر اها ترقي ۽ وسعت پيدا ڪري هاڻوڪي دور جون گهُرجون پوريون ڪري سگهندي پهريائين تہ خود سنڌيءَ مان اصطلاح گهڙڻ کپن، جي ضرورت پوي تہ خود انگريزي لفظ کي مُعرب نہ پر "سِنڌڪو" بنائي اپنائجي.

ٻ- ڄ- ڃ- ڏ- ڳ- ڱ- ڻ جا اکر يا آوازَ سنڌي ٻوليءَ جو پنهنجو مخصوص مزاج ۽ ميناج آهن. سنڌي ماڻهوءَ کي جي ڪو پرڏيهي لفظ ڏبو تہ هو اهي مٿيان اکر استعمال ڪري، ان کي "سِنڌڪو" بڻائي ڇڏيندو.

صوتيات (Phonetics) لسانيات جو اهم پهلو آهي، جنهن جو آڌار نج آوازي اکرن (حروف علت Vowels) ۽ سڄن اکرن (حروف صحيح Consonants) تي آهي، اڳوڻو انسان پنهنجي اوائلي دور ۾ نج آوازن سان گفتگو ڪاري ڳالهائيندو هو. سندس ٻولي پکين جي لاتين لنوڻ مثل هوندي هئي. آهستي آهستي انساني ٻولي علتي اکرن مان ارتقا ڪري پورا اکر استعمال ڪرڻ لڳي، پر جيڪي ٻوليون، جهڙوڪ: جرمن ۽ ويلش گهٽا پورا اکر استعمال ڪنديون آهن، اهي آوازي لحاظ سان اُگريون لڳنديون آهن.

جن ٻولين ۾ علتي اکرن جو گهڻو واهپو آهي، انهن ۾ صوتي سونهن ٻه سرس ٿئي ٿي.

صوتي سونهن جي لحاظ سان سرياني (Syriac) ۽ عبراني ٻئي ساڳي ترتيب سان 22 اکريون آهن:

ابجد هوز حطي ڪلمن سعفص قرشت

جنهن ڪانپوءِ 128 اکري عربيءَ ٻولي ٻين 16 اکرن جو اضافو ڪيو:

تخذ, ضظغ.

سُريانيءَ ۾ علتي اکرن ۽ وري پورن اکرن مثان زير, زبر ۽ پيش جي اعرابن سان معنائن جي ٻه وسعت آهي. هاڻي سرياني ۽ سنسڪرت ٻئي مئل ٻوليون آهن. پر سنڌي جيئري آهي. جو اُن ۾ نه رڳو سنسڪرت وانگر ساري صوتي سونهن موجود آهي، پر ان جا پنهنجا پيا اکر به آهن. جيڪي سنسڪرت ۾ ڪونه آهن:

ٻ ـ ڄ ـ ڏ ـ ڳ.

مون جڏهن سنسڪرت ۽ سنڌيءَ کي ڀيٽي ڏٺو ته ڪن سنسڪرتي اکرن جا اچار رڳو سنڌيءَ ۾ آهن:

ڃ: يان. (ञ)

ڱ: انگان. (ङ)

منهنجي خيال ۾ جي سنڌي اندر [ژ Zh=] ، مِٺي [ن] ۽ وڏي [ي] جا آواز يا اکر شامل ڪجن ته سنڌي آوازن ۽ اکرن جي لحاظ سان دنيا جي مڪمل ترين واحد ٻولي بڻجي ويندي.

ان ڪان سواءِ ٻيو مسئلو [ٽ] ۽ [ڙ] جي شڪارٻوري ڱتڪار (trill) جو آهي، جنهن لاءِ ٻه ڪي نشان يا اعراب هٿرڻ کپن.

صوتي سونهن جو برک ڄاڻو ۽ ان کي سُهڻي سريلي ريت ڪتب آڻيندڙ شاھ لطيف هو جنهن پنهنجي جينيس فنڪاري، سرسنگيت جي چاڻ سان سنڌي ٻوليءَ جي نرملتا, ڪوملتا ۽ ان جي مخصوص ڳڻن ڪان ڪم وٺي اسان جي ٻوليءَ کي چوڏهن چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. هاڻ ٻه هڪ اهڙي

لساني ڇاڻوءَ جي ضرورت آهي، جيڪو "ڇاپائو تختي" (Stereotype) نہ هجي، پر پنهنجي جينيس ۽ تخيلي قوت کان ڪم وٺي سنڌي ٻوليءَ کي سنواري.

هن موقعي جو جائز فائدو وٺندي مون طبي لغت ۾ ڪي ضميما بہ شامل ڪيا آهن. بہ ضميما ميڊيڪل ۾ استعمال ٿيندڙ يوناني ۽ لاطيني اکري اڳياڙين (Prefixes) ۽ پڇاڙين (Suffixes) تي مشتمل آهن. جن جا سنڌي بدل بہ ڏنا ويا آهن. جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ سرهو واڌارو آهن.

ٻيو ضميمو مسلم (عرب، ايراني، مصري يا ترڪ) طبيبن بابت آهي، جنهن جي خاص ڳالهہ اها ڇئبي جو طب ۾ انهن جي نظرين، ايجاد ۽ نئين واڌاري تي روشني وڌي وئي آهي.

جڙي ٻوٽين بابت بہ انهن جي نباتاتي سائنسي نالن جي الف-ب وار ترتيب موجب ضميمو ڏنل آهي، پر سنڌي ٻوٽن، ٻوڙن، وڻن ٽڻن جي هڪ الڳ باتصوير ۽ جامع لغت هئڻ کپي.

هيءَ انگريزي- سنڌي طبي لغت پهرين سِر آهي، جنهن مثان اوساري ڪٺي سگهجي ٿي. انگريزي آڪسفورڊ ڊڪشنري يا گري جي اناٽامي (انگ ڄاڻ) ابتدا ۾ پهرين سِر هئا، جن کي بعد ۾ جامع بنايو ويو. سنڌي سڄڻن جي تجويزن ۽ ايندڙ ڇاپن ۾ ڪاٽ ڪوٽ واڌارن سان هن کي بہ جامع طبي لغت بنائي سگهجي ٿو.

مون کي اميد آهي تہ روزمره جي استعمال واري هيءَ طبي لغت، ميڊيڪل ۽ نرسنگ جي شاگردن، شاگردياڻين، طبي تحريرن جي ليکڪن کي ڪم ايندي.

آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد جي چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ سيڪريٽري تاج جويو جو ٿورائتو آهيان.

ڪراچي، سنڌ ڊاڪٽر عاشق حسين ٻدوي

03 آگسٽ 2011ع

## مددي ڪتاب


1. جامع سنڌي لغات (5 جلد)، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ، ڇاپو ٻيو 2007
2. سنڌي- انگريزي ڊڪشنري، پرمانند ميوارام، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو ڇاپو ٽيون، 1991.
3. نيو انگلش- سنڌي ڊڪشنري، پرمانند ميوارام، ساهتيه اڪيڊمي، نيو دهلي، انڊيا، 1994.
4. چمڙي جون بيماريون، ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي، پدم پبليڪيشن، ٽنڊوآدم، 1987.
5. Pocket Medical Dictionary, Nancy Roper, The English Language Book Society Edinburgh and London, 10th Edition, 1966.

# پيش لفظ

مختلف ٻولين ۾ هن وقت بنيادي لغتن کان سواءِ سائنسي موضوعن (Subjects) تي لغتن جو رواج، گهرج ۽ تعداد تمام گهڻو تي ويو آهي. انهن موضاعاتي لغتن ۾ طبي لغتن جو جهجهيرو حصو آهي.

اسان جي سنڌي زبان ۾ پڻ لغتن جي اهڙي واڌ ويجهه جي اشد ضرورت محسوس ٿئي ٿي. اسان جي سماج ۾ علم طب جا بنياد ٽن طريقن سان موجود آهن.

(1) مقامي طريقہ علاج، جنهن ۾ ڦڪيوارن ۽ ناڙي اهم سمجهيا ويا آهن. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ چيو تہ:

تڏهن "ڦڪيون" فرق ڪن جڏهن آمر ڪرين ان کي

(يا)

ڍڪ پنهنجيون "ڏيون"، ڪڏ ڪٺي ۾ پون

(2) حڪيم يا طبيب، جن جي طريقہ علاج کي يوناني علاج ۽ هوميوپيٿي (Homeopathy) بہ چئجي ٿو. حڪيم ۽ طبيب تہ هن دؤر ۾ بہ دوائون هٿ سان ٺاهين ٿا، پر هوميوپيٿيءَ وارا ڪنهن حد تائين جديد سائنسي گسن تي روان دوان آهن. حڪيمن ۽ ويڄن کي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هن طرح ٿو ياد ڪري تہ:

تون حبيب، تون "طبيب"، تون درد جي دوا

(يا)

"ويڄن" ويٺي ئي، دوست پيهي در آئيو.

حڪيمانہ طريقہ علاج ۾ وري بہ عليحده شعبا آهن: (الف) جراحي (ب) نبض شناسي.

(3)ميڊيڪل (يا Allopathy) باوجود پهرين ٻن طريقن جي قدامت جي هيءَ جديد طريقہ علاج دنيا جي گلوب تي گهڻو ڇانيل ۽ حاوي آهي. حالانڪ هيءَ طريقہ علاج ڪو يوناني طريقہ علاج کان مختلف ڪو نہ ٿو چئي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ ايلوپيٿي طريقہ علاج جا بنياد ساڳي طريقن تان اخذ ڪيل آهن ۽ صحيح معنيٰ ۾ "علم طب" ئي سيني طريقن جو بنياد آهي، پر جنهن تيزيءَ سان مختلف سائنسي ايجادن جو سهارو ورتي، عاليشان ليبارٽرين ۽ آپريشن ٿيٽرن جي آڌار ميڊيڪل سائنس پوري سگهہ سان اڳتي وڌي آهي، انهيءَ کي قبول ڪرڻو ئي پوندو.

ميڊيڪل سائنس هن دور ۾ هڪ علم ناهي رهيو پر پنهنجي تشخيصي مرڪزن ۽ تجربيگاهن (Laboratories) جي بنيادن تي ڪيترن ئي علمن جو ڀنڊار ٿي پيو آهي ۽ پنهنجي مخصوص شعبن جي ڪري علم بدن جي هر هڪ حصي کي هڪ عليحده علم جي حيثيت ڏيئي ڇڏي آهي. مثال طور صرف دماغ جي علاج جي ٽن مختلف طريقن جي مخصوصيت سبب تي جدا علم جا شعبا ٿي پيا آهن. جيئن نيورو سرجري، نيورو ميڊيسن ۽ سائيڪيٽري (نفسيات)، هنن مخصوص علاج جي شعبن جو دارومدار وري ٻين بنيادي علمن تي ٽڪيل آهي. جيئن نيورو ايناٽومي، نيورو فزيالوجي، نيورو بايوڪيمسٽري، نيورو فارموڪولاجي، نيورو پيٿالوجي ۽ نيورو ريڊيولاجي وغيره.

مذڪوره مثال اها ڳالهہ واضح ٿو ڪري تہ نہ صرف "ڀيجو" يا "دماغ" پر دل، جگر، ڦڦڙ ۽ گردا وغيره سينيءَ جي علاج جو دارومدار ڪيترن ئي بنيادي علمن تي آهي.

هاڻي هنن علمن جي فقرن ۽ اصطلاحن کي سمجهڻ لاءِ لغت جو هجڻ ضروري آهي. هيءَ مثال اسان کي لغت جي اهميت بہ سمجهائي ٿو ۽ اهو بہ تہ ميڊيڪل جي شعبي ۾ ايجا بہ ڪيترين ئي لغتون گهرجن ٿيون.

اهڙي طرح اسان کي اهڙي لغت بہ گهرجي، جيڪا ٻن طريقہ علاج يعني علم طب ۽ ميڊيڪل سائنس جي اصطلاحن کي بہ هڪٻئي ڏانهن

سمجھائي سگھي ۽ پنھي طريقن جي علاج لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاحن جي سمجھاڻي بہ ڏئي سگھي.

اسان جي ھيءَ لغت جيڪا انگريزي ٻوليءَ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ آھي، اھا علم طب ۽ ميڊيڪل سائنس جي لفظن جي معنيٰ کي ھڪبئي جي پس منظر ۾ سمجھڻ ۾ تمام گھڻي مددگار آھي. ھيءَ لغت ھڪ عام پڙھندڙ کان وٺي ھڪ ڊاڪٽر ۽ حڪيم لاءِ ھڪجھڙي اھميت رکي ٿي. ھن لغت جي سھاري سان ھڪ حڪيم، جنھن ڪنھن مريض جي تڪليف جي تشخيص پنھنجي حڪيمانہ نبض شناسيءَ سان ڪئي ھجي، ان جو علاج وري "ايلوپيٿي" جو لٽريچر پڙھي انھن دوائن سان ڪري سگھجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اسان جي ملڪ جو ميڊيڪل سائنس جو سڄو ڪاروبار انگريزي زبان ۾ ھلي ٿو. انھيءَ ڪري انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ لغت جي وڏي ضرورت رھي آھي. حالانڪ ٻوليءَ جون لغتون تہ تمام عام طرح ھيون بہ آھن پر سائنسي طبي لغتون مارڪيٽ ۾ اڻ لڀ برابر آھن.

ھن لغت جي خاص خوبي اھا آھي تہ عام سنڌي ٻوليءَ جي ترجمي سان گڏ، علم طب جي سنڌي زبان ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاحن تي خاص آڌاريو ويو آھي. ھيءَ طريقو قابل مصنف ۽ ميڊيڪل سائنس سان گڏ علم طب جي مھارت جي بہ شاھدي ڏئي ٿو. ساڳئي وقت مصنف جو ٻن ٻولين تي عبور بہ ظاھر ڪري ٿو.

ھڪ عام پڙھيل ماڻھو جڏھن ڪنھن دوا جي پني تي Anti-Emetic يا Anti-Pyretic لفظ ڏسي ٿو تہ يڪدم ھن قسم جي ڊڪشنريءَ ڏانھن ڊوڙ ڪندو ۽ مذڪوره لفظ اينٽي (Anti) جي سيريز ۾ آسانيءَ سان کيس ترت خبر پئجي ويندي تہ ھيءَ دوا الٽي بند ڪرڻ جي آھي ۽ ھيءَ دوا بخار جي لاءِ آھي.

ھيءَ ڊڪشنري اسان جي سنڌ جي شھرن توڙي ٻھراڙيءَ جي انھن ماڻھن لاءِ تہ وڏي رھنمائي آھي، جيڪي ھن روشن دؤر ۾ بہ ٽوڻن ڦيڻن جي غيبي امداد ۾ آسرو رکيو ويٺا آھن. اھي پنھنجي نياڻين کي درگاھن تي وار ڇوڙي "ڌمال" جي آسري ۾ ڇڏيندا آھن تہ "جن" ڀڄي ويندا. ڪيڏيون نجا "مرگھي" يا Epilepsy جا مريض "خاڪ شفا" ۽ "گگر" جي دونھين ۾ پيا جيئن تہ ھاڻي

ڪجهہ مهينا طبيعت ٺيڪ ٿي وينديءَ هو جيڪا ميڊيڪل جي زبان استعمال ڪندا آهن. اها هڪ گهٽ پڙهيل ماڻهوءَ کي هِن ڊڪشنريءَ مان پڙهائي سگهجي، جنهن جو هڪ عام ماڻهوءَ تي اثر بہ سٺو ٿئي ٿو ۽ هو قبول ڪري ٿو تہ جيڪا ڊڪشنري ۾ لفظ جي معنيٰ لکي پئي آهي، هي طريقا ان جي بلڪل ابتڙ استعمال ٿين ٿا. اهڙي طرح هيءَ ڊڪشنري انهن انڊيرن مان هڪ عام ماڻهوءَ کي بچائڻ لاءِ پڻ ڪارگر آهي.

ساڳيءَ طرح هيءَ ڊڪشنري هڪ پرئڪٽس ڪندڙ ڊاڪٽر لاءِ وري اها آساني پيدا ڪري ٿي تہ هو جيڪو علم انگريزي زبان ۾ پڙهيو آهي، انهيءَ لاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ بہ سمجهي سگهندو. مثال طور جيڪڏهن ڪو مريض اچي ڪنهن ڊاڪٽر صاحب کي چوي تہ سائين مون کي "ڳُن-رڳ" جو سور آهي تہ هيءَ ڊڪنشري کيس سمجهائيندي تہ اهو "عرق النساءِ" يا "Sciatica" جو سور آهي، جنهن جي مريض ڳالهہ ڪري ٿو.

علم طب خواهہ سائنس جي ٻين علمن ۾ ڪي مخصوص اڳاڙيون (Prefixes) ۽ پڇاڙيون (Suffixes) لڳائي لفظن جي معنيٰ ۾ هڪ مستقل تبديلي آڻي سگهجي ٿي. هن ڊڪشنري جي لائق مصنف اهڙن لفظن جي، جيڪي اڳياڙي (Prefix) ۽ پڇاڙي (Suffixes) طور استعمال ٿين ٿا، ٻن ضميمن ۾ لسٽ ڏني آهي، هنن لفظن جي استعمال سان نہ صرف معنيٰ سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي، بلڪ اختصار جو بہ آسان طريقو آهي.

هن ڊڪشنريءَ جي ٽئين نمبر ضميمي ۾ مصنف طبي مُلهہ ڏنا آهن. هي تمام اهم جدول آهي، جيڪا هڪ حڪيم طبيب، ناڙيواڻ يا ڊاڪٽر جي لاءِ اهم آهي. اهڙيءَ طرح هڪ عام لکيل پڙهيل شخص بہ هن جدول جي مدد سان ليبارٽريءَ جون رپورٽون سمجهي سگهي ٿو. هن ضميمي جو هڪ وڏو ڪارج اهو بہ آهي تہ ڪنهن مريض جي بيماري سبب جيڪڏهن رت ۾ Hemoglobin جي سطح گهٽ آهي تہ کيس ڪيتري سطح تي دوائون ۽ ڪيتري سطح تي رت لڳائي سگهجي ٿو.

هن ڊڪشنريءَ جو ڇوٿون ضميمو مسلمان حڪيمن جي تاريخ بابت هڪ مختصر تعارف آهي، جيڪو پنهنجي موضوع ۾ ڊڪشنريءَ لاءِ بلڪل نرالو ۽ اهم آهي.

هن ڊڪشنريءَ جو پنجون ضميمو حڪيمن ۽ طبيبن جي طريقہ علاج ۾ استعمال ٿيندڙ جڙي ٻوٽين جي ذڪر ۽ انهن جي علم نباتات (Botany) ۾ استعمال ٿيندڙ نالن تي مشتمل آهي. هيءَ ضميمو انهيءَ ڪري بہ اهم آهي تہ علم طب ۽ ميڊيڪل سائنس جي فارموڪولوجيءَ جي علم جي نسبت ظاهر ڪري ٿو.

سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ تہ هيءَ سڄي ڊڪشنري پنجن ضميمن سميت مصنف جي گهڻ رخي علمن جي ڄاڻ جو وڏو ثبوت آهي.

لغت جو علم ۽ هن علم جي سماجي ڪارج جي باري ۾ اسين ساڳئي مصنف جي اڳ ڇپيل لغت "سنڌي- انگريزي طبي لغت" ۾ تفصيل سان لکي آيا آهيون. هتي اسين صرف لائق مصنف جو تعارف ورجايون ٿا تہ جيئن پڙهندڙ سنڌس هڪ علمي جهلڪ پسي سگهن.

هيءَ مختصر تعارف اها ڳالهہ بهرحال چٽي ٿو ڪري تہ اسان جو هيءَ موصوف صرف لغت نويس نہ آهي، پر پنهنجي خداداد لياقتن وسيلي هن ادب جي ٻين بہ شعبن ۾ بهتر خدمت ڪئي آهي. هو نہ صرف ميڊيڪل سائنس جي علمن جو ماهر آهي، پر هڪ سياح بہ آهي، جنهن منجهس لکڻ لاءِ گهڻو اتساهہ پيدا ڪيو آهي. ساڳئي وقت ڪيس پنهنجي سماج جو بہ خوب ڳوڙهو مطالعو آهي. سندس ان مطالعاتي ۽ مشاهداتي جوهر ن ئي هيءَ خوبصورت لغت وجود ۾ آندي آهي.

حيدرآباد سنڌ

**ڊاڪٽر اسد جمال پلي**

16- جنوري 2015ع

# ڊاڪٽر صاحب جي زندگيءَ متعلق

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي 30 جون 1942ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. هن لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس (MBBS) جو امتحان پاس ڪيو. سنڌيءَ کان علاوه انگريزي، فرينچ، فارسي، عربي، اردو سرائيڪي، هندي، بلوچي، پنجابي ۽ پشتو ٻوليون ڄاڻيندو هو. هن پاڪستان آرمي ڪانسواءِ، طرابلس ۾ لبيا آرمي ۾ به خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڪستان ايئرفورس ۾ ڪجهه وقت نوڪري ڪيائين. صوماليه ۽ جبوتيءَ ۾ به U.N.O جي طرفان ڪجهه پراجيڪٽس تي ڪم ڪيائين. پنهنجي هڪ N.G.O ٺاهي، ان جي معرفت به ڪجهه سماجي خدمتون سرانجام ڏنائين. سياحت جو شوقين هو آفريڪا ۽ عرب ملڪن ۾ گهميو. ڊاڪٽر جي حيثيت سان بيهوشي (Anesthesia) جي شعبي جو اسپيشلسٽ هو.

هنن هيڏين گونا گون مصروفيتن جي باوجود به هو علم ۽ ادب لاءِ ڪارائتو وقت ڪڍي سگهيو. ”تصوف“ سندس پسنديده شعبو هو. پر جهجهي علم ۽ لاياتي مشاهدي سبب هو ادب جي ٻين شعبن ۾ به ڊڪم ڪري سگهيو. لغت ۽ لطيفيات، کان علاوه سندس ڪيترن ئي موضوعن تي مضمون شايع ٿيل آهن. هن ٽيليويزن لاءِ اسڪرپٽ به لکيا ته اردو اخبار ايڪسپريس لاءِ ڪالم به لکيا. سندس ڏهاڪو کن اڻڇپيل ڪتابن کان علاوه ڇپيل ڪتابن ۾:

(1) چونڊ شاهڪار ڪهاڻيون.

(2) چمڙيءَ جون بيماريون.

(3) تصوف جون تجليون.

(4) طواسين (ترجمو: منصور بن حلاج)

(5) رهبر ڊائجسٽ جو نانڪ نمبر

شامل آهن. سنڌي ۽ اردو کان سواءِ سنڌس انڇپيل مواد هڪ انگريزي ڪتاب (The Mystic Poets of Sindh ) پڻ ادبي شاهڪار آهي، جيڪو سنڌس ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ڳوڙهي اڀياس جو شاهد آهي. هن ڪجهه سفرناما پڻ لکيا، جن ۾ "طرابلس جا ڏينهن ۽ راتيون"، "مالٽا جا مزا" ۽ "قاهره جي الف ليليٰ" شامل آهن. ان کان علاوه ماهوار سوجهرو ۾ سنڌس هڪ قسطوار ناول "ڪشباش" پڻ ڇپيو آهي.

ڊاڪٽر عاشق حسين صاحب، داتا گنج بخش لاهور انسٽيٽيوٽ آف آٽڪس ۽ ڪلچر، ڪراچي ۽ ٿياسافيڪل سوسائٽي ڪراچيءَ ۾ مختلف وقتن تي ليڪچر به ڏنا. پاڻ 1971ع جنگ ۾ به خدمتون سر انجام ڏنائين. جن جي مڃتا طور کيس جنگ جو پلو ۽ دفاع جو پلو پڻ ڏنا ويا.

ذاتي ملاقات:

مون کيس سڀ کان اول "رهبر ڊائجسٽ" جي نانڪ نمبر ۾ پڙهيو. بعد ۾ گهڻن سالن جي وٿيءَ سان ڪراچيءَ ۾ محترم ڊاڪٽر عابد لغاريءَ جي سٽ ۾ ساڻس ملاقات ٿي. آئون کيس ٻاهران ڏسندو رهيس ۽ هو مون کي اندران پڙهندو رهيو جنهن جو علم وٽس هو. ڇيائين هڪ طويل ۽ نويڪلائيءَ واري ڪچهري ڪبي، مون ها ڪئي مگر زندگيءَ جي فضوليات فارغ ٿيڻ نه ڏنو. ٻن سالن بعد ٻي ملاقات صدر ڪراچي ۾ ٿي. "آفيسرس ميس" ۾ ويجي ويناسين. هن نشت ۾ لغت تي ڪارائتيون ڳالهيون ٿيون.

پاڻ منهنجي ڳوٺ اچي بقول سنڌس سڪون سان رهڻ جي خواهش ڏيکاري پر اهڙو موقعو به نه ملي سگهيو مصروفيتن جي جهانن واري هن جهان ۾ هڪ ٻه دفعا فون تي ڳالهائيوسين ته وري چين جي لاؤسو ۽ ينائيءَ جي فڪر جي پيٽ واهه جي ڪيائين. ان کان پوءِ به ڪجهه مختصر ملاقاتون حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿيون.

هنن بي ترتيب ۾ اتفاقي ملاقاتن ڪندي هڪ ڏينهن 15 آگسٽ، 2012ع تي هو وجي پنهنجي خلقڻهار جي حضور ۾ پهتو منهنجي لاءِ سندس لکيل لغت جو مطالعو ياڳي ۾ آيو.

ڏڳ ڏرتي سنيري، ڪئين جوڏا ۾ جوان،
هٿا هزارين ڪيترا، هِت صوبا ۾ سلطان،
تنين جا مڪان، صادق سنيري ڪو نہ ڪو.
(صوفي صديق فقير صادق)

**ڊاڪٽر اسد جمال پلي**

رطوبتي اڻاٺ (pernicious allaemis)، معدي جي سرطان ۾ معدي اندر لوڻ جو تيزاب (Hcl) بلڪل ختم ٿي ويندو آهي. لوڻيائي تيزاب جي کوٽ يا اڻاٺ.

acholia (اڪوليا) [G.]
اَپتائي، بي پتائي، پِتي کان سواءِ، پِٽ، صفرا (bile) جي کوٽ يا اڻاٺ.

achondroplasia
(اڪونڊروپليزيا) [G.]
هڏ ڄامڙائي، هڪ پيدائشي بيماري، جنهن ۾ هڏن جي نشونما نہ هئڻ سبب ڊگها هڏا ننڍا ٿي پوندا آهن جنهن جو نتيجو ڄامڙائي آهي. هڏن جي نشو نما نہ ٿيڻ.

achromatopsia
(اَڪروميٽوپياسيا) [G.]
رنگ انڌائي، ان حالت اندر تمام رنگن جي مڪمل انڌائپ هوندي آهي، رڳو اڇ ۽ اچ نظر ايندي آهي.

achylia (اڪي لِيا) [G.]
اڪائي لائي، اَرسائي، بي رسائي، رسي اڻاٺ، ڪائيل (chyle) يا رس جي اڻاٺ، اَرسُوٽائي. رطوبت جي کوٽ.

acid (ائسڊ) [L.]
تيزاب، تکو يا کٽو پاڻي، کار (alkali) جو ابتڙ مثال، لوڻ جو تيزاب، شوري جو تيزاب يا گندرف جو تيزاب.

acidaemia (ائسي ڊِيميا) [L.]
رتُوٽي تيزابيت، هوا (آڪسيجن) جي گهٽتائي ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي گهڻ سبب رت ۾ کيرو تيزاب (lacticquad) وَڌَڻ ڪري رت ۾ تيزابيت پيدا ٿيندي آهي، تيزابي رت.

acidity (ائسِڊِٽي) [L.]
تيزابيت، کٽ، معدي ۾ تيزابيت ۽ چار اوڳرائي يا کٽيون اوڳرايون اچڻ، هانءَ ساڙ، چار اوڳرائي. اَگاري.

acidosis (ائسي ڊوسِس) [L.]
تيزابي حالت يا ڪيفيت، کار يا الڪلي جي اڻاٺ سبب رڳو تيزابيت هئڻ.

aciduria (ائسي ڊوريا) [L.]
پيشاب ۾ تيزابيت جو وڌڻ. تيزابي پيشاب.

acini (ائسي ني) [L.] (acinus
ڦقڙي مُڇا، ڦقڙ اندر سنهڙيون ڳوٿريون يا ڦوٽا جنهن اندر رس ڳارينڌڙ خليا هوندا آهن.

acne, acne vulgaris (ايڪني ايڪني وَلگيرس) [L.]
موهيڙا، منهن جا داڻا، منهن، نرڙ، نڪ، ڳچي، ڇاتي ۽ پٺ تي داڻا، جيڪي اڪثر بلوغت دوران نڪرندا آهن. ڪوسائي.

addiction (ائڊڪشن) [L.]
نشو، نشي جي هَيَر، نشوپتو، منشيات.

adduct (ائڊڪٽ) [L.]
ويجهو ڪرڻ، انگ يا عضوي کي بت جي وچين ڏگهي خيالي ليڪ ڏانهن ويجهو ڪرڻ يا سورڻ.

adduction
ويجهڙائي حرڪت، انگ عضوي يا مُشڪ جو ويجهڙائو عمل، ڏُور ڪرڻ، (abduction) جو ضد.

adductor
ويجهو ڪندڙ مُشڪ.

adenectomy (ائڊي نيڪٽومي) [G.]
گُردي جي مٿان وارو غدود ڪٽي ڪوري ڪڍڻ.

adenitis (ائڊي نائيٽِس) [G.]
غدود جي سوڄ، لِمف ڳوڙهيءَ جي سوڄ، غدودي سوڄ.

adenoids (ائڊي نوائڊِس) [G.]
نڙيءَ جا غدود، ٻارڙن جون ڪليون يا ڪوئليون.

adenoma (ائڊي نوما) [G.]
غُدودي ڳوڙهو، غدود جو غير سرطاني ڳوڙهو.

adhesion (ايڊهي ژن) [L.]
چُهنارو، سوڄ جي حالت ۾ ٻن عضون يا هنن جو ڪنهن تاندوري ٻنڌ وسيلي پاڻ ۾ چهٽي پوڻ.

adipose (ايڊي پوز) [L.]
چربي، وَهه، سٿڻ، چربيلو، دسمر.

adjuvant (ايڊجُوونٽ) [L.]
سهڪاري، مددي، امدادي، نسخي ۾ ڪا دوا، جيڪا ٻين دوائن جي عمل ۾ مدد ڪري، علاج ۾ واڌو سهڪاري طريقا.

adolescene (ايڊولي سينس) [L.]
بلوغت، نوجوانيءَ جي شروعات، ساماڻجڻ، ڦوڪجڻ، ڀاڀورجڻ.

adrenal (ائڊرينل) [L.]
مَٿ ٻُڪيو غدود، ائڊرنيل غدود، ٻڪين مٿان ٽوپيءَ جيان غدود جيڪي ائڊرينلين هارموني رس خارج ڪندا آهن، ٻُڪيءَ ٽوپ غدود.

adrenaline (ائڊر ي نلين)
ائڊرنيل غدود مان خارج ٿيل هارموني رس، ائڊرينلين کي ايپي نيفرين (epinephrine) يا ڪيٽي ڪولامين (catecholamine) ۾ چوندا آهن. اها ايسي ٽائل ڪولين جي ابتڙ عمل واري رس آهي. ان جو عمل سيٽائيندڙ آهي.

adrenergic (ائڊري نرجِڪ) [L.]
خودمختيار تنتي سرشتي جي سيٽائيندڙ شاخ (sympathetic) جو پيو نالو، جو ان جون تنتون ائڊرنلين خارج ڪنديون آهن. ائڊرنلين خارج ڪندڙ تنتون. ان

جو ابتڙ ڪولي نرجڪ (cholinergic) آهي. ادرنيائي.

**adventitia** (ائڊونِ ٽي شيا) [L.]
شريان يا نس جو ٻاهريون غلاف، ٻاهرين شرياني ڪل يا غلاف، شريان پوش.

**aerophagia- aerophagy** (ايروفيجيا- ايروفيجي) [G.]
هوا خوري، هوا ڳهڻ، پريشانيءَ ۾ گهٽي هوا اڳرڻ يا ڳهڻ واري حالت، هوا ڳهائي.

**aerosol** (ايروسول) [G.]
ڦوهاري جي شڪل ۾ دوا ڏيڻ، ڦوهارڙو.

**aetiology** (ايٽيولوجي) [G.]
ڪارڻ، ڄاڻ، مرض جو سبب يا ڪارڻ.

**afebrile** (افيبرِل) [G.]
اٽپيو، بي بخاريو، تپ يا بخار کانسواءِ.

**afferent** (افيرينٽ) [L.]
نياپو آڻيندڙ (تنتون، رت نليون، لمف نليون)، نٽندڙ (efferent) جو ضد.

**agalactia** (اگيليڪٽيا) [G.]
ٿڃ ٿورائي، ٿڃ سوڪ، ٿڃ ڪوٽ، ويم ڪانپوءِ ٿڃ سُڪي وڃڻ.

**agar** (اگار) [.]
مِٺمٺيو، ساموندي ٻوٽن مان حاصل ڪيل لڳ لڳدار مادو جيڪو هلڪي جلاب طور استعمال ٿيندو آهي.

**agenesis** (اَجني سِس) [G.]
سَنڍپائي، نامردي، اڻ زرخيزي، اڻ پيداواري، پيدائش يا ٻار نہ ھئڻ جي حالت، اڄمائي.

**agglutination** (اگلوٽي نيشن) [L.]
ڇهنجڻ، ڪونئرجڻ، ڳنڍا ڳنڍا ٿي چنبڙڻ، چَڪا چَڪا ٿيڻ، جيوڙن يا رت جي ڳاڙهن جزن جو پاڻ ۾ ڇهٽي ڳنڍا ڳنڍا بنجڻ.

**agglutinins** (اگلوٽينينس) [L.]
ڳنڍائڪ، ڳنڍا ڪندڙ مادا يا عوامل.

**aggression** (ائگري شن) [L.]
اڳرائي، جارحيت، ٻئي ماڻهوءَ تي ڪاهه ۾ اڳرائي ڪرڻ اهو دشمني يا اڳرائي جو ورتاءُ ڪمتري جي احساس سبب پيدا ٿيندو آهي. اُبراهپ.

**aglossia** (اگلوسيا) [G.]
بي زباني، اڄيائي، اڻ ڄيائي.

**aglutition** (اگلوٽي شن) [G.]
اڳهاٽي، اڻ ڳهائي، ڳهي يا اُڳري نہ سگهڻ جي حالت. (ڏسو: dysphagis).

**agnosis** (ائگنوسِس) [G.]
حِسي اسمجهائي، حسي تاثر نہ سمجهي سگهڻ واري حالت.

**agonist** (ائگونِسٽ) [G.]
چورَڪ يا ويڙهاڪ مُشڪ جيڪا سنجي چُرڻ ۾ مدد ڪري، دوا جيڪا عمل ۾ مدد ڪري. (ڏسو: antagonist)

agoraphobia (اگورافوبيا) [G.]
کُليل موڪرين جاين جو ڊپ يا ڏهڪاءُ، انهن جائين ۾ اڪيلائي جو خوف، وائڪي جاءِ ڊپُ.

agranulocytosis (اگرينيولو سائي ٽوسِس) [G.]
اڇن جزن جي اڻاٺ، سرطاني دوائن يا ڪرٽيائي علاج سبب رت جي اڇن ذرڙن جي اڻاٺ، اڇوٽا ذرڙا اوڻائي.

agraphia (اگريفيا) [G.]
لکي نہ سگهڻ واري بيماري، اَلِکيائي، اڻ لِکتائي، لکت ۾ خيالن جي اظهار جي نا اهلي.

ague (ائگُو) [F.]
سيئو تپ، مليريا بخار جو پراڻو نالو، واري جو تپ. (ڏسو: malaria).

aid
هٿرادو ويرجڻ، هٿرادو تخمريزي، عورت ۾ ٻئي مرد جو تخم يا ويرج داخل ڪرڻ.

ath
هٿرادو ويرجڻ، عورت ۾ سندس مڙس جو ويرج هٿرادو طور داخل ڪرڻ.

akathsia (اَڪيٿ زيا) [G.]
ٿَت ٿَت، ٿُتِڪو، ماٺ ڪري ويهي نہ سگهڻ، بيقراريءَ واري ڪيفيت.

akinetic (اڪائي نيٽڪ) [G.]
اَڄُر، نباڻُ چَرٻُر، چُپ چاپ، ماٺ ميٺ، بي حس و حرڪت، مِرگهي يا سڪتي جي حالت ۾ اَڄُر هئڻ.

albinism (البي نزم) [L.]
ٻَگائي، ٻگاڻ، ٻگائپ، ٻگ، ڪارَٺ (melanin) جي اڻاٺ سبب وار ۽ چمڙي اڇي ۽ اکيون گلابي هونديون آهن.

albino (البينو) [L.]
ٻگو، ٻگڙ، اڇو، پورو، هڪ پيدائشي حالت جنهن ۾ چمڙيءَ جا رنگ پيدا ڪرڻ وارا گهرڙا (melanocytes) ڪم نہ ڪندا آهن.

albumin (البيومِن) [L.]
البيُومِن، بيضي جي اڇاڻ جهڙي لڳلڳي حياتيات. (ڏسو: lactalbumin)

Albuminometer (البيونوميٽر)
البيومن ماپڻو.

albuminuris (البيومِنيُوريا)
پيشابي البيومن، لڳلڳ/ آنءُ.

alcohol (الڪوحل) [Ar.]
شراب ۽ اسپرٽ جو ست، الڪوحل.

alcoholism (الڪوحلزم)
شراب نوشي، الڪوحليت.

aldosterone (الڊواسٽيرون)
ايڊرنيل غدود جو رس، والڊو اسٽيروٽ.

alexia (اليڪسيا) [G.]
اکر انڌائي، لکيل يا ڇپيل لفظ جي سمجهہ نہ جڳائي.

alum (ايلَم) [.]
ڦٽڪي، زاج (ء). Potassium or ammonium sulphate.

alveolitis (ايلويولائٽس) [L.]
ڦڦڙ جي هوائي ڳوٿرين جي سوڄ.

alveolus (الويولَس) [.]
ڦڦڙ جي سنهي هوائي ڳوٿري، ڏند يا ڏاڙهه جو کُپ، غدودي ڳوٿري. (ڏسو: acinus) جمع = alveoli.

Alzheimer disease
جرمن طبيب الوئس الزهائمر جي نالي تي بيماري، الزهائمر مرض، ان جوپيو نالو presenile dementia آهي، پيريءَ ۾ دماغ ڇڻ ٿيڻ، ويسر جي بيماري.

amalgam (ايمل گم) [G.]
پاري جو مَٺُ (پارو + چاندي + قلعي) جيڪو ڏند جي سور پرڻ ۾ ڪم ايندو آهي.

amastia (ائمسٽيا) [G.]
اڻ اُرهائي، ڇاتيون نه هئڻ جو پيدائشي نقص.

amaurosis (اماروسِس) [G.]
انڌائي، انڌاپ، جُزوي يا پوري انڌاپ.

ambidextrous (ايمبي ڊيڪسٽروئس) [L.]
ٻه هٿيو، ٻئي هٿ استعمال ڪرڻ يا اُن سان لکڻ وغيره جوڳو، ٻئي ساڄڙيو ۽ ڪاٻڙو، ساڄڙيو ڪاٻڙيو.

ambivalence (ائمبي وئلنس) [L.]
ٻه جذبائي، ٻه جذبيو شخص جنهن ۾ ٻه ابتڙ جذبا (پيار ۽ نفرت) ساڳي مهل موجود هجن.

amblyopia (ائمبليوپيا) [G.]
جوت جهڪائي، اکين جي ديد جي جهڪائي جيڪا انڌائي ۾ تبديل ٿي وڃي، تماڪ پياڪ جي جوت جهڪائي ۾ دونهين جي نڪوٽين اندر سايانائڊ جي جذب ٿيڻ سبب جوت جهڪي ٿي ويندي آهي. ان جو علاج vi+A (پٽائي گجر ۽ جيراندي) آهي. ديد جهڪائي.

ambulatory (ايمبوليٽري) [L.]
هلڻ ڦرڻ جوڳو، ڇُرندڙ، متحرڪ.

amelia (اميليا) [G.]
اڻ انگائي، پيدائشي طور هڪ يا وڌيڪ هٿ پير، ٽنگون ٻانهون نه هئڻ.

amenorrhoea (امينوريا) [G.]
ماهواري نه هئڻ يا نه اچڻ، ڪپڙا نه اچڻ، مهينو نه اچڻ، اڻ ماهواري.

amentia (امينيشيا) [L.]
ٻاليولائي، ذهني خرابي.

ametria (اميٽريا) [G.]
پيدائشي طور ٻچيداني نه هئڻ، اُرحمائي.

ametropia (امي ٽروپيا) [G.]
نظر يا ديد جو خرابو، اک جي شفافيت ۾ گڙٻڙ سبب نظر جو خرابو، ڪديدائي.

amino acids (امِينو ائسڊس) [.]
امينو تيزاب، پيھر پروٽين جوڙيندڙ انگي تيزاب، لازمي امينو تيزاب 10 آهن: arginine, histidine, isolencine, leucine, lysine, methionine, phenylanaline, threonine, treptophane and valine. اهي بت اندر ڪونہ ٺهندا آهن. ان ڪري کاڌي ۾ لازم آهن.

amnesia (ائمنيزيا) [G.]
ڀُل، بي حافظائي، اڻ يادگيرو، يادداشت گم ٿيڻ، نسيان، اَيادائي. anterodrate amnesia حادثي کانپوءِ تازن واقعن جي ڀُل، retrograde amnesia حادثي کان اڳ پراڻن واقعن جي ڀل.

amnion (ائمينون) [G.]
گِبي جو سڀ کان اندريون پوش جنهن اندر گِبي پاڻي هوندو آهي. گِبوٽو پوش، گِبي پوش.

amniotic fluid (ائمنيوٽڪ فلوئڊ) [.]
گِبي پوش پاڻي (liquor amnii)، اندرين گِبي پوش اندر پاڻي يا پاڻياٺ، گِبي پوش پاڻي.

amoeba (اميبا) [G.]
اميبا (ميٽونٽڙو/changling)، هڪ خُليو مُفت کائو جيئڙو (parasite) آهي جيڪو اوائلي جيئڙو (protozoa) آهي. اميبا.

amoebiasis (اميبياسِس) [.]
رَت وارا دست. مروڙ وارا دست. پيچش (amoebic dysntry): اميبا جو قسم، a. histolytica کاڌي وسيلي وڏي آنڊي ۾ داخل ٿي اسر ۾ ڦٽ ڪري پيچش ۽ دست ڪندو آهي ۽ جي هن جگر ۾ وڃي واسو ڪيو تہ اتي جگر جو ڳڙ (hepatic abscess) پيدا ڪندو آهي.

amorphous (امورفس) [G.]
اَروپيو، اڻ شڪليو، بي شڪليو، جنهن جي ڪا باقاعدي شڪل نہ هجي. (پائوڊر وانگر)، پُرپُر.

ampule (ايمپول) [L.]
ايمپُول، ننڍڙي شيشي، سيل ٿيل شيشڙي جنهن اندر دوا جو هڪ وزن موجود هوندو آهي. بند نلڪي.

ampulla (ائمپولا) [L.]
ڦُنديل نلي، گهگهيءَ جيان ڦنديل، ڪنهن نليءَ جو ڦنديل حصو.

amputation (ائمپوٽيشن) [L.]
ڪپي ڌار ڪرڻ، ڪنهن انگ عضوي کي ڪپي بت کان ڌار ڪرڻ، ڪَٽڻ، وڍڻ.

amylase (امي ليز) [G.]
نشاستي انزائم، اهو انزائم جيڪو نشاستن کي کنڊ ۾ بدلائي، اميليز.

**amyloid** (امي لوائڊ) [G.]
نشاستي جيان، اميليز جيان، هڪ مِڻ جيان نظر ايندڙ نشاستو.

**amylum** (اميلَم) [G.]
نِشاستو (starch).

**anabolism** (ائنابولزم) [.]
گڏيندڙ عمل، ائنابولزم، هيءَ هڪ تعميري عمل آهي، جيڪو ميٽابولزم جو حصو آهي جنهن اندر سادين شين مان مرڪب شيون پيدا ٿينديون آهن جن اندر توانائي جذب ٿيندي آهي جيئن سادين شين يعني ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ پاڻيءَ مان ساون ٻوٽن ۾ اُس وسيلي مُنجهيل شيون يا مُرڪب گلوڪوس جي شڪل ۾ ٺهندا آهن. (ڏسو: catabolism ۽ metabolism).

**anacidity** (ائن ائسڊٽي) [G.]
اَن تيزابيت، نارمل تيزابيت، خاص طور هاضمي جي رس ۾ نه هئڻ جي حالت. (ڏسو: Achlorhydria).

**anaemia** (انيميا) [G.]
رتوڻي اٿاٽ، انيميا، رت ۾ رتوڻن يعني ڳاڙهن جزن ۽ هيموگلوبن جي گهٽتائي سبب پيدا ٿيڻ ڪوٽ، اها تڪليف vit. B12 ۽ لوهه جي ڪوٽ سبب پيدا ٿيندي آهي. رت اوڻائي.

**anaerobe** (ائن ايروب) [G.]
اڻ هوائيا (جيوڙا)، اهي جيوڙا جيڪي هوا يا آڪسيجن جي موجودگي ۾ وڌي ويجهي نه سگهن. اڻهوايو.

**anaesthesia** (ائن ايس ٿيزيا) [G.]
بي حِسي، اڻ احساسيت، اها ڪيفيت جنهن ۾ ڇهڻ جي حِس يا سُور جو احساس نه هجي ان جا ٽي قسم آهن: 1. عام بيحِسي، جنهن ۾ مريض کي مڪمل بيهوش ڪيو ويندو آهي، 2. مقامي بيحِسي، جنهن ۾ مريض جي جسم جي ڪنهن خاص حصي جي مقامي تنت کي سُن ڪيو ويندو آهي ۽ 3. ڪنڊائتي بيحِسي، جنهن اندر پنيءَ جي ڪنڊي جي بلڪل هيٺين مُهرن ۾ مغزي ڏوري کي سُن ڪرڻ جي دوا واري سُئي هڻبي آهي. دوائي بيهوشي.

**anaesthetic** (ائناس ٿيٽڪ) [G.]
سُن ڪندڙ، بيحس يا بيهوش ڪندڙ، ـ ائون جيڪي شيءِ يا سنگهائڻ وسيلي سن يا بيهوش ڪنديون آهن.

**anaesthetist** (ائناس ٿيٽِسٽ) [G.]
بيهوشيءَ واري علم (anaesthesiology) جو ماهر.

analeptic (ائنليپٽڪ) [G.]
تازگي يا ٽاٽائي ڏيندڙ شيءِ يا دوا اها دماغ کي جاڳائيندي آهي مثلاً: تيز بوءِ، امونيا، برانڊي، وغيره. ٽاٽائڪ دوا.

analgesia (انل جيزيا) [G.]
اَسُورائي، سور جي غير موجودگي.

analgesic (ائنل جيزڪ) [G.]
سور مار دوا، سور کي ٻُنجو ڏيندڙ دوا.

analysis (ائنليسِس) [G.]
تجزيو، ڇيد، ڇنڊ ڇاڻ، (ڏسو: نفسياتي تجزيو Psychoanalysis)

anaphylaxis (ائنافيلاڪسِس) [G.]
شديد ردعمل، شديد تکو حِسياتي يا الرجياتي ردعمل.

anasaraca (ائنسارڪا) [G.]
پوري عام ٿوٿر، جلندر، سڄي بت ۾ پاڻي پرجڻ.

anastomosis (ائناسٽوموسِس) [G.]
ٻن يا وڌيڪ شريانين/ رڳن جي شاخن جو هڪٻئي سان وات ۾ وات ملائڻ، ٻوٽ سان ٻوٽ ملائڻ، باهمي رڳوٽو رابطو.

anatomy (اناٽومي) [G.]
انگ ڇاڻ، عضون جو علم، وڍ ڪٽ وسيلي بت جي جوڙجڪ بابت علم، انگ وديا.

ancylostoma (ائن ڪليسٽوما) [.]
ڪُنڍي يا انگوڙي وارو ڪيڙو، اهو رت پياڪ ڪينئون ننڍي آنڊي جي 12 انچ حصي ڊُوڊينم ۾ رهندو آهي. (ڏسو: ankylostomiasis).

androgens (ائنڊروجِنس) [G.]
اُورن ۽ اَئنڊرنيل غدود مان خارج ٿيندڙ مرداڻي هارموني رس اهو مرداڻيون جنسي خصوصيتون پيدا ڪندو آهي. (ڏسو: testosterone)

androgyna (ائنڊوجينا) [G.]
کدڙي، نرماد عورت، اهو کدڙو جنهن ۾ مرداڻين کان زنانيون خصوصيتون وڌيڪ هجن.

androphobia (ائنڊروفوبيا) [G.]
مردن کان ڊپ يا ڏهڪاءُ، مرد ڊپائي.

anencephaly (ائنن سفيلي) [G.]
اَدماغي، اڻ دماغي، بالائي ڳين ۾ دماغ جي پيدائشي غير موجودگي.

aneurysm (اُنُورِزم) [L.]
شرياني ڦوند، رت نليءَ جي مقامي ڦوند.

angina (انجائنا) [G.]
ڇاتي ۾ سُور، سُور، گهٽيل سور، سيني يا دل جو سور (a.pectoris).

angiography (ائنجيوگرافي) [G.]
مريض جي نسن ۾ مخصوص دوا داخل ڪري دل جي شريانين جي جانچ ڪرڻ. رڳوٽي مورت.

anoperineal (ائنو-پيري-نِيَل)
[L. anus, مقعد; G. perineas, ] مقعد
۽ ڄمر انگ جي وچ واري جاءِ،
مقعد ۽ مقعدي ڄمر واري جاءِ.

Anopheles (ائنو- في- ليز)
[G. anopheles, چيهو رسائيندڙ]
مڇر جي هڪ جنس (genus) جو نالو،
جنهن جي مادي رت چوسڻ وسيلي
ماڻهوءَ ۾ مليريا يا سيءُ تپ جو
مرض ڏيندي آهي. (ڏسو malaria)

anorchus (ائن-اور-ڪَس)
[G. a, اڻ; orchis, آنورا].
ڄوڪرات ٻار ۾ آنورن يا خصين
جي پئدائشي غيرموجودگي، بي
خصيو، اڻ آنوريو.

anorectal (ائنو- ريڪ- ٽَل)
[L. anus, مقعد; rectus, سَڌو]
ڪاڄ نلي جي وڏي آنڊي جو
هينئين ڇيڙو، ڪاڪوس واري
جاءِ، مقعد ۽ سڌي آنڊي (rectum)
وارو حصو، مقعدو سڌ آنڊو.

anorectic (ائنو-ريڪ-ٽِڪ)
[G. a, اڻ, orexis, بُک]
بُک مار شيون يا دوائون.

anorexia (ائنو-ريڪ-سِيا)
[G. a, اَڻ: orexis, بُک]
بُک مرڻ، بک جي طلب مري
وڃڻ، کائڻ لاءِ دل نہ چوڻ، اُرچ،
بي بُکائي. نفسياتي طور بُک
ختم ٿيڻ، جو آخر ۾ معدي جو
استر بہ سڪي ڳري ويندو آهي .a
nervosa, نفسياتي بي بُکائي.

aosmia (ائنوس-مِيا)
[G. a, اَ; osme, بانس]
سنگهڻ جي حِس ختم ٿيڻ،
اَسُنگهائي، بي بانسائي.

anovular (ائن-اوُو-لَر)
[G. a, اَ; L. ovume = بيضو]
:a. bleeding اَبيضيو، اڻ بيضيو،
بيقاعدي زنانو رت جيڪو اڻ
بيضيو هجي اها باقاعدي ماهواري
ناهي.
:a. cycle، اڻ بيضائتي ماهواري
(ڏسو: metropathia hoemorrhagica)

anoxaemia (ائنوڪسي-مِيا)
[G. a, اَ; oxys, تکو; haima, رت]
رت ۾ آڪسيجن جي اڻاٺ،
رتوٽي آڪسي اڻاٺ (ڏسو:
hypoxaemia)

anoxia (ائنوڪسيا)
[G. a, اَ; oxys, تِکو]
لٽتي اُٽت (tissue) ۾ آڪسيجن جي
اُڻاٺ، لٽتي آڪسي اڻاٺ، (ڏسو:
hypoxia)

antacid (ائنٽ-ائسڊ)
[G. anti, خلاف; L. acidus, کٽو]
تيزابيت يا کٽاڻ کي ختم ڪندڙ
مادو يا دوا، تيزابيت ٽوڙ، کٽِ مار.

anteromedial (ا-ميڊيل) [L.]
اڳي ۽ وچ پاسي- اڳ وچيرو.

anteroposterior (ا. پوسٽيريَر) [L.]
اڳتي ۽ پوئين پاسي، اڳ پُٺيرو.

anterosuperior (ا. سپيريَر) [L.]
اڳتي ۽ مٿي، اڳ مٿيرو.

anteversion (ائنٽي- وَرشَن)
[L. ante, اڳ; vertere, ورڻ]
ڪنهن عضوي، انگ يا حصي جو اڳيرو ٿي ورڻ يا جهُڪڻ يا جاءِ ڇڏڻ، اڳ ورائي، (ضد = retroversion)

anthelmintic (ائن-ٿيل-مِن-ٽِڪ)
[G. helmins, ساپو]
آنڊي جي ڪينئن لاءِ ساپا مار دوائون.

anthracosis (ائنٿرا-ڪو-سِس)
[G. anthrax, اڱر; -osis, حالت].
دونهين ۾ ساهه کڻڻ سبب ڦڦڙن جي ڪارنهن يا اڱاري، ڦِڦڙائين ڪارڻ يا اڱاري.

anthrax (ائن-ٿريڪس) [G.]
مال مان وچڙندڙ بيماري، جيڪا هڪ موتمار پونئرو ڦُڙ (malignant pustule) پيدا ڪندي آهي، ان جي جيوڙي جو نالو Bacillus anthracis آهي.

anthropology (ائنٿرو پولوجي)
[G. anthropos, ماهر; logus, اڀياس].
انسان ذات يا ماڻهن (جي هڏڪاٺ، منهن مهاندي، ريتن رسمن بابت ڄاڻ) جو اڀياس، بشريات، ماڻهو ڄاڻ.

anti-allergic (ائنٽي- الرجڪ)
[G. anti, توڙ; ergon, سرگرمي; genesis, پيداوار]
حساسيت گهٽائيندڙ، الرجي توڙ، الرجي مار.

anti-anaemic (ائنٽي-ائني-مِڪ)
[G. haima, رت]
رتوڻي اٽاڻ دور ڪندڙ گماشتو، رتوڻي اٽاڻ روڪ.

antibacterial (ائنٽي-بئڪٽي-رِيَل)
[G. bakterion, ننڍو عملو].
جيوڙا مار گماشتو، جراثيم ڪُش.

antibiosis (ائنٽي بِيوسِس)
[G. bios, زندگي].
ٻن جيوئن جي وچ ۾ تعلق جنهن مان هڪڙو ٻئي لاءِ هاڃيڪار هجي، جيو هاڃيڪاري.

antibiotics (ائنٽي-بيو-ٽِڪس) [G.]
جيومار، جيوڙا مار دوائون مثلاً پنسلين يا ٽيڙا سائڪلين وغيره.

antibodies (ائنٽي بوڊيز)
الرجياتي مادن (antigens) جي رد عمل ۾ رت اندر پيدا ٿيندڙ سوس الرجي مار جسمڙا، ائنٽي باڊي.

anticholinergic (ائنٽي-ڪولي-نرجِڪ)

antihistamines (ائنٽي-هِسٽا-مِينز)
[G. histos, ماس; ammoniakon, وڻ جو ڪوئنر].
بت ۾ ماس اندر سِمندڙ هسٽاسين مادي کي روڪيندڙ دوائون جيڪي چاپاڪي جِسياتي حالتن ۾ ٿوڙ طور ڪم ايندِيون آهن، هسٽامين روڪ.

antihypertensive (ائنٽي-هائپرٽين-سِو)
[G. hyper, مٿي; tendare, اينگهڻ].
مٿي چڙهيل رتوٽي داب (blood pressure) کي هيٺ ڪندڙ دوائون يا گماشتا، وڌ رت داب روڪ دوائون.

anti-infective (ائنٽي-اِن فيڪ-ٽِو)
[L. infectus, جيوڙائپ ڪيڻ].
جيوڙائپ (infection) روڪ گماشتو، جهڙوڪ وٽامن [A].

anti-inflammatory (ائنٽي-اِن-فلي-مئٽري)
[L. inflammare, روڳ ڏيڻ].
سوڄ روڪيندڙ، روڳ روڪ يا سوڄ روڪ گماشتو.

antiluetic (ائنٽي-لُو-اي-ٽِڪ)
[L. lues, وبا].
آتشڪ (باد فرنگ/syphilis/lues) روڪ گماشتو. ٽاڪي روڪ.

antimalarial (ائنٽي-مليريل)
[It. malaria=bad air, خراب هوا، بد هوا)
مليريا (سيءُ تپ) روڪ اپاءُ.

antimetabolites (ائنٽي-ميٽا-بو-لائٽز)
[G. metabole, تبديلي].
گهرڙي جي غير ضروري واڌ روڪيندڙ مرڪب، جيڪي تکي (acute) ليوڪيميا ۾ ڏنا ويندا آهن جهڙوڪ فولڪ تيزاب وغيره. غير ضروري واڌ روڪ.

antimicrobial (ائنٽي مائڪرو بيَل)
[G. mikdros; ننڍڙو, bios, زندگي].
جيوڙا مار دوائون.

antimitotic (ائنٽي-ميٽو-ٽِڪ)
[G. mitos =ڏاڳو]
گهرڙي جي ڏاڳيائي ورڇ (mitosis) روڪڻ وڌ واڌ ان جي روڪڻ وارو گماشتو، ڏاڳيائي ورڇ روڪ.

antimony (ائنٽي-موني)
سُرمو اهو ڪاري آزار (leishmaniasis) جي علاج ۾ استعمال ٿيندو آهي (مارڪو پولو جي چاچي بِڪولو افغانستان ۾ سُرمي سان علاج ڪرايو ۽ نامرد ٿي ويو).

antimycotic (ائنٽي-مائڪو-ٽِڪ)
[G. mylees, سينور جو قسم]
سينور روڪ دوا.

وڻ جي ٽارن ٽارين جهڙي ترتيب، تنتيو (neurone) جي پنهي ڇيڙن تي تنتي تندن تارين جي ٽارين يا ڏارين جا مُڇا، ٽاراٽاريون، ڏار ڏاريون.

arboviruses (آربو-وائرسِز)
[L. arbor, وڻ; virus, زهر]
جيتامڙن (arthropods) وسيلي وچڙندڙ وائرسن جو ڪُڙم قبيلو، مڇرن وسيلي وائرسي ڪڙم، پيلو بخار، ڏِنگا بخار ۽ رفٽ ويلي بخار پيدا ڪندا آهن، واريءَ مک (sand fly)، واريًاسو تپ ڏيندي آهي ڇچڙن وارا وائرس سرسام جهڙا بخار پيدا ڪندا آهن.

arch (آرچ)
[L. arcus, محراب، ونگ، قوس، ڪمان]
ونگ يا ڪمان. جهڙوڪ شاهه شريان جي ونگ، پير جي ترّيءَ جي ونگ (arch of aorta; arch of foot).

arcus senilis (آرڪَس سينِلِس)
[L. arcus, ونگ; senilis, پيرسن]
پيرسن ماڻهو ۾ اک جي تاري جي چوڌاري هڪ غير شفاف ڇلو، جيڪو عمر وڌڻ جي نشاني آهي. پيريءَ جو ڇلو.

areola (ايريولا)
[L. area, ايراضي]
اُرهه جي ڏونٽي (nipple)، چوڌاري ڪارائيل ڇلو يا ٽِڪي، ڏُونٽيءَ جي ٽِڪي، ڪچو.

arginase (آرجي نيز)
جگر، بُڪين ۽ ترِيءَ ۾ موجود هڪ اينزائيم جيڪو آرجنين کي اورنيٿين ۽ يوريا ۾ ورهائي ڇڏيندو آهي. آرجينيز

arginine (آرجنين)
لازمي امينو تيزابن مان هڪ تيزاب آرجنين.

Argyll Robertson pupil (آرجِل رابرٽ سن پيُوپل)
اها ماڻڪي جيڪا نظري نهڪ خلاف ته نه پر روشنيءَ خلاف رد عمل ڏيکاري اها تنتي آتشڪ (neurosyphilis) جي پڪي سڃاڻپ آهي. (آرجل رابرٽسن (1837-1909) هڪ اسڪاٽ طبيب هو.) آرجِلي ماڻڪي.

ariboflavinosis (ايرائبو فلي- وي- نوسِس)
[L. ries, وڏي ڪشمش; flavus پيلو رنگ]
رائبوفليوين جي کوٽ سبب بيماري. (ڏسو: riboflavin)

arithmomania (ايرِٿمومينيا)
[G. arithmos, عدد; mania, جُنون]
هڪ قسم جي چريائپ جنهن ۾ عددي انگن بابت جنون يا خفت

هوندو آهي. انگي خفت، عددي جُنون.

**arm** (آرم) (brachium)

پانهن، بازو.

**arrectores pilorum** (اَريڪٽو-رز پاءِ-لو-رَم)

[L. arrectus, اُپو هئڻ، کان]

وارن جون پاڙائتيون مُشڪون جن سان وار ڪانڊاربا (Goose flesh) آهن. وارڪانڊار مُشڪ.

**arrhenoblastoma** (ايرينو بلاسٽوما)

[G. arreh, نر; blastus, جيوڙو; -oma ڳوڙهو]

بيضي دانيءَ (ovary) جو مرداڻي خاصيتون پيدا ڪندڙ ڳوڙهو.

**arrhythmia** (اي-رٿ-مِيا)

[G. rythmos, آهنگ].

دل جي ڌڙڪڻ ۾ هم آهنگي نہ هجڻ، دلي غير هم آهنگيون.

**arsenic** (آرسينِڪ)

سَنکيو، سِمياٽ يا زهرن مان آهي، جيڪو لوهہ سان گڏ ٽانڪ طور ڏنو ويندو آهي.

**artifact** (آرٽي فئڪٽ)

[L. ars, فن; factus, ٺهيل].

ڪنهن طبعي يا ڪيميائي گماشتي مان پيدا ٿيل هٿرادو پيداوار، ڪنهن اڏاوت يا ماس اُتڪ ۾ غيرفطري تبديلي. آرٽي فئڪٽ.

**arteralgia** (آرٽرليجِا)

[L. arteria, شريان; G. algos, سُور]

شريان ۾ سور، شرياني سُور.

**arteriogram** (آرٽيرِيوگرام)

[G. gramma, اکر]

شريان جو عڪسي فوٽو، شرياني عڪسي فوٽو. (شڪل)

**arteriopathy** (آرٽيرِيوپيٿي)

[G. pathos مرض].

شرياني بيماري.

**arteriole** (آرٽي رِيول)

[L. arteriola, ننڍڙي شريان]

ننڍڙي شريان، شريانڙي.

**arteriosclerosis** (آرٽي-رِيو اِس ڪليرو-سِس)

[G. sclerosis, سختي]

عمر وڌڻ سان شريانين جو پنهنجي جواني واري لچڪ وڃائي سخت ٿيڻ، جنهن سان رتوٽو داٻ (B.P.) وڌندو آهي، شرياني سختي.

**arteriovenous** (آرٽي-رِيو-وِي-نَس)

[L. vena, رڳ]

شريانن جي سوڄ، شرياني سوڄ.

**arteritis** (آر-ٽراءِ-ٽِس)

شريانن جي سوڄ، شرياني سوڄ.

**artery** (آرٽري)

اها رت نلي جيڪا دل کان عضون ۽ ماس تائين رت رسائيندي آهي، شريان. (ڏسو: vein)

ڏوڏيل ۽ جهٽڪن واريون حرڪتون، ڏڏڻ، مُشڪ ڏوڏائي.

atelectasis (ايٽي-ليڪ-ٽيسِس)

[G. ateles, اڻپورو; ektasis, واڌ]

1. ڦڦڙن جو پيدائشي اڻپورو وڌاءُ،
2. ڦڦڙ جو ماس بنان هوا جي سُسي وڃي ڦڦڙائون اڻپورو وڌاءُ.

atherogenic (ايٿيرو جينِڪ)

[G. athere, ڏارو; genes, پيدا ڪندڙ]

شرياني دبڪ (atheroma) پيدا ڪندڙ دبڪ پيدائڪ.

atheroma (ايٿروما)

شريانن جي اندرين تهه ۾ ڏاري داڻن مثل چربيءَ جا سخت پيلا چُهٽيل دبڪ دبڪ. اهي شريانن خاص ڪري ساهه جي نلين کي سوڙهو ڪري ڇڏيندا آهن، شرياني دبڪ- چربيلو شرياني دبڪ.

atherosclerosis (ايٿرو-اِسڪلي-روسِس)

شرياني چَربيلي دبڪ ۽ شريانن واري گڏيل حالت، دبڪ شرياني سختي.

athetosis (ايٿي-ٽو-سِس)

[G. athetos, بي مقام]

دماغي خرابيءَ سبب هٿن پيرن جون بي مقصد حرڪتون، هٿن پيرن جي ڏڪڻي.

athletes foot

ڏسو tinea pedis

atlas (ايٽ-لَس)

ڳچيءَ واري پهرين ڪرنگهي جي هڏي جيڪا مٿي جو گولو ڪنيو بيٺي آهي. اطلس ريڙهه. (يوناني ڏند ڪٿا ۾ اهو سورمو اطلس جيڪو ڪلهن تي ڌرتيءَ جو گولو ڪنيو بيٺو آهي).

atmosphere (ايٽ-ماس-فِيئر)

[G. atmos, ٻاڦ; sphaira, گولو]

ڌرتيءَ جي چوڌاري هوا جو غلاف يا گولو، وايو منڊل، فِضا، وايُو.

atom (ائٽم)

[G. atomos, اڻ ڪٽيل، اڻ ورهايل].

پرماڻو (پرم + اَڻو). نه ورهائڻ جوڳو جُزو يا ذرو، جوهر، ننڍي ۾ ننڍو ذرو، ذرڙو، جزڙو.

atomization (ائٽ-مائي-زيشن) [G.]

هڪ ميڪانيڪي طريقي سان ڪنهن پاڻياٺ کي سنهي ڦوهاري ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، ڦوهارائي، سنهي يا سنهڙي ڦوهار.

atonic (اَٽا-نِڪ)

[G. tonos, جان].

بيجان، ڪمزور، هيڻو، نِستو، لِيڙو، (ليڙائي atonia).

atopic (ايٽو-پِڪ)

[G. topos, جڳهه].

خانداني بيماري يا مرض، جهڙوڪ: سهڪو، چاپاکو ۽ ملو وغيره.

autdiogram (آڊيو گرام)
[L. audire, ٻُڌڻ; G. gramma, صورت، مورت، لکت، اکر]
آڊيوميٽر وسيلي ٻُڌڻ ماپ جو نقشو. ٻُڌڻ ماپ نقشو.

audiology (آڊيولاجي)
[L. G.]
ٻُڌڻ يا سماعت بابت اڀياس ٻُڌڻ ڄاڻ.

audiometer (آڊيوميٽر)
ٻُڌڻ ماپڻ اوزار.

auditory (آڊِٽري)
ٻُڌڻ بابت. ٻُڌڙائو. مغز جي لونڊڙيءَ واري گولڙي (temporal lobe) جي ايراضي جيڪا آواز سمجهندي آهي (auditory area)، ڪيپٽرائيءَ واري انين ٻُڌڻ تنت (auditory nerve)، ڪن جي ڍُهلڙيءَ وٽ ٻُڌڻ جون ٽي هڏڙيون، متر‌ڪو، سنداڻ ۽ رڪاب جي شڪل واريون (auditory ossicles).

aura (آرا)
[G. نسيم، هير]
دوري جي حملي کان اڳ، جهڙوڪ مِرگهيءَ ۾ هڪ مخصوص احساس وارو چتاءُ، مثال طور ڏڪڻي يا هڳاءُ.

aural (آ-رَل)
[L. auris, ڪن]
ڪَن بابت، ڪَنيو، ڪَنائون، ڪَنئي، ڪَنائتو، ڪَنُوٽو، ڪَنوتيو، ڪَن تپاسڻو اوزار.

auricle (آريڪل)
[L. auricula, پاهريون ڪن]
1. ٻاهرين ڪن جو ڪوڏ 2. دل جي مٿين ڪوٺڙيءَ سان لاڳو ماس 3. دِلي مٿين ڪوٺڙيءَ لاءِ عام طور غلط استعمال. ڪن جو ڪوڏ، ڪَنائتوڪوڏ، ڪنڙو.

auriscope (آرس-ڪوپ)
[L. auris, ڪن; skopein, تپاسڻ]
ڪن تپاسڻو اوزار.

auscultation (آس-ڪل-ٽيشن)
[L. auscultare, آواز ٻڌڻ]
ڪن لائي ٻُت، دل، ڦڦڙن وغيره جا آواز ٻُڌڻ، ڪاغذ کي نلي وانگر ويڙهي اُن سان ۽ چاتيءَ تپاسيءَ وسيلي بدني آواز ٻڌڻ جو طريقو، ڪنائي ٻُڌڻي. (ڏسو: stethoscope)

autism (آٽِزم)
[G. autos, پاڻ]
ٻاراڻي وهيءَ ۾ شخصي ڦوٽ جي بيماري، پاڻائپ.

autistic (آٽِس-ٽِڪ) [G.]
موڳو، پاڻ بابت بيمار خيال، وهمي، غير حقيقي سوچون ۽ لوچون پنهنجو پاڻ ۾ گم هجڻ، ائين شخصي ڦوٽ (autism) ۾ ٿيندو آهي!

autogenous (آٽو-جِي-نَس)
پاڻ پيدا ڪيل جهڙوڪ چمڙيءَ يا هڏي جو پيوند، پاڻ پيدائشيو.

autograft (آٽوگرافٽ) [G.]
ساڳي ماڻهوءَ جي ڳيي (tissue) جي سنڌس اندر پيوندڪاري (ڏسو allograft).

autohaemotherapy (آٽو-هيمو-ٿراپي)
پنهنجي رت ڪڍي ورائي پاڻ کي سُئي وسيلي هڻڻ وارو علاج اهو بار بار ڇاپاڪي جي علاج لاءِ ڪبو آهي، پاڻڪو رتُوٿو علاج.

auto-immunization (آٽو-اِميُو-ناءِ-زيشن)
[L. immunis, ڇُٽل، آزاد ٿيل].
پنهنجي جسماني مادي ڪان پاڻ حساسجڻ ان مان بيماريون پيدا ٿينديون آهن، جهڙوڪ graves disease, perni cions anaemia, .hashionotos disease, my odema
پاڻڪي حِساسائي، پاڻ حساسجڻ.

auto-infection (آٽو-اِن-فيڪشن)
[L. inficere, جيوڙائپ ڪرڻ]
پنهنجو پاڻ مان پاڻ کي جيوڙائپ (infection) جو شڪار بنائڻ پاڻ جيوڙائپ.

auto-intoxication (آٽو-اِنٽوڪسي-ڪيشن)
[G. toxikon, زهر]
بت ۾ زهريلن مادن پيدا ٿيڻ سبب پنهنجو پاڻ زهرجڻ، پاڻ زهرجڻ.

auto-antibody (آٽو-ائنٽي-باڊي)
[L.]
جسم ۾ رد عمل طور پيدا ٿيندڙ ويڙهاڪ جسمڙو: جيڪو ڏارئي جسم کي بي اثر ڪندو آهي، پاڻڪو ويڙهاڪ جسمڙو. (ڏسو: antibody)

auto-antigen (آٽو-ائنٽي-جن)
بت اندر ڪاهي ايندڙ ڏاريو مادو جيڪو پنهنجو پاڻ ويڙهاڪ جسمڙا پيدا ڪندو آهي، پاڻڪو ڏاريو جامائڪ، اينٽي باڊي.

autoclave (آٽوڪليو)
[L. clavis, ڪنجي]
1. گرم ٻاڦ وسيلي پنهنجو پاڻ جيوڙن کان پاڪ صاف ڪندڙ اوزار، 2. آٽوڪليو اوزار ۾ جيوڙا مار صفائي ڪرڻ.

auto digestion (آٽو-ڊاءِ-جيسشن)
[L. digerere, هضم ڪرڻ]
پنهنجو پاڻ کائجڻ، پنهنجن ئي هاضمي خميرن سبب معدي وارو ماس هضم ٿيڻ يا کائجڻ، پاڻ کائجڻ، پاڻ هضمجڻ (also autolysis).

auto-eroticism (آٽو-اِرو-ٽِسزم)
[G. eros, پيار]
خود لذتي، پاڻ لذتي، هٿ رس، جِنسي ڪَجرويءَ جو قسم. (ڏسو: masturbation)

**autolysis** (آٽو-لِ-سِس)

ڏسو auto-digestion.

**automatic** (آٽو-ميٽِڪ)

[G. automatos, پنهنجو پاڻ عمل ڪندڙ].

پنهنجي ارادي يا مرضيءَ کانسواءِ فعل يا عمل، بي ارادي، بي ساختہ، بي اختياري عمل، پنهنجو پاڻ، خودڪار.

**automatism** (آٽوميٽِزِم) [G.]

پنهنجو پاڻ يا بي اختيار عمل جي ادائگي جيئن ننڊ ۾ هلڻ يا هِسٽيريا ۽ مِرگهيءَ ۾ ٿيندو آهي. بي اختياري حرڪت.

**autonomic** (آٽو-نو-مِڪ)

[G. nomos, قانون]

خودمختيار، وات وڪيل، مرضيءَ جومالڪ، پنهنجو حاڪم. A. Nervous System: خود مختيار تنتي سرشتو جيڪو جاڳ توڙي ننڊ ۾ پنهنجو پاڻ ڪم ۾ رُڌل هوندو آهي. مٿس مرضي يا ارادو ڪونہ هلندو آهي جهڙوڪ دل ساهہ تي ڪنٽرول وغيره. هي سرشتو ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي:

1. sympathetic system
2. parasympathetic system

**autoplasty** (آٽوپلاسِٽي)

[G. plassein, روپ ڏيڻ]

پنهنجو پاڻ يا بت جي ماس مان پيوندڪاري، پاڻ پيوندائي.

**autopsy** (آٽوپسي)

[G. autopsia, پنهنجين اکين سان ڏسڻ].

لاش جي وڍ ڪُٽ (سجاٽپ طور)، لاشائين وڍ ڪٽ، لاشائين تپاس.

**autosuggestion** (آٽوسجيشن)

پنهنجا خيال پاڻ بنان تنقيد جي قبولڻ، پاڻ تجويزائي.

**autotransfusion** (آٽو-ٽرينس-فِيُو-زن)

[L. transfusion, منتقل ڪرڻ، اوتائڻ]

پنهنجي ئي وهيل رت کي پاڻ اندر منتقل ڪرڻ خاص ڪري پيٽ اندر گڏ ٿيل رت، پاڻمرادي رت منتقلي.

**avascular** (اي-ويس ڪيولَر)

[L. vasculum, ننڍي رت نلي]

رت يا نلين کانسواءِ ارتيو، بي ارتيو، اڻ نليو، ارت نليو.

**aversion** (اَوَر- زن)

[ٻُڇان، ڪِرِپ].

نفسياتي علاج جو طريقو، جنهن ۾ ڪرپ يا ٻُڇان پيدا ڪري مريض جي نشي جي هير ڇڏائجي. ڪِرپ، ٻُڇان.

**avian** (ائوِئن)

[L. avis, پکي]

پکين بابت، پکيائون، پکياتو.

**avirulent** (اي-ورُو-لينٽ)

زهر کانسواءِ، اڻ زهري، اڻ زهريو.

**avitaminosis** (اي-وِٽا-مِنو-سِس)

وِٽامن جي کوٽ سبب بيماري، اڻ وٽامنائي.

avulsion (اي-وَل-شن)

[L. aveilere, پٽي چڏڻ]

ننهن، عضوي، تنت کي زور سان پٽي دور ڪرڻ، پٽاءُ.

axilla (ايڪسيلا) [L.]

ڪڇ- بَغل.

axilliary abscan

ڪڇوراڙي، ڪڇوراڙ، ڪڇوراٽي، ڪڇ ڦلاڙي، ڪڇيرڻ.

axis (ايڪ-سِس) [L.]

1. ڳچيءَ جي ٻي ڪرنگهي واري هڏي-محور ريڙهه 2. وچ مان لنگهندڙ خيالي ليڪ، بت جي وچين ليڪ.

axon (ايڪسان)

[G. axon, محور]

تنتي گهرڙي جو وڌايل حصو جيڪو اُتان پيغام موڪليندو آهي، تنتي محور وارو.

azoospermia (ائزو-اِسپَر-مِيا)

[G. zoe, زندگي; sperma, ٻج].

مرداڻي ٻج جي پيدائش نہ هئڻ واري حالت، اٻيجائي، مرداڻو ٻج نہ هئڻ.

axotaemia (انرو-تي-مِيا)

[G. zotikos, زندگي بچائڻ لاءِ موزون]

رت ۾ يوريا جي موجودگي يا گهڻ، رت يُوريائي.

azoturia (ايزو-ٽِيُو-ريا)

پيشاب ۾ يوريا خارج ٿيڻ جو خرابو، مُٽ يوريا.

azygos (ازاءِ-گوس)

[G. zygon, ٻاجاري]

جوڙي نہ پر هڪڙو، اجوڙيو، ڇڙو، ڇڙوڇانڊ.

# B

Babinskis reflex or sign (بيبِنسڪِي)

معمول موجب جڏهن پير جي تريءَ کي ڪنهن نوڪدار شيءِ سان ڪرڙبو آهي تہ پير جو آڱوٺو هيٺ تري ڏانهن ويندو آهي پر جي اهو هيٺ بدران مٿي وري تہ سمجهبو (upper motor neurone) جي بيماري يا ان کي ڌڪ لڳل آهي. ٻيءَ پياڪ ٻار ۾ بہ آڱوٺو مٿي ورندو آهي، پر هلڻ سکڻ کانپوءِ اها نشاني نارمل ٿي ويندي آهي. بٿبنسڪ جي نشاني.

baby (بيبي)

ٻارڙو، ٻالڪو، ڪِڪو، ڪِڪي، ٻچو، ٻچڙو، ٻَچَڙُ.

bacillaemla (بيسي-لي-ميا)

[L. bacillum, لَڪُڻ]

(رت ۾ لَڪُڻي جيوڙا (bacilli)، رت لڪ جيوڙائي.

bacillary (بيسي-لَرِي)

ڏسو: dysentery.

bacilluria (بيسي-لو-ريا)

پيشاب ۾ لَڪُڻي جيوڙا، مُٽ لڪ جيوڙا.

Bacillus (بيسي-لَس) [L.]

هي جيوڙا لَڪڻ جي شڪل جا آهن، هي گند کائو جيوڙا اڪثر مٽي ۽ دز ۾ موجود هوندا آهن. لَڪُڻ جيوڙو، لِيڪَ جيوڙو.

bacteraemia (بيڪ-ٽريمِيا)

[G. bakterios, عملو]

رت ۾ جيوڙا، رت جيوڙائي.

bacteria (بيڪ-ٽيرِيا)

جيوڙا، ننڍا جيو آهن، جيڪي خوردبيني سان نظر اچن ٿا، هي هڪ گهرڙي تي مشتمل هوندا آهن ۽ پاڻ ۾ ٽڙڪي بہ اڌ ٿي نسل وڌائيندا آهن. هنن جي شڪل سڌي ڏنگي لائيري يا اسپائرل جيان هوندي آهي. جيوڙن مان ٻوٽن جانورن ۽ انسان ۾ بيماريون پيدا ٿينديون آهن. جيوڙو، جرثومو.

bactericide (بئڪ-ٽيري-سائڊ)

جيوڙا مار دوا.

bacteriociden (بيڪٽيريو-سائڊن)

جيوڙا مار ويڙهاڪ جسمڙا (antibodies).

bacteriologist (بئڪٽيريولوجسٽ)

جيوڙن جو ماهر.

bacteriology (بئڪٽيريولاجي)

جيوڙن جو اڀياس، جيوڙا ڄاڻ.

bacteriolysin (بئڪٽيريو لاءِ سِن)

جيوڙن جو ڳري ذرو ذرو ٿيڻ، جيوڙا ڳرجڻ.

bacteriolysis (بيڪٽيريو لاءِ سِس)
جيوڙن جو ڳري ذرو ذرو ٿيڻ، جيوڙا ڳرجڻ.

bacteriophage (بيڪٽيريو فيج)
[G. phagein, کائڻ]
جيوڙا کائو، بيا پاليل وائرس جيڪي جيوڙن کي بي پاڙيءَ جيان چوسي ناس ڪندا آهن.

bacterio stasis (بيڪٽيريو استي سِس)
[G. stasis, ساڪت ڪرڻ]
جيوڙي جي اوسر کي بيهاري يا روڪي ڇڏڻ، جيوڙا اوسر روڪَ.

bacteriotherapy (بيڪٽيريو ٿِراپي)
رت ۾ جيوڙا داخل ڪري بيماري جو علاج ڪرڻ جيئن neurosyphilis ۾ مليريا جو جيتامڙو داخل ڪبو آهي، جيوڙائي علاج.

bacteriuria (بيڪٽي، ريو، ريا)
پيشاب ۾ جيوڙا، مُٽ جيوڙائي.

bakers itch (بئڪرس اِچ)
ڇهاءَ واري چمڙيءَ جي سوڄ، اتي ۾ کنڊ سبب بئڪري واري کي خارش ٿيندي آهي، بئڪري واري جي خارش.

balanitis (بيلي-ناءِ-ٽِس)
[L. balanus, شاهه بلوط جو ٻج].

مرداڻي انگ جي سوپاريءَ ۽ ڳڏيل کل جي سوڄ، سوپاريءَ جي سوڄ.

balanoposthitis (بيلينو-پوس-ٿاءِ ٽِس)
[G. posthe, انگي کل]
مرداڻي انگ جي سوپاريءَ ۽ کل جي سوڄ.

balanus (بيلي- نَس)
مرداڻي انگ ۽ زناني ککڙيءَ جي سوپاري، سوپاري.

bandage (بينڊيج)
[F. band, پٽي]
ڦٽ ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي جي پٽي، پٽي.

Bardados leg (باربي-دوز-ليگ)
هاٿي پڳ، فيل پا. also elephant leg
(ڏسو: elephantia sis)

barbers itch or rash
حجم جي خارس، حجامي پاڇڙو.
ڏسو: sycosis barbae.

barotrauma (بيرو-ٽراما)
[G. baros, وزن; trauma, ڦٽ]
هوا يا پاڻيءَ جي سخت داٻ سبب ڏک يا ڦٽ، مثلاً ڪن جو پردو ڦاٽڻ، داٻوڏک.

bartholinitis (بار-ٿولي-ناءِ-ٽِس)
بارٿولي غدودن جي سوڄ، بارٿولي سوڄ.

Bartholins glands (بارٿولِن)
ڳهڻ (vagina) جي ٻاهرين ڳڙک وٽ ٻنهي پاسي ٻه ننڍڙا غدود جيڪي

جنسي ميلاپ مهل زناني رطوبت خارج ڪندا آهن. بارٿولي غدود.

basal ganglia (بيسل-گينگ-لِيا)
[G. basis, بنياد; gangkon; گوڙهي]
وڏي مغز جي پيڙهه ۾ اڇا گهرڙا جيڪي اِختياري مشڪن کي ڪنٽرول ڪندا آهن، انهن جي خرابيءَ سان هٿن ۾ بي اختيار ڏڪڻي (Perkinsons disease) پيدا ٿيندي آهي، پيڙهائتا گوڙها (ڏسو: (paralysis

base (بيس)
1. سڀ کان هيٺيون حصو، 2. ڪار جيڪا تيزاب سان ملي لوڻ ٺاهيندي آهي، بنياد، ڪار، ترو.

basement membrane
[L. membrane, سنهو پردو].
بنيادي يا پاڙائتو سنهو شفاف پردو، بنيادي پردو، تروار جهلي.

basilic (بيسِ-لِڪ)
[G. busilikos, شاهي]
ٺونٺ جي ور مٿان ٿلهي نمايان رڳ، شاهي رڳ (باسليق. ء).

basophil (بئزوفِل)
[G. basis, بنياد; philein, پسند ڪرڻ]
رت جي اڇن ذرڙن جو هڪ قسم جنهن کي بنيادي رنگجڻ ڏانهن گهولاڙبو آهي. بئزوفِل.

basophilia (بئزو-فِيَ-لِيا)
رت ۾ بئزوفل ذرڙن جي گهٽائي.

bath (باٿ)
ٽڙ، وهنجڻ، لِڱ پُسائڻ، غسل، حمام، شنان، ڏُوپ.

B.C.G. (Bacillus-Calmelte-Gue`rin)
سِلهه لاءِ سائو يا ٽُڪو.

beat (بِيٽ)
ڌڙڪو، دل جي ڌڪ ڌڪ، دڪ دڪ، ڌان ڌان، ڌڙڪو. (ڏسو: pulse).

bedsore (بيڊ سور)
بستري تي ڊگهي عرصي تائين ليٽڻ سبب اُبريل جائين تي ڳاڙها ڳاڙها ڦٽ جيڪي ويڪر ۾ وڌندا ويندا آهن. بستري جو ڦٽ. Also decubitus ulcer. (ڏسو: pressure areas ۽ pressure sores).

behaviour (بي- هي- ويَر)
جيو جو ڪنهن صورت يا حالت ۾ ماحول جي لحاظ سان رد عمل يا جواب، رويو، ورتاءُ، ورتائو علاج: behaviour therapy، (ڏسو: aversion)

behaviourism (بِهي-ويَر-اِزم)
نفسياتي اپروچ جو قسم جنهن ۾ جوابي رد عملن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي، ورتائيت.

Bells mania (بيلز مينيا)
هڪ شديد قسم جو نفسياتي جنون ۽ دبرجڻ (delirium) ۽ ذهني

انتشار هوندو آهي. بيل جو جُنون، بيلي جُنون. (ڏسو: mania)

Bells palsy (بيلز پيلسي)

واچ مُڙڻ، مُنهن جي تنت جي سيڪاجڻ يا سُن ٿي وڃڻ سبب واچ ڦِري ويندي آهي، منهن جو اڌ رنگ، واچ ڦرڻ، لقوو. Also facial paralysis. (ڏسو: palsy)

Bence-Jones protein (بينس-جوبز-پروٽين)

هڏن جي مک جي بيماريءَ ۾ پروٽين جا ترورا پيشاب ۾ ظاهر ٿيڻ، مِک جي بيماريءَ جو نالو myelomatosis آهي.

bends (بينڊز)

گهاتوئن يا غوطہ خورن جي بيماري جيڪا اونهائيءَ مان جلدي مٿي اچڻ ڪري پيدا ٿيندي آهي. رت نلين ۾ نائٽروجن جي بوڙين يا بُلبلن نهڻ سبب سخت ڳڏيون پونديون آهن. مروٽجڻ. گهاتوئي ڳڏيون. (caisson disease).

benign (بِنائن)

[L. benignus, مهربان]

ڳوڙهن جا ٽلهي ليکي ٻہ قسم آهن: 1. بِنائن: بي ضرر معصوم، اڻ هاجيو ڳوڙهو ۽ 2. موتمار (malignant) بي ضرر ڳوڙهو.

beri – beri (بيري-بيري)

[هيٺائي, beri, سِنگهابي]

رڳو گوشت کائيندڙ قومن ۾ وٽامن [B1] يا اينيورين جي گوري سبب-تنتي سوڄ، فالج، ڏوبر، ٿوٿر، ذهني لاٽ، آخر ۾ دل فيل ٿي ويندي آهي. بيري بيري. ڏسو: aneurine, thiamine, vitamin [B1].

biceps (باءِ-سيپس)

[L. bis, ٻِٽو; caput, مٿو، سر].

ٻن مٿن واري مُشڪ، ٻہ مٿي مشڪ، ڏوري جي مشڪ، ڏورو، ڏونرو، ڏيٽر.

biconcave (باءِ- ڪون- ڪيو)

[L. concavus, پورو، پولو]

ٻئي پاسا پيئيل يا پولا هجن، ٻہ پيئيو.

biconvex (باءِ-ڪان-ويڪس)

[L. convexus, اُپريل، اُپٽيل].

ٻئي پاسا اُپٽيل يا اُپريل هجن، ٻہ اُپٽيو.

bicornuate (باءِ-ڪارنُو-ايٽ)

[L. cornutus, سِگر]

ٻن سِگن وارو، اڪثر اُن رحم يا ٻچيداني لاءِ استعمال ڪبو آهي جنهن کي ٻہ سگ هجن، ٻہ سِگيو.

bicuspid (باءِ-ڪَس-پِڊ)

[L. cuspis, چهنب، اُپار]

ٻن اُپارن يا چهنبن وارو جهڙوڪ ٻن اپارن واري ڏاڙ (premolar) ۽

دل جي بہ- پُڙي ٻنجٽي (b. value)، ٻہ ڇھنبيو- ٻٽُ.

bifid (باءِ-فِڊ)
[L. findere, چيرڻ]
ٻن حصن ۾ چيريل يا وراهيل يا ڇانگيل جھڙوڪ چيريل تارون، ڇُپ ۾ spina bifisa ٻہ ڇانگ.

bifurcation (باءِ-فر-ڪيشن)
[L. bifurcus, ٻن ڇانگن وارو]
ٻن ڇانگن ۾ وراھيل، ٻہ ڇانگيو، ٻہ ڇانگائي.

bilateral (باءِ-لِيٽِ-رَل)
[L. leteralis, پاسائتو]
ٻنهي پاسن بابت، ٻہ پاسيو.

bile (بائل)
جگر جي ڪڙي گهاٽي پيلي سائي ۽ ڪاري رس جيڪا پِتي ۾ ڪٺي ٿيل هوندي آهي. پِتُ، صَفرا. پتي جي نلي (b. duct)، پتي جا رنگ (b. pigments)، پتي جا لوڻ (b. salts).

bilharziiasis (بِل-ھار-زِيا-سِس)
ڏسو also shistosomiasis.

biliary (بِل-يَري)
[L. bilis, پِتُ].
پت بابت- پِتوئي.

bilious (بِلي-يس)
1. پت بابت، 2. پَت جي گهٽائي بابت- پِتائون.

bilirubin (باءِ-لِي-رو-بِن)
[L. ruber, لال، ڳاڙهو].
پتائون رنگ جيڪو پتي جي نارنگي رنگ هئڻ جو ڪارڻ آهي. ڳاڙھ پتائون رنگ، ڳاڙهي پت.

biliuria (باءِ-لي-يُوريا)
پيشاب ۾ پتوئي رنگ وهڻ يا موجود هئڻ، پت مُتائي.

biliverdin (باءِ-لي-ور-ڊِن)
[L. virens, سائو]
پتي جو سائو رنگ، سائو پتائون رنگ، سائي پتُ.

bilobate, bilobular (باءِ-لوبيُو-لر)
[G. lobos, گولائي پاپڙي]
ٻنهي هٿن وسيلي، ٻہ هٿيو، ٻہ هٿيو تپاس يا عمل.

bimanual (باءِ-مين-يُوئل)
[L. manus, هٿ]
ٻنهي هٿن وسيلي، ٻہ هٿيو، ٻہ هٿي تپاس يا عمل.

binocular (بائنو-ڪِيُو-لر)
[L. occulus, اک]
ٻن اکين وارو، ٻہ اکيو. ڏسڻ ۾ ٻنهي اکين جو استعمال 2. ٻن اکين يا بلورن وارو اوزار ۽ دوربين.

binovular (بن-او-وِيُو-لر)
[L. bini, ٻہ ضربيان ٻہ, ovum, بيضو]
ٻن بيضن مان نڪتل يا ڦٽل، ٻہ بيضيو. ٻہ بيضيا جاڙا ٻار جيڪي

داٻ، رتوڻو داٻ، بلڊ پريشر. مٿيون رتوڻو داٻ (systolic p.)، جڏهن دل ڌڙڪي دوران سخت سيٽبي آهي، هيٺيون رتوڻو داٻ (diastolic p.) جڏهن دل ڦُنبي يا ڍري حالت ۾ هوندي آهي. نارمل بلڊ پريشر (120/80 m.m. Hg.). وڌيل رتوڻي داٻ کي (hypertention) ۽ گهٽيل کي (hypotension) چوندا آهن.

blood serum (بلڊ سِيرم)
رت جي ڄميل ٿنيجڻ کانپوءِ رتوڻو پاڻي، سيرم، رتوڻي پاڻياٺ.

blood sugar (بلڊ شُگر)
دوري ڪندڙ رت ۾ کنڊ يا مٺاڻ جو مقدار، نارمل مٺاڻ مقدار (120-80). وڌيل رتوڻي مٺاڻ کي hyperglycemia ۽ گهٽيل مقدار کي hypoglycaemia چوندا آهن.

blood transfusion (بلڊ-ٽرانس-فِيُو-زن)
هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ کي رڳ وسيلي رت جي منتقلي، رتوڻي منتقلي.

blood urea (بلڊ يُوريا)
رت ۾ يوريا جو مقدار (نارمل: 20-40 mg per 100 ml)، رتوڻو يوريا.
ڏسو: urea, uraemia.

blcod venel
رت نلي، رت واهڻ.

blue baby (بِلُو-بيبي)
ڪارو نيرو نئون ڄاوَل ٻار ان جو سبب دل جون ڪي پيدائشي خرابيون آهن جنهن ۾ ٻار ساهه گهٽجڻ ۽ آڪسيجن جي کوٽ سبب ڪارو نيرو نظر ايندو آهي. ڪارو نيرو ٻالڪ. Also blue asphysis.

blue pus (بِلُو-پَس)
Pseudomonas pyocyanea جيوڙائپ سبب ڦٽ مان نيري رنگ جي پُونءِ نڪرندي آهي، نيري پونءِ.

bluxism (بلُوڪسِزم)
ڏند پيڪڻ سبب مٿي ۾ سور هئڻ، ڏند پيڪوڙائي.

B.M.R. (Basal Metabolic Rate)
ڏسو: metabolic.

body
بت، بدن، جسم، جسد، جُثو، ديهه، ديهي، ڌُهي، قالب corpus, soma سَرير، ڏيل، ڪايا، ڍِڙ، لاش.

body image (بادِي اميج)
هر فرد جي ذهن ۾ پنهنجي جسم جو خاڪو يا عڪس يا مورت هوندي آهي، نفسياتي خرابي، پاسيري مغز جي ڳوڙهي يا ڪاپاري ڌڪ سبب اهو عڪس لڙائجي يا مروڙجي ويندو آهي. جسمي عڪس.

boil (بوائل) also furuncle (فَرَنڪِل)

cardio megaly (ڪارڊيو ميگلي)
[G. megas, وڏو]
دل وڏي ٿيڻ، دل وڏائي، دل وڏائي.

cardiomyopathy (ڪارڊيو مايو پيٿي)
[G. mys, مشڪ; pathos, مرض]
دل جي مشڪ جي بي سبب ۽ اڻ ڄاتل بيماري، دلي مُشڪائين خرابي.

cardiopathy (ڪارڊيو پٿي)
دل جي بيماري، دل مرض.

cardiopulmonary (ڪارڊيو پلمونري)
دل ڦڦڙائون.

cardioscope (ڪارڊيو اسڪوپ)
دل ڏسڻو اوزار، دل جي اندر تپاسڻ لاءِ اوزار.

cardiovascular (ڪارڊيو ويسڪيُولر)
[L. vasculum, ننڍي نلي]
دل ۽ رت نلين بابت، دل رت نليائون.

carditis (ڪار-ڊاءِ-ٽِس)
دل جي سوڄ، دل سوڄ.

caries (ڪئرِيز)
ڏند ۾ سوراخ ۽ سور اگاري، ماڪوڙي، ڏند اگاري؛ هڏيءَ جي ڪنڊي جو پڄڻ پُرڻ سبب هڏي جي سلهه. (spinal c. or potts disease)

carminative (ڪارمني ٽِو)
[L. carminare, پاڪ صاف ڪرڻ]
پيٽ جي آڦري ۽ سور کي ختم ڪندڙ دوائون: ڦودنو، ادرڪ، ڦوٽا، لونگ وغيره. هاضمو ڪندڙ دوا، جوارش.

carotene (ڪروٽِين)
[L. carota, پتائي گجر]
هڪ پيلو راڱو يا رنگ جيڪو جيري ۾ وٽامن [A] ۾ بدلبو آهي. گجري رنگ.

carotid (ڪاراٽڊ)
ڳچيءَ جي ٻنهي پاسن واريون شريانيون جيڪي ٻاهرين ۽ اندرين ڪاراٽڊ شريانن ۾ ورهايل آهن. اهي شريانيون منڍي ۽ ڳچي کي رت رسائينديون آهن. ڳچي شريانيون. اندرين ۽ ٻاهرين ڳچي شريانن جي ڇانگجڻ (c. bodies)، واري جاءِ وٽ ۾ ڦنڊيل گول جسمڙا، جن ۾ ڪيميائي وصوليندڙ (chemoreceptors) ڪنا ٿيل آهن، جيڪي رات ۾ ڪيميائي تبديلن کري ۽ حساس هئڻ سبب جسم کي آڪسيجن جي کوٽ کان بچائيندا آهن، ڳچي شرياني جسمڙا.

carpopedal (ڪارپوپيڊل)
[G. karpos, ڪرائي; L. pes, پير]
هٿن ۽ پيرن بابت، هٿ پيرائون دوري (tetany) جي حالت (c. spasm) ۾ سيٽجي ۽ آڪڙجي وڃن، ان

caustic (ڪاسٽِڪ)
[G. kaustos, سڙيل، جليل]
انگوريل ماس (granulation)، هسن ۽ مسن ڦڙائيتن گوڙهين (pulyps) کي جلائي ساڙي ختم ڪرڻ وارا گماشتا، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ سُڪي برف، سلو نائٽريٽ وغيره. ساڙيندڙ يا جلائيندڙ، ساڙڪ، جُلائڪ.

cautery (ڪاٽري)
[G. kauterion, ڏنپيندڙ تتل لوهه]
ڏنپ يا داغ ڏيڻ، ڪوبه جلائيندڙ گماشتو، پراڻو اصلوڪو ڏنپ برقي ڏنپ، ڪيميائي ڏنپ. ڏنپ، داغ، ڏنپٽي، (ڏنپڻ جو اوزار)، ڏنپٽڪو اوزار، ڏنپجڻ (cauterization).

cavernous (ڪيوَرنس)
[L. caverna, غار، پولو، پورو، پولار]
جنهن کي غارون، ڇرون يا پوليون جڳهون هجن، پورائتو، پولائتو.

cavitation (ڪيوي ٽيشن)
[L. cavus, پور- پولار].
پور پور هئڻ جيئن سلهه سبب ڦڦڙ ۾ پور پور ٿي پوندا آهن. پُور پُور.

cavity (ڪيوِٽِي)
خال، کُپ، پُور پولي بند ايراضي يا جاءِ، ٻاڦلو، ڇُيو، کهنڊُ. پيٽ جي پيٽي (abdominal c.)، کوپڙيءَ جي صندوق (cranial c.)، واتائين غار (oral c.)، ٻچي دانيءَ (Uterine c).

cell (سيل)
[L. cella, ڪوٺڙي].
گهرڙو، سڀَ جيان نباتي ۽ حيواني ماس جي ايڪائي آهي، جيڪو حياتي ڳر (protoplasm) ۽ مرڪز (nucleus) تي مشتمل هوندو آهي. رتوڻن ڳاڙهن جزن ۾ مرڪز نه هوندا آهن ۽ رتوڻن اڇن جُزن ۾ ڪيئي ننڍا ننڍا مرڪز ٿي سگهن ٿا. گهرڙو، خليو. (شڪل: نباتاتي گهرڙو ۽ حيواني گهرڙو).

cellulitis (سي لِيُو لاءِ ٽس)
[L. cellula, ننڍو گهرڙو]
ڳنڍيل ماسائتي اُٽت پڪڙيل (connective tissue) جي پڪڙيل سوڄ. زناني نهائين واري سوڄ parametritis ۽ وات جي Ludwigs angina فرشائتي سوڄ کي چوندا آهن. ڳنڍيندڙ اٽت سوڄ، سيلُولائٽس.

cellulose (سيليُولوز)
[L. ننڍو گهرڙو]
هڪ مناڻ (polysacchande) جيڪا نباتي گهرڙن ۽ ٻوٽن جي ٻاهرين پٽ جوڙيندي آهي، اها انسان اندر هڪجهڙي نه ٿي سگهندي آهي. سيلولوز، نباتي ڪل.

cerebral (سيرِي-برَل)

وڏي مغز بابت، وڏ مغزي.

cerebratuin (سيري بريشن)

دماغي يا ذهني سرگرمي.

cerebrospinal (سيرِي برو اِسپائنل)

[L. spina, پنيءَ جو ڪنڊو]

دماغ ۽ مغزي ڏوريءَ بابت، دماغ مغز ڏورائون. دماغ جي پورن (cerebrospinal fluid) مغزي ڏوريءَ جي مرڪزي لنگهه منجهه موجود صاف دماغي پاڻياٺ، مغزي پاڻي.

ڏسو: coneningitis.

cerebrovascular (سيرِي، برو، ويس، ڪيُولَر)

وڏي مغز جي رت نلين بابت، مغزي رت نليون.

cerebrum (سيرِي-برم)

وڏو مغز، دماغ جو وڏي ۾ وڏو ۽ مٿانهون حصو (نندي مغز، پلائين مغز ۽ مستطيل مغز کانسواءِ، ڏگهو اُيو ڏار ان کي ٻن اڌ گولن ۾ ورهائيندو آهي. ان مغز جو ٻاهريون مادو وروڪڙ پورو ۽ اندريون مادو اڇو ٿيندو آهي.

cerumen (سيرُو مين)

[L. cera, مَرُ]

ڪن جي مَرُ، ڪنَ ميرُ. ڳاٺ، ڳاٽو، ڳانٺ، ڳانٽو.

cervical (سرواءِ ڪل)

[L. cervix, ڳچي].

هنن شين بابت 1. ڳچي 2. ڪنهن عضوي جي ڳچي، ڳچائون. ڳچي رحم جي نلي (c. canal)، ڳچيءَ جي ريڙهه (c. vertebra).

cervicectomy (سروِي سيڪٽومي)

ڳچي رحم کي ڪپي ڌار ڪرڻ.

cervicitis (سروي ساءِ ٽِس)

ڳچي رحم جي سوڄ.

cervix (سروِڪس)

[L. ڳچي]

ڳچي رحم (c. uteri).

cestode

ڏسو: tape horm taenia.

chalazion (ڪَلَزِيون)

ميبومي غدودن جي روڪيل رس جي ڳوڙي جيڪا ڇپرن جي ڪنارين تي ٿيندي آهي. ڇپري ڳوڙهيءَ داڻو. واهَلُ.

chancre (شينڪَر)

[F. ڪيڪڙو].

اوائلي اشڪ جو ڦٽ ۽ ڳنر، ٻنهي کي اوائلي آتشڪ چئبو آهي. اهو ڦٽ بي سُوريو، سخت ۽ تمام وچڙندڙ آهي. شينڪر، اولين آتشڪي ڦٽ. ڏسو: syphilis, gumma, cendyloma.

chancroid (شينڪرائڊ)

[L. ڪيڪڙو]

chorditis (ڪارڊاءِٽِيس)
آواز يا مرداڻي رس جي ڏورين جي سوڄ، ڏورائتي سوڄ.

chorea (ڳوريا)
[G. choreia, نچڪو، ناچ]
بيماري جنهن ۾ مريض جون اماالڪ ابتيون سبتيون، بي قاعدي ۽ بي اختيار حرڪتون هونديون آهن. ويندي اختياري حرڪتون به جهٽڪيدار ۽ بي سريون هونديون آهن. بالڪ اوستا جي بيماريءَ کي rheumatic chorea يا st. vitus dance، ۽ Huntingtons chorea وڏن جي مرض کي چوندا آهن. نچڪو، نچڪو ٽپڪو.

choreiform (ڪوري فارم)
نچڪي وانگر يا جهڙو، نچڪٽيو.

choricorcinoma
ڏسو chorioepithelina.

chorion (ڪوريون)
[G. پاهريون پردو]
ڳڀ جو پاهريون پوش، ڳڀ پوش، ڪوريون.

chorionepithelioma
(ڪوريون- ايپي-ٿي-لِيوما)
ڳڀ پوش مان ڦٽندڙ نهايت موتمار سرطان، ڳڀ پوشي ڳوڙهو.

chorionic villi (ڪوريو-نِڪ-ولاءِ)
[L. villus, ڳهاٽا وار].
ڳڀ پوش مان نڪرندڙ گهاٽن وارن جهڙا حصا جيڪي ماءُ ۽ ٻار جي وچ ۾ رت وسيلي خوراڪ ۽ فضلي جي مٽاسٽا جو ڪم ڏيندا آهن، ڳڀ پوشي وار.

chorioretinitis (ڪوريو-ريٽي- ناءِ-ٽِس)
اک جي ٻن تهن جي سوڄ. ڏسو: choroids, retina.

choroid (ڪورائڊ)
اک جو هڪ تهه جيڪو اندلني تهه (retina) ۽ چاري دار تهه (iris) جي وچ ۾ آهي. ٻاهر اڪيين پوش. ڪورائڊ.

choroiditis (ڪورائڊائِس)
ڪورائڊ جي سوڄ.

choroidocyclitis (ڪورائڊو سائڪلاءِ ٽِس) [G. kyklos, دائرو].
ڪورائڊ ۽ وار جسمڙي (ciliary body) جي سوڄ.

choroidoretinal (ڪورائيڊو ريٽينل)
ڪورائڊ ۽ ريٽينا بابت.

Christmas disease
هيموفيليا جي رتوٽي بيماري بابت، جنهن ۾ رت نپائيندڙ فيڪٽر IX جي کوٽ هوندي آهي. ڏسو: haemophilia، ڪرسمسي مرض.

chromatogram (ڪروموگرام)
[G. chroma, رنگ]
رنگي مورت.

circumcision (سرڪم سِي ژَن)
[L. circumcises, گول ڪپڻ]
طهر، مرداڻي طهر ۾ انگ جي اڳين لڙڪيل کل يا گهونگهٽ کي ڪپي ڇڏبو آهي، ختنو، سنتري، سنت.
مصر ۽ آفريڪا جي ڪن ملڪن ۾ زناني جنسي انگ جي ڪڪڙي (clitoris) ۽ بعضي ننڍين چپن کي ڪپي ڇڏيندا آهن. (زنانو طهر)

circumflex (سرڪم فليڪس)
[L. circumflectere, گول ورائڻ]
گول وريل تنت (c. nerve).

circumoral (سرڪمورَل)
[L. circum, چوڌاري; os وات]
وات چوڌاري.

circumvallate (سرڪم وييليٽ)
[L. circumvailare چوديواري ڪڙي ڪرڻ].
جيئن زبان جي ايريل چوپٽن جي چوڌاري چلو ڏنل هوندو آهي، چوديوار ٿيل. چوديواريل.

cirrhosis (سِروسِس)
[G. kirrhos, پڪو نارنگي رنگ].
ڪنهن عضوي جو سخت ٿيڻ، اڪثر جيري لاءِ استعمال ٿيندو آهي. پراڻي شرابي جو جيرو وڌي سخت ٿي ويندو آهي. سخت جيرو.

cirsoid (سر سُوائڊ)
[G. kirsos, ڦنڊيل رڳ].

وار جهڙو. اک ۾ پروٽو ڪورائڊ (c. arch)، (c. body) جي اڳين حصي ۾ آئرس کي ڳنڍيندڙ خاص اڏاوت. اهو c. muscles ۽ c. procenes تي مشتمل هوندو آهي. اک وار جسم.
اک وار مُشڪون (c. muscles): اهي وار جهڙيون مشڪون هڪ ڇلي جهڙي اڏاوت ٺاهينديون آهن.
اک جا وار جهڙا حصا (c. processes): جيڪي 70 جي تعداد ۾ هوندا آهن، اهي ڪورائڊ جي هينين مٿاڇري کان ابري اک وار مشڪن ۾ ڇُهنندا آهن.

circinate (سرسي نيٽ)
[L. گولائون ڪرڻ]
دائري يا ان جي حصي جي شڪل ۾، جيئن پوئين آتشڪ ۾ ڏڍ جا داڻا آهن، گولائون يا گولائين.

circulation (سرڪيُوليشن)
[L. circulare, دائرو ٺاهڻ]
دورو، انساني جسم ۾ مختلف قسم جا دورا: پتي جو دورو، مغزي پاڻيءَ جو دورو، دل جي نلين جو دورو، ڳپ جودورو، لِمف جو دورو، جيري جو دورو، ڦڦڙ جو دورو ۽ رت جو دورو وغيره. آڪسيجن واري صاف ڳاڙهي رت دل مان نڪري پوري بت جو دورو ڪري ڪاري گندي رت ٿي وري دل ڏانهن واپس ورندي آهي.

هڪ يا وڌ جيوڙن جي وڌڻ ويجهڻ سبب جيوڙن جو ڪٺڪ لهي پوندو آهي، جنهن ۾ لکين ڪروڙين جيوڙا هوندا آهن، جيڪي خوردبين کانسواءِ به نظر ايندا آهن. هر قسم جي جيوڙن جي بينڪ جو پنهنجو پنهنجو ڏيک آهي. ڪالوني، بينڪ، نئين آبادي.

colostrum (ڪولسٽرم)
ماءُ جي ڇاتين ۾ ٿڃ اچڻ کان اڳ پهرين ٽن ڏينهن ۾ پاڻيءَ جهڙي پاڻياٺ ايندي آهي: جيڪا هلڪي جلاب جو ڪم ڏئي ٻالڪ جو آنڊو صاف ڪري ڇڏيندي آهي.

colour blindness
ڏسو: achromatopsia.

colpitis (ڪول-پاءِ-ٽِس)
[G. kolpos, پور، پول]
ڳهڻ (vagina) جي سوڄ، ڳهڻ جي سوڄ.

colposcope (ڪوليو اسڪوپ)
ڳهڻ تپاسڻ اوزار.

columella (ڪالومِلا)
[L. columna, ٿوڻي، ٿنڀ].
ٿنڀ، ٿوڻي، جئن نڪ جو اُڀو ورڇي هڏو.

coma (ڪوما)
[G. koma, اونهي گهور ننڊ]
مڪمل بيهوشي، پوري بيهوشي، اُسرته، جئن .diabetic c ۽ .uraemic c ۾ اها حالت ٿيندي آهي. ڪوما. اگهورائي.

comatose (ڪومي ٽوز)
[G. گهور ننڊ]
ڪوما جي حالت، ڪومائپ، اگهورائي.

comedo (ڪاميڊو) [L.]
ڪارا چانور، منهن تي موهيڙن جي داڻن جا ڪارا ٽڪا، جيڪي چمڙي جي سٿپ غدود (sebauois glands) جي سٿپ رس (sebum) جي ڪاري ٿيڻ سبب ٿيندا آهن. ڪار موهيڙو. Acne vulgaris, sebaceous gland.

commensal (ڪمِن سال)
[L. cum, ساڻ; mensa, ميز].
مفت ڪائو، جيوڙي جو هڪ قسم جيڪو ميزبان مريض جي جسماني مٿاڇري تي رهي بيماري پيدا ڪري ٿو. مفتي مهمان جيوڙو. مفت ڪائو جيوڙو.

commisure (ڪامي سِيُور)
[L. commissure, ميل].
ٻن حصن جي وچ ۾ ميل ميلاپ، مِلن.

communicable (ڪميوني ڪيبل)
[L. communicare, موڪلڻ، ونڊڻ].
اطلاع جوڳو، هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين سڌي يا اڻ سڌي طور منتقليءَ جوڳو، وِچڙندڙ.

fixation) جيوڙن کي ڳاري انهن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

complex (ڪام پليڪس)
[L. complexus, ڪوٽ، حصار، چوديواري، لوڙهو]
1. مونجهارو، 2. اهڙا جذباتي خيال ۽ تصور جيڪي عام طور فرد لاءِ بلڪل قبول ڪرڻ جوڳا نہ هوندا آهن. جهڙوڪ: ايڊيپس Oedipus complex) جو مونجهارو، جنهن ۾ پٽ کي ماءُ لاءِ ناجائز خواهش هوندي آهي. اليڪٽرا electra complex) جو مونجهارو، ان ۾ وري ڌيءَ کي پيءُ لاءِ ناجائز خواهش هوندي آهي.
مونجهہ، ڪامپليڪس، ڪام ڪوٽ.

complication (ڪام پلي ڪيشن)
[L. complicare, پيٽو ٽيٽو ٿيڻ]
پهرين بيماري دوران ڪا ٻي نئين بيماري، حادثو يا پيچيدگي پيدا ٿيڻ، جيڪا مريض جي جان جوکي ۾ وجهي ڇڏي، پيچيدگي، وڪڙ.

compos mentis (ڪوم، پوس، مين، ٽِس) [L.]
سنئين دماغ وارو، سالم دماغ هوشمند، هوش حواس، هوش حواس درست هجڻ.

compound (ڪم پائونڊ)
[L. componere, ڪٺو ڪرڻ، پاڻ ۾ ڳنڍڻ]

compatibility (ڪم پي ٽيبلٽي)
[L. compati, ٻئي کي سهڻ]
پاڻ ۾ ٺهڻ، ٺاهہ، ٺهپ، ٺهي وڃڻ جيئن رت جي پاڻي ۽ جزن يا گهرڙن جو پاڻ ۾ ٺهي هلڻ، ساٿ، دوستي.

compensation (ڪمپين سي شن)
[L. compensare, تورڻ تڪڻ]
وزن برابر ڪرڻ، 1. پنهنجي ڪا ڪمزوري يا وڏ لڪائڻ لاءِ پنهنجي ڪنهن سماجي خوبيءَ کي وڌائي پيش ڪرڻ جو ذهني عمل، عيوضو.
عيوضي تنتائپ (c. neurosis): ڏک يا حادثي جي عيوضي لاءِ نفسياتي طور علامتون ظاهر ڪري اجوري جي لاشعوري خواهش.
2. ڪنهن اڏاوتي يا ڪم واري عيب يا خامي کي متوازن ڪرڻ جي حالت، مثال، compensation، cardia c.

complement (ڪمپلي مينٽ)
[L. complero, پورو يا مڪمل ڪرڻ]
اهو پلازما جو هڪ نارمل ۽ اهم جز آهي، جڏهن ڌاريا يا محافظ جسمڙا پاڻ ۾ ڳنڍجي antigen-antibody مرڪب ٺاهيندا آهن تہ هي جزو ان مرڪب سان پاڻ بہ ڳنڍجي (complement

conization (ڪوناءِ زيشن)
[G. konos, مخروط، نبات]
ڳچي جو زخم، ڪجهه حصو نباتي شڪل ۾ چاقوءَ يا ڏنيٽي وسيلي ڪوري ڇڏڻ. نباتائپ، نباتي عمل. رحم نباتي ڪور.

conjugate (ڪنجُو ڳيٽ)
[L. conjugare, گڏ پاجارڻ]
ڍُونگريءَ (pelvis) جي هڏي جي ماپ، ڍونگري ماپ.

conjunctiva (ڪن-جنڪ-ٽي-وا)
[L. conjuncitvus]
اکين جي ڇپرن جي اندرين مٿاچري مٿان ڳاڙهو پردو، ان کي ڇپرائون ڇٽبو آهي (palpebral c.) ۽ جيڪو دوڏي وٿان موٽ کائي ٿو سو بصري يا اکائون (bulbaroroccularc) چورائبو آهي. ڇپري ڳاڙهو استر.

conjunctivitis (ڪن-جنڪ-ٽي-واءِ-ٽِس)
ڇپري ڳاڙهي استر جي سوڄ، آشوب چشم، اوپر، اوپار، اوڇڙو.

connective tissue (ڪنيڪٽِو-ٽِشو)
ڳنڍيندڙ ماس اوٽڻ.

consanguity (ڪن-سينگوئٽي)
[L. sanguis, خون، رت]
رت جو رشتو، خوني رشتو.

consolidation (ڪن-سولي-ڊيشن)
[L. consolidare, سخت بنائڻ]
ڪنهن عضوي جي حصي جو سخت يا ڏاڍو ٿيڻ، مثال ڦڦڙائين ماس واري نمونيا (lobar pneumonia) ۾ ان جو سخت هئڻ، نهرو هئڻ، نهرائي.

constipation (ڪنسٽي پيشن)
[L. constipare, گڏ ڪري دٻائڻ]
قبضي جي ڪري ڪاڪوس نه ڪري سگهڻ، قبضي. طب ۾ ان کي اُمُ الامراض يعني بيمارين جي ماءُ چوندا آهن. ٻَجهُه، ٻَجهاءُ.

consumption (ڪن-سمپ-شن)
[L. consumere, ڳارڻ، کائڻ]
ڪنهن شيءِ کي کائي ختم ڪرڻ يا خرچ ڪري ڇڏڻ، کائجڻ. 2. سلهه جي بيماري جيڪا بت کي کائي ڳاري ڇڏيندي آهي.

contact (ڪن-ٽئڪٽ)
[L. contactum, ڇهاءُ]
1. سڌو يا اڻ سڌو جيوڙائپ سان لهه وچڙ ۾ اچڻ، 2. جيڪو شخص جيوڙائپ سان لهه وچڙ ۾ آيو هجي، وِچڙاءُ، وچڙيل، اَرَهُه.

contagion (ڪن-ٽيجَن)
[L. contagio, ڇهڻ]
بيماريءَ جو هڪ جسم کان ٻئي جسم ۾ وچڙڻ، وچڙاءُ، مِري، اَرَهُه، ڇُوت، چوپ، ڇُهَه.

contraceptive (ڪنٽرا-سيپ-ٽِو)

coronoid (ڪرونائڊ)
[G. koronis, وريل چهنب, L. corona, تاج]
تاج يا چٽ جهڙو، چُٽ شڪليو. ٻانهن جي نريءَ ۽ ڄاڙيءَ جو اڀريل حصو.

cor pulmonale (ڪار پلمونال)
[L. cor, دل, pulmo, ڦڦڙ]
ڦڦڙ جي بيماريءَ سبب دل تي بار ۽ دل جي بيماري. دل ڦڦڙائون مرض.

corpus (ڪارپَس) [L.]
بدن، جسم، بُت.
c. callosum: تنتي تندن جو ٻنڌ، جيڪو وڏي مغز جي ٻن اڌ گولن کي پاڻ ۾ ڳنڍيندو آهي.
c. luteum: بيضي جي ٿلهي ٻاهر: نڪرڻ کانپوءِ بيضي داني منجهه نهندڙ پيلو جسمڙو.
c. striatum: مغز جي تري ۾ وٽ اڇي ۽ ڀوري ميجالي جي ڏانديءَ مثل ترتيب.

corpuscle (ڪارپسل)
[L. corpustulum, ننڍو جسم، جُزو، بدنڙو، جسمڙو].
رت مان ننڍڙا پتڪڙا جُزا، ڪي ڳاڙها ته ڪي اڇا، رت جو جُزو، رتوڻو جزو، جُزڙو.

corrective (ڪريڪٽو)
[L. correctum, درست ڪرڻ].
ڪنهن نقصانڪار شيءِ ڪي بدلائي، جوابي ڪارروائي ڪري يا سڌاري درست ڪندڙ، دُرست.

corrigans pulse
ڏسو: pulse.

cortex (ڪارٽيڪس)
[L. ڪل يا ڇوڏو]
1. ٻوٽي جو ٻاهريون تهه يا ڇوڏو، ڇوڏي، 2. عضوي جي ٻاهرئين نهايت سنهڙي پوش: هيٺان ٻاهريون تهه، ٻاهريون تهه، ڇوڏو، ڇوڏي.

corticoid (ڪارٽي ڪوائڊ)
ايڊرنيل غدود جي ڇوڏيءَ مان نڪرندڙ هارموني رسن جي ٽولين جو نالو.

corticotrophin (ڪارٽيڪو-ٽروفِن)
اڳين پچوچري غدود جي هارموني رس جيڪا ائڊرنيل ڇوڏيءَ کي چُرچ ڏئي ان جا هارمون ٺِمڻ تي مجبور ڪندي آهي.

coynebacterium (ڪارني-بيڪ-ٽي-ريَم)
جيوڙن جي هڪ جنس، لُڪڻ شڪليو، گرام-واڌو.

coryza (ڪارائزا)
[G. koruza; نڪ وهڻ]
زڪام، نزلو، ليس، ليس زڪام، هي وائرس سبب ۽ نهايت وچڙندڙ آهي.

ننهن جي پاڙ مٿان هلالي مند چمڙ، مٿيون چمڙ. ڏسو: epidermis. چامائوس، غلافي چمڙ.

cutis (ڪيو-ٽِس) [L.] (corium)
چمڙيءَ جو هيٺيون اونهو تهه، اصلوڪي چمڙي (true skin).

cyanocotalamin (سايانو-ڪوٽيلا-مِين)
وٽامن [$B_{12}$] جو ٻيو نالو.

cyanosis (سيانوس)
[G. kyanos, نِيرو]
آڪسيجن جي اڻاٺ سبب چپ، چمڙي ۽ ننهن ڪارا نيرا نظر اچڻ، ڪارنيرائي.

cycle (سائڪل)
[G. kyklos, دائرو].
ڦيرو، چڪر، دائرو، اڳ ڪان وٺي انت تائين حرڪتن، مرحلن ۽ واقعن جو هڪٻئي پٺيان ترتيب واري سلسلي جو ڦيرو، جيئن دل جي دڪ دڪ، لُب-ڊُب-لُب-ڊُب--. يا هر مهيني ماهواريءَ جو ڦيرو.

cyclical vomiting (سائڪليڪل وميٽنگ)
تنتي سياءَ واري ٻار ۾ باقاعدگيءَ سان الٽين جا دورا. ڦيري وار الٽي.

cyclitis (سائڪلاءِ ٽِس)
[G. kyclos, دائرو]
اک جي وار جسم (ciliary body) جي سوج، جنهن ۾ قرنئي جي پوئين پاسي اچا اچا دٻڪ (keratitic precipitates (k. p.)) گڏبا آهن.

cyclodiathermy (سائڪلو-ڊائيا-ٿرمي)
ڏنپ وسيلي اک جي وار جسم کي ناس ڪرڻ، اک وار جسم جو ڏنيجڻ، اک وار ڏنپ.

cycloplegic (سائڪلو پلِيجيا)
[G. plege, فالج]
اک وار جسم جو فالج، اک وار ڪيرائي.

cycloplegics (سائڪلوپلي جس)
دوائون، جيڪي اک وار جسم کي مفلوج ڪن، جهڙوڪ: ائٽروپين، اسڪوپولامين وغيره.

cyclothymia (سائڪلوٿِيميا)
[G. thymos, ذهن]
هڪٻئي پٺيان سرهائي ۽ ملولائي جا لوڏا، ڪڏهن روح راڄن ۾ ڪڏهن بيتن ڪان بيزار، مثال جُنون ۽ ملولائي جا ذهني مرض، غمر خوشيءَ جي پينگهه.

cyesis (سائي-سِس)
[G. kyesis, نطفو]
بي باري عورت، جنهن کي ٻار هئڻ جي سخت خواهش هجي تنهن ۾ اصل حمل جيان نقلي علامتون ۽ نشان ظاهر ٿيڻ، نقلي حمل.

cylindroma (سِلِنبرِوما)
[G. kylindros, گِنڊيريو]
گِنڊيري شڪليو سرطاني ڳوڙهو، سلنبروما.

cyst (سِسٽ)
[G. kystis, ڳوٿري، مثانو]
سنهي پردي جي ڳوٿري جنهن ۾ پاڻياٺ مادو يا اڌ پاڻياٺ گڏ ٿيل هجي. پُڙو ڳوٿري.
hydatidcyst: Tinaea (tapehorm) echinococucus جي پڙو ڳوٿري جنهن ۾ اڪثر انجا ٻچا يا سونٽ (larrae) هوندا آهن، جيري ۾ هوندو آهي. پاڻياٺ پُڙو. ڏسو: hydatid.
overian cyst: بيضي دانيءَ جي پُڙو ڳوٿري، بعضي ايتري وڏي ٿي ويندي آهي جو پيٽ ڦوڪجي جلندر جو ڏيک ڏيندو آهي.

cystadenoma (سِسٽ-ايڊي-نوما)
[G. aden, غدود]
غدودي ماس مان نڪتل پُڙي ڳوٿري وارو ڳوڙهو اڪثر عورت جي اُرهه ۾ ٿيندو آهي، غدودي پُڙو ڳوڙهو.

cystectomy (سِسٽيڪٽومي)
سڄو يا ٿورو مثانو (مُتانگو) ڪپي ڌار ڪرڻ جو آپريشن، مُتانگي ڪوري.

cystic (سِسٽِڪ)
مثاني يا پڙي ڳوٿري بابت، ڳوٿرائون.

cysticercosis (سِسٽي-سرڪو-سِس)
ڦيٽ ڪينئن جي بيماري، ڦيٽ ڪينئان.

cysticercus (سِسٽي- سرڪس)
[G. kystis, ڳوٿري; kerkos, پُڇ]
ڦيٽ ڪينئين (tapeworm) جو سوپٽ (larra). ڦيٽ ڪينئون سوپٽ.

cystine (سِسٽِين)
هڪ امائنو ائسڊ، سِسٽين.

cystinosis (سِسٽينوسِس)
خورشي خرابي، جنهن ۾ قلمي سسٽين بدن اندر ڪٺي ٿيڻ لڳندي آهي. سِسٽين ڪٺائي.

cystinura (سِسٽي نِيُوريا)
پيشاب ۾ سِسٽين اچڻ، سِسٽين مُتائي.

cystitis (سِس-ٽاءِ-ٽِس)
مثاني يا مُتانگي جي سوڄ.

cystocele (سِسٽو سِيل)
ڳهڻ يا اندريءَ اندر مثاني جي پوئين پٽ جي ڇَنَ، مثاني جي ڇن.

cystogram (سِسٽو گرام)
مثاني جي عڪسي مورت.

cystolinthiasis (سسٽو-لِٿيا-سِس)
مثاني جي پٿري.

cystoscope (سِسٽو اسڪوپ)
مثاني تپاس لاءِ اوزار، مثاني ڏسڻو.

cysto-urethritis (سِسٽو-يوري- ٿراءِ-ٽِس)
مُتانگي ۽ مُٽ نليءَ جي سوڄ.

cysto-urethrogram (سسٽو-يوريِ-ٿِرو-گرام)
مُثانگي ۽ مُٽ نليءَ جو عڪسي فوٽو.

cytamen (سائٽا-مِن)
وٽامن [B12] جو ٻيو نالو. ڏسو: cyanocobalamin.

cytogenetics (سائٽو، جي-نِٽڪس)
گهرڙن جي اصليت ۽ اوسر بابت اڀياس، گهرڙيائي جينائي ڇاڻ.

cytology (سائٽو-لوجي)
گهرڙن جو خورد بيني اڀياس، گهرڙا ڇاڻ.

cytolysis (سائٽو-لِسِس)
گهرڙن جو ڳرڻ جهرڻ ۽ ناس ٿيڻ، گهرڙا ڳارائي.

cytopathic (سائٽو-پيٿِڪ)
گهرڙن جي خرابي بابت، گهرڙا مرضائي.

cytoplasm (سائٽو پلازم)
[G. plassein, گهڙڻ يا ڍول ڏيڻ]
گهرڙي جي مرڪز (nucleus) کانسواءِ حيات ڳُرُ. گهرڙو حيات ڳر.

cytostasis (سائٽو-اسٽي-سِس)
[G. stasis, جمود، بيهجي وڃڻ]
گهرڙي جي نشونما رڪجڻ يا بيهجي وڃڻ، گهرڙا روڪ.

cytotoxins (سائٽو ٽاڪسِنز)
[G. toxicen, زهر]
گهرڙا زهرون، سرطاني زهرون.
ڏسو: antibodies.

◆

dermattitis (ڊرمي-ٽاءِ-ٽِس)
چمڙيءَ جي سوڄ، چامائڻ سوڄ.
ڏسو: eczema.

dermatology (ڊرمي-ٽو-لاجي)
چمڙيءَ جي بيمارين جو اڀياس، چمڙيءَ جاڻ. چم وِديا.

dermatome (ڊرمي ٽوم)
چمڙي جون چتيون لاهڻ لاءِ اوزار، چامائڻ پيوندڪاري چاقو.

dermatomycosis (ڊرميٽو-ماءِ-ڪو-سِس)
چمڙيءَ جي سينرراتي جيوڙائپ.

dermatomyositis (ڊرميٽو-مايو-ساءِ-ٽِس)
چمڙي ۽ مُشڪن جي گڏيل سوڄ، چَم مُشڪ سوڄ.

dermatophyte (ڊرميٽو-فائٽ)
سينوراتي جيوڙن جي هڪ ٽولي

dermatophytosis (ڊرميٽو-فاءِ-ٽو-سِس)
[G. phytom, ٻوٽو]
ڏسو: tinea pedis.

dermis (ڊرمس)
[G. dema, چم، چمڙي]
cutis vera, true skin: اصلي چمڙي، ٻاهرين چامائڻ تهه (epidermis) هيٺ اصلوڪو چم. ڏسو: corium.

dermographia (ڊرموگرافِيا)
[G. graphein, رکڻ]
چاپاڪي دوران چمڙيءَ کي تيليءَ يا ننهن سان ڪرڙڻ سبب چم ڊٻڙ جيان اڀري اچڻ، چَم لِکت.

dermoid (ڊرمائڊ)
چمڙي بابت يا چم جهڙو، چامائڻ.
ڏسو: dermoidcyst in cyst.

dermotosis (ڊرموٽو سِس)
چمڙي جي بيمارين بابت اصطلاح، چمڙڪائي.

desensitization (ڊي-سينسي-ٽاءِ-زيشن)
الرجائي بيمارين سهڪي ۽ چاپاڪي لاءِ حس پيدا ڪندڙ مادن کي بي اثرائتو ڪرڻ، حِسي بي اثرائي.

desquamation (ڊي-اِسڪوي-ميشن)
کل لهڻ، کل جون پاپڙيون ڇٽجڻ، چَم ڇاڻائي.

detergent (ڊٽرجنٽ)
[L. detergere, ڌوئي صاف ڪرڻ، اُگهڻ]
اُهي دوائون جيڪي چمڙي جي سٽيءِ مَرُ گرُ گند ڪچري ڦٽن داڻن جي ڪڙين کي لاهي صاف ڪن، چم ڌوپ دوائون.

detoxification (ڊي-ٽاڪسي-فِڪيشن)
ڪنهن دوا يا نشي ڪندڙ مادي جو زهريلو اثر دور ڪرڻ، زهر ٽوڙ عمل.

dyspnoea (ڊِسپ، نِيا)

ساھ ۾ ڏکيائي ڏُم، دمڪشي، سهڪ، ساھ ڏکيائي، اوباھي، اوھمائي، اُهُبڻو asthma.

dysrythmia (ڊِس-رِد-مِيا)

[G. rythmos, هم آهنگي]

بي سُرائي، ڌڙڪي جي ترتيب ۾ گڙٻڙ، آهنگ ڏکائي.

dystaxia (ڊس-ٽيڪ-سِيا)

[G. taxis, ترتيب]

لارادي حرڪتن جي ڪنٽرول ۾ ڏکيائي.

dystocia (ڊس ٽوسِيا)

[G. tokos, ڄم]

ڏکيو يا ديرائتو ويم، ويم ڏکيائي.

dystrophy (ڊِس ٽروفِي)

[G. trophe, غذا]

خراب غذا، غذا ڏکائي. ڏسو: atrophy.

dysuria (ڊِس يُوريا)

ڏکيو يا سورائتو مُٽ، پيشاب ۾ چٺنگ، مُٽ ڏکائي، ڪِچ، پيشاب جو ساڙو.

◆

بئي جا چيل لفظ يا اڌ جملا پنهنجو پاڻ ورجائڻ، اها شخصي ڦوٽ، مت کسائي (dementia) ۽ بعضي زهريلي دبڻ واري حالت جي علامت آهي.

echophony (ايڪو فوني)
[G. phone, آواز]
سيني تپاس وسيلي نڙي جي آواز جو پڙاڏو ٻڌڻ، پڙاڏي ٻُڌڻي.

echopraxia (ايڪو پريڪيسِيا)
[G. praxis, عمل]
ٻئي جي حرڪت پنهنجو پاڻ نقل ڪرڻ، حرڪت وَرجائي.

eclampsia (ايڪ- ليمپ- سِيا)
ويم دوران هٿ پير ڦٽڪڻ جو شديد دورو ۽ پوءِ ڪوما. ويمي دورو.

ecmnesia (ايڪ- مني- زِيا)
[G. amnesia, ويسارو، ويسر]
پيريءَ ۾ پراڻيون ويندي ننڍپڻ جون ڳالهيون ياد رهڻ پر تازيون وسري وڃڻ، پيريءَ جي ويسر، پيراڻتي ويسر.

E.C.T electrocvuisive therapy.
ڏسو electrotherapy.

ecthyma (ايڪ-ٿاءِ-ما)
[G. ekthyma, pustule, پونءِ داڻو]
ٽنگن تي impetigo contagiosa جا پونئدار ڪڙين ٻڌل داڻا جيڪي ڦٽن جا نشان ڇڏي ويندا آهن. پونئرا داڻا. ڏسو: ulcerative impetigo.

ectoderm (ايڪٽو ڊرم)
[G. ektos, ٻاهريون; derma چمڙي]
ٻاهرين چمڙي، ڳپ جو ٻاهريون اوائلي پيدائشي تهه، جنهن مان چمڙي، تنتي سرشتو، پنجن حواسن جا ٻه عضوا، پنيل، پچوچري ۽ ادرنيل غدود اسرندا آهن. ٻاهر ڳپ پوش.

ectoparasite (يڪٽو پيراسائٽ)
[G. parasitos, ڪاٺو جيئڙو]
ڪاٺو جيوڙا جيڪي پنهنجي ميزبان جي ٻاهرين مٿاڇري جا رهواسي هوندا آهن. ٻاهر ڪاٺو جيئڙا.

ectopia (ايڪ ٽوپيا)
[G. topos, جاءِ کان پري]
ڪنهن انگ عضوي جو ٻي جاءِ تي هئڻ، اڪثر پيدائشي آهي. ٻي جاءِ. مثاني جو نهائين بدران پيٽ جي ديوار مان نڪتل هجڻ (e. vesicae) مثاني جي ٻيجائي.

ectopic pregnancy (ايڪٽو- پڪ-پرگ-نينسي)
ٻي جايو حمل، ٻچيداني کان ٻاهر ڪنهن ٻي جاءِ، اڪثر بيضي نليءَ ۾ نطفو قائم ٿيندو آهي. ڇهن هفتن ڪانپوءِ بيضي نليءَ ڦاٽڻ سبب ترت آپريشن جي ضرورت پيش ايندي آهي.

ectozoa (ايڪٽو زوئا)
[G. zoon, جانور]

**emmetropia** (ايم-مي-ٽروپيا)
[G. emmetros, ماپ ۾; ops اک]
نارمل يا مڪمل ديد.

**emollient** (اي-مولِينٽ)
[L. emollire, نرمائڻ]
دوا جيڪا چمڙيءَ ۽ استر چمڙيءَ کي ڪوئري ڪري، چمر نرمائيندڙ دوا، چمر نرمائڪ.

**emotion** (اِموشن)
[L. emovere, جوش ۾ آڻڻ]
ڪن خاص ورتائن لاءِ لاڙن وسيلي پنهنجي ۽ ٻين جي اندر ڪن جسماني تبديلين لاءِ جاڳل سجاڳل محسوسات جو رنگ ڍنگ، جذبات، جذبو.

**empathy** (اِم-پيٿي)
[G. empatheia, جنوني جذبو]
پاڻ يا ٻئي شخص سان يا ان شخص جي عملن سان پنهنجائپ جو جذبو. پنهنجائپي جذبو.

**emphysema** (ايم فِسي ما)
[G. inflation, ڦوڪجڻ]
ماس اٽِتن جو هوا سان ڦوڪجڻ، ڦوڪائي.
Pulmenary e.: ڦڦڙن جي بيمارين سبب ڦڦڙائي ماس جي ڳوٽرين جو ڦوڪجڻ ۽ ڦاٽجڻ.

**empirical** (ايم پري ڪل)
[G. empeirikos, تجربو، آزمودو]
مشاهدي ۽ آزمودي جي بنياد تي رکيل تجرباتي، آزمودي.

**empyema** (ايم، پائي، ما)
[G. empuos, ڳڙندڙ مادو]
ڪنهن ڳُپ، ڪڏي، پولي عضوي يا جاءِ تي گڏيل پونءِ، پونءِ جو ڍُبو.

**emulsion** (ايملشن)
[L. emulgere, ڏُهڻ]
هڪ چربي ۽ تيل واري سٿيي پاڻياٺ جيڪا کير جهڙي اڇي هجي ۽ ان ۾ دوا وجهي ليپ طور استعمال ڪجي، سٿيو ليپ.

**enamel** (انيمِل)
ڏند جي چوٽيءَ جو سخت ٻاهريو ڍڪيندڙ تهہ.

**encapsulation** (اِن ڪيپسُو لِيشن)
ڪنهن پوش اندر هئڻ. پوشائپ.

**encephalitis** (اِن ڪِفِي لاءِ ٽِس)
[G. egkephalos, دماغ]
دماغ جي سوڄ. دِماغي سوڄ.

**encephalocele** (اِن ڪِفِي لوسِيل)
[G kele, چَن]
دماغ جو ڪوپڙيءَ مان ٿورو نڪري پوڻ. دماغي چَن.

**encephalogram** (اِن ڪِفِي لوگرام)
دماغي عڪسي مورت.

**encephaloma** (اِن ڪِفِي لوما)
دِماغي ڳوڙهو.

۾ هوندو آهي ۽ ننڍي آنڊي جو واسي آهي. آنڊي ٽُبڪ جيوڙو.

enterocolitis (اينٽرو ڪولاءِ ٽِس)
ننڍي ۽ وڏي آنڊي جي سوڄ.

enterokinase (اينٽرو ڪاءِ نئس)
هڪ خميرو جيڪو ننڍي آنڊي اندر trypsinogen کي trypsin ۾ تبديل ڪندو آهي.

enterolith (اينٽرو لِٿ)
آنڊي جي پٿري.

enterolithiasis (اينٽرو لِٿيا سِس)
آنڊي جي پٿرائپ.

enteron (اينٽرون)
[G. آنڊو]
آنڊو.

enteroviruses (ينٽرو وائرَسِس)
آنڊي جا وائرس، پوليو، ڪاڪسِڪي ۽ ECHO ٽوليءَ جا وائرس.

enterozoa (اينٽروزوئا)
[G. zoion, جيئڙو] (entero zoon واحد)
آنڊي ۾ واسو ڪندڙ ڪوبہ مفت کائو جيو.

entropion (اينٽرو پيون)
[G. trepein, ورڻ]
اک جي ڇپر جو اندر ورڻ، جو پنبڻ دوڏي کي پيا ڇهندا آهن. ڇپر انتر ورائپ. ڇپر اندر ورائپ.

enucleation (اي-نِيُو-ڪِليئشن)
[L. nucleus, گورو]
عضوي يا ڳوڙهي کي سڄو سارو ٻاهر ڪڍڻ، جيئن اک جي دوڏي کي کوپي اندران ٻاهر ڪڍيو آهي. سَڄ ڪورائي.

enuresis (اِن نِيُو ري سِس)
[G. enourein, اندر مٽ ڪيڻ]
هنڌ ۾ مُٽي ڏيڻ، بسترو آلو ڪرڻ، ٻارن ۾ اها عادت سيکين يا ماءُ پيءُ جي سختيءَ سبب هوندي آهي. هنڌ مُٽڻائي.

environment (اِن وائرَن مينٽ)
[F. environ, اوڙو پاڙو]
چوطرف چوڌار ماحول، ٻاهريون ماحول.

enzyme (اِن زائم)
[G. zyme, خمير]
اِنزائم، خميرو. ڏسو: 'catalyst'.

enzymology (اِن زاءِ مالاجي)
انزائمن يا خميرن جي اڏاوت ۽ ڪمن جو اڀياس، خميرو ڄاڻ.

eosinophil (اِيو-سِنو-فِل)
[G. ers, پرٿات، پرهہ; philein, پيار ڪرڻ]
رت جي اڇي ذري جو هڪ قسم: جنهن کي اِيوسن (ersin) رڱيندڙ دوا سان چاهہ آهي. اِيوسِنو فِل، رتول رڱيل جُزو.

eosinophilia (ايوسنو فِليا)
رت اندر ايوسنو فِل جزن ۾ واڌارو، ايوسنو فل گهٽائي.

erector (اريڪٽر)
ٿيڳو مُشڪ

erepsin (اي رِپسِن)
هڪ خميرو.

E. R. G.
ڏسو electro retinogram.

ergometry (ارگوميٽري)
[G. ergon=ڪم; metron, ماپ]
مُشڪن جي ڪيل ڪم جي ماپ، مشڪ ڪم ماپ.

ergonomics (ارگو نو مِڪس)
ڪم ڪار واري ماحولائپ، انسان ۽ انجي ڪم ڪار واري ماحول ناتي مختلف حياتي ضابطن کي لاڳو ڪرڻ.

ergo sterol (ارگو ٽرول)
جاندارن جي چم هيٺ چربي اندر موجود هڪ پرو وٽامن جيڪا اُس لڳڻ سان وٽامن [D] ۾ بدلجي ويندي آهي. ارگوسٽرول.

erosion ڪاٽ

eructation (ارَڪ ٽيشن)
[L. eructare, اوڳرائي هڻڻ]
اوڳرائي، ڏڪار، وڏي آواز معدي مان گئس ڪڍڻ، ڏاڪار، ڏاڪَڙ.

erysipelas (ايرس پيلس)
[G. erythros, ڳاڙهو; L. pellis, چمڙي]
چمڙيءَ جي تيز تکي ڳاڙهي جيوڙائپ جنهن ۾ بخار ٿيندو آهي ۽ وچڙندڙ آهي، ڳاڙهي هوا، سرخ باد ڏڏري.

erysipeloid (ايرِس پي لُوائڊ)
ڪاسائين مڇي وارن يا بورچين ۾ سرخباد سان ملندڙ هڪ بيماري جو ان جو ڪارڻ جيوڙو الڳ آهي.

erythema (ايرِٿيما) [G.]
چمڙيءَ جي ڳاڙهاڻ، ڳاڙهه چمڙي ڳاڙهو دَٻڪُ، جيڪو تکي ايرِيل هوندو آهي ۽ نه ئي چمڙي ڦاٽل يا ٽڪيل هوندي آهي. ڏسو: rash, erythema infantum.

erythaemia (ايرِٿيمِيا)
[G. erythros ڳاڙهو; haima, رت]
رت ۾ ڳاڙها جزا گهٽا هئڻ، ڳاڙهه رتائي. ڏسو erythrocythaemia.

erythroblast (ايرِٿرو بلاسٽ)
[G. blastos, ٻج]
هڏي جي ڳاڙهي مِکُ منجهه هڪ وچڙي وارو ڳاڙهه جزو گهرڙو جنهن مان رت جا ڳاڙها جزا جنم وٺندا آهن. ڳاڙهه ذرو جنم گهرڙو. اوائلي ڳاڙهه جزو.

erythroblastosis foetalis
(ايرِٿرو بلامسٽوسِس فيٽيلِس)
[L. fetus, ڦرُ]
ماءُ پيءُ مان جڏهن هڪ جو رت Rh+ve ۽ ٻئي جو Rh-ve هجي ته ٻار جو رت ڪير جيان ڦاٽي پوندو آهي،

expectoration
بلغم يا کانگهاري ڪڍڻ جو عمل، ساهه نلين کي بلغم کان آجو ڪرڻ، سيني صفائي.

expiration (ايڪس پرئشن)
[L. expirare, ساهه ٻاهر ڪڍڻ]
ڦڦڙن مان ساهه ٻاهر ڪڍڻ، ٻاهريون ساهه.

exploration (ايڪس پلو رئشن)
[L. explorare, ٻاهر کوج لڳائڻ]
وڍ ڪٽ وسيلي بدن جي کوجنا ڪرڻ ته جيئن مرض سڃاڻي سگهجي، جيئن پيٽ چيري ۽ کولي ڏسبو آهي ته آخر مسئلو ڇا آهي؟ کوجنا.

expression (ايڪس-پريشن)
[L. premere, دٻائڻ]
1. زور وسيلي ٻاهر ڪڍڻ، جيئن رحم مان اور ۽ ٿڻ مان ٿڃ ڪڍبي آهي، 2. منهن يا چهري تي احساس، جذبي ۽ ڪيفيت جو اظهار يا تاثر.

exsanguination (ايڪس سينگوي نئشن)
[L. exsanguis بي رتيو]
بي رتيو بنائڻ، بي رتيائي.

extension (ايڪس ٽئنشن)
[L. extendere, ڊگهيرڻ]
بت جي وريل انگ يا حصي کي سڌو ڪري ڊگهيرڻ، ڊگهيرائي.
ڏسو ضد: flexion.

extensor
مشڪ جيڪا سيڱجي بت جي انگ يا حصي کي سڌو ڪري يا ڊگهيري، ڊگهيرائڪ مُشڪَ.
ڏسو ضد: flexor.

extirpation (ايڪسٽر پئشن)
[L. extirpare, پٽي ڇڏڻ]
بدن جي ڪنهن حصي کي مڪمل طور پاڙئون پٽڻ، پاڙپٽ.

extra-articular (ايڪسٽرا-آرٽي-ڪيُو-لر)
سنڌ کان ٻاهر، ٻاهر سنڌيو

extracapsular (ايڪسٽرا ڪيپسُولر)
انگ پوش کان ٻاهر، ٻاهر پوشيو.

extracardiac (ايڪسٽرا ڪارڊياڪ)
دل کان ٻاهر، ٻاهر دِليو.

extracellular (ايڪسٽر سيلُولر)
گهرڙي کان ٻاهر، ٻاهر گهرڙيو.

extracorporeal (ايڪسٽرا ڪارپوريل)
بت کان ٻاهر، ٻاهر جسميو

extracorpuscuclar (ايڪسٽرا ڪارپُو سُولر)
رتوڻن جزن کان ٻاهر، ٻاهر جزيو.

extract (ايڪس ٽريڪٽ)
[L. extrahere, ٻاهر ڇڪڻ]
سارُ، سِتُ، تت، رس، عرق، مالُ، جوهر، مول، نچوڙ.

extraction (ايڪسٽريڪشن)
ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ، ڏند ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ.

مسامن مان پاڻياٺ ٽمي ٻاهر نڪرڻ، ٽميو.

exudation ٽِمَر، ٽمڻ.

eye (آءِ):

اک، نيڻ، نيتر، چشم (ف)، عين (ع).

eye-ball (آءِ بال)

اک جو ڏوڏو، اکوٽو، اکو، ڏيلهو، ديدو، تارو، ڏوکهو.

eye-brow (آءِ برو)

ڀرون، ڀروٽو، ابرو.

eye-lash (آءِ ليش)

پنبڻ، پنبڻي، الڪ، پنجڙ، پنجڙي، پنجڻ.

eye-lid (آ لِڊ)

ڇپر، پلڪ

eye-sight

بصارت (ع)، ديد (ف)، نظر، ڏِسٽي، بينائي. ڏسو : vision.

eye-teeth

مٿي پاسي وارا ٻه اڳيان نوڪدار ڏند. ڏسو: canine teeth.

◆

بئي الڳ الڳ ڌڙڪندا آهن، بيقاعدي دِلي ڌڙڪو.

**fibrin** (فائبرِن)

اها ڳڙ (matrix)، جنهن تي رت جو چميل چڪو ٺهندو آهي. فبرنوجن جي مٿان ٿرومبين جي اثر سبب رتوڻو چڪو ٺهندو آهي، فائبرن. ڏسو: fibrinogen.

**fibrinogen** (فائبرِنوجِن)

اها هڪ ڳرڻ جوڳي رتوڻي پروٽين آهي، جنهن مان نہ ڳرڻ جوڳي پروٽين فائبرن ٺهندي آهي، فائبر نوجڻ، فائبرن کي جنم ڏيندڙ.

**fibrinogenopenia** (فائبرنو-جينو-پي نِيا)

[L. fibra, تند; G. penia, کوٽ]

رتوڻي پلازما ۾ فائبرونوجڻ جي جائي چر کان کوٽ يا اڻاٺ. فائبرنوجڻ اڻاٺ.

**fibrinolysin** (فائبرنو لاءِ سِن)

معمولي ڌڪ کانپوءِ اهو خميرو جيڪو فائبرن کي ڳاري ڇڏيندو آهي. فائبرن ڳار خميرو.

**fibrinolysis**

فائبرن جي ڳرڻ جو عمل، فائبرن ڳارائپ يا ڳارائي.

**fibro-adenoma** (فائبرو-ايڊي نوما)

[G. aden, غدود]

تاندوري ۽ غدودي اڻتن مان ٺهيل سادو ڳوڙهو. فائبرو ايڊي نوما.

**fibroblast** (فائبرو بلاسٽ)

[G. blastos, اوائلي ٻج] also blastos.

اهو گهرڙو جنهن مان ڳنڍيندڙ اُڻت جنم وٺندي آهي، فائبرو بلاسٽ. تند کي جنم ڏيندڙ، تند ڄمائڪ.

**fibro cyst**

[G. kystis, مثانو]

فائبروما (تاندوري ڳوڙهو) جيڪو رجهي تاندوري ڳوٿريءَ ۾ بدلجي ويو هجي، تاندوري ڳوٿري.

**fibrocyte** (فائبروسائٽ)

تاندورو گهرڙو.

ڏسو: fibroblast.

**fibroid** (فاءِ برائڊ)

تاندورو مشڪي، سادو ڳوڙهو، اڪثر ٻچيدانيءَ ۾ لڀندو آهي، تاندوريل ڳوڙهو. فائبرائڊ.

**fibroma** (فائبروما)

هڪ سادو ڳوڙهو جيڪو رڳو تاندورن سان جڙيل هوندو آهي، تاندوري ڳوڙهو. فائبروما.

**fibromyoma** (فائبرومايوما)

تاندوري ۽ مشڪي اڻتن مان ٺهيل هڪ سادو ڳوڙهو، تند مشڪائون ٺهيل ڳوڙهو، فائبرومايوما.

**fibrosarcoma** (فائبروسار ڪوما)

ماس ڳوڙهي جو قسم هي هڪ هاڃيڪار ڳوڙهو آهي جيڪو تاندوري گهرڙن مان اُسرندو آهي. تاندوري ماس ڳوڙهو. فائبرو ساريڪوما.

furunculosis (فرنڪِيُولوسِس)
داڻائي داڻا، داڻن جي بيماري. ڏسو: boil

furunculus orientalis
(فرنڪيلس اورينٽ لِس)
اوپر جو داڻو، مُغلئي داڻو، اورنگزيبي داڻو.
also oriental sore, Delhi boil.

fusiform (فِيُوزي فارم)
[L. fusus ڌاڳو وٽڻ جو ٽڪ]
ٽڪ وٽڻ اِتيءَ روپيو.

جي تاڪي پُٽ جي ڪندي ڏانهن پينيل هوندي آهي. ڦيف ڇاتي.

furor (فِيُورر) [L.]
تيز تکي ڪاوڙ، تپجي ڳاڙهو ٿيڻ، ڇتو ٿي پوڻ، باهه ٿيڻ، پڙڪو، ڇتائي.

furrow (فررو)
ڇَر، ننڍي ڊگهي کڏ

furuncle (فرنڪِل)
[L. furuncunculus, داڻو]
ڏسو boil

genu (جي نِيُو) [L.]
گوڏو، ٽڪريل ٽنگون (G. Valgum)، ٽيڙيون ٽنگون (G. Varum).

genus (جِي نَس)
[L. نسلُ]
جِنس، خاندان (مٽي) ۽ قسم (هيٺ) جي وچ ۾ حيواني درجي بندي جو وچون رتبو.

geriatrics (جيرِيا ٽِرِڪس)
[G. gera, پيري; Iatrikos, شفا]
طب ۾ پيريءَ جي مرضن بابت شاخ يا ڪاتو، پيري طب.

germ (جرم)
[L. germen, گونچ]
جيوڙو، هڪ گهرڙيو ننڍ جيئڙو، ٻج.

german measles
جرمن اُرڙي، ڏسو: rubella.

germicide (جرمِسائڊ)
جيوڙا مار يا ناس دوا.

gerontology (جِيرون ٽولوجي)
[G. geron, پيرسن]
پيريءَ بابت اڀياس، پيري ڄاڻ.

gestation (جِيس ٽيشن)
[getare, ڪٽي هلڻ]
ويم، حمل، ڳپورائي.

Ghons focus (غون فوڪس)
ڦڦڙ ۾ سلهه جو اوائلي ڦٽ، غوني نقطو.

gigantism (جاءِ گين ٽِزم)
[G. gigas, ديو]
پچوچري غدود جي ڳوڙهي سبب ڊگهائي ۾ گهٽي واڌ، ديو جيڏو مڙس، ديو جيڏائي.

gingivitis (جِنجي واءِ ٽس)
[L. gingiva, ڏندن جي مهار]
مهارن جي سوڄ، ڪاڻ.

girdle (گرڊِل)
ڪمر بند، چيلهه جو پٽو، سندرو.
G. Pain: چيلهه چوڌاري پٽي جيان سور
Pelvic G: ڍونگري جي هڏن جو حلقو، ڍونگر ڪمر بند.
Shoulder G: ٻن هسلين ۽ ٻن ڦٽيءَ جي هڏن جو گهيرائتو پٽو. ڪُلهي ڪمر بند.

glabrons (گِلي برس)
[L. glaber, لسو]
لسو، لاسڙيو، وارن کانسواءِ.

gland (گلينڊ)
[L. glans, شاهه بلوط]
اهو انگ يا عضوو جيڪو اندرين يا ٻاهرين رس ڪڍي، غُدود.

glanders (گلينڊرز)
گڏهن، گهوڙن يا خچرن مان لڳندڙ هڪ وچڙندڙ بخار ۽ چڪندڙ ڦٽن واري هڪ بيماري.

glandular fever (گلينڊ يُولر)
(infective monucleosis)

هڪ وچڙندڙ بيماري، جنهن ۾ تپ غدودي سوڄ ۽ چمڙيءَ جا داڻا هوندا آهن. ڪارڻ اڻڄاتل، غدودي تپ.

glans (گلينز) [L.]
مرداڻي انگ ۽ ڪڪڙيءَ جي سوپاري، سوپارو ڦل.

glancoma (گلاڪوما)
[G. glaukos, نيرو سائو]
ڪارو موتيو، آب گوهر، آب مرواريد، آب سياهہ.

gleet (گِليٽ)
مرداڻي پيشاب نلي جي بيماري ۾ نڪرندڙ لِڱ ليس. انگ ليس. انگاليس.

glenoid (گِلينوائڊ)
[G. glene, (socket) ڪُپ، ڪوپو،]
ڦٽي جي هڏي جو گولائتو ڪُپ جنهن ۾ ڏوراڻي هڏي جو گول مٿو نهڪي ڪُلهي جو سنڌ ٺاهيندو آهي. ڪوپائون.

glia (گِليا)
[G. ڪونئر، ٽنيڻ]
ڪونئر، تنتي ڪونئر.

glioblastoma multiform (گِليو بلاسٽوما ملٽي فارم)
دماغ جو هڪ نهايت موتمار ڳوڙهو، گليوبلاسٽما.

gliomyoma (گليومايوما)
مشڪ ۽ تنت جو مليل ڳوڙهو، مُشڪ تنتي ڳوڙهو.

globin (گلوبن)
[L. globus, ڪنهيون]
هڪ پروٽين جيڪا رت سان گڏجي هيموگلوبن ٺاهيندي آهي. گلوبين پروٽين.

globulin (گلوبيُولِن)
[L. globules, ننڍو ڪنهون]
رتوڻي پلازما پروٽين جو حصو، گلوبيولين پروٽين.

globushysterions (گلوهسٽيريڪس)
هِسٽيريا، ڳِنتي ۽ ملولائي جي حالتن ۾ ڳهڻ جي ڏڪيائي: ڄڻ گلي ۾ ڳنڍيو ڦاسي پيو هجي. گلي ۾ ڳنڍيو. بادگولو، وائي گولو.

glomerulitis (گلو مريُولاءِ ٽِس)
[L. glomus, گولو]
گُردي جي شرياني ڳوٿري (glomerulus) جي سوڄ.

glomerulonephritis (گلو مريولو نيفراءِ ٽِس)
ٻنهي ٻڪين جي شرياني گولڙن جي سوڄ.

glomerulus (گلومريُولس)
گُردي اندر شريانڙين جي پتڪڙي مُڇي جو گولڙو، شرياني گردي گولڙو.

glossitis (گلوساءِ ٽِس)
[G. glossa, ڄڀ]
ڄڀ جي سوڄ، زباني سوڄ.

glossodynia
جڀ جو سڙڻ يا ڏکڻ.

glossopharyngeal (گلوسو فيرِن جيل)
جڀ ۽ نڙي بابت، جڀ نڙي ڪاپاري نائين تنت.

glossoplegia (گلوسو پليجيا)
جڀ جو فالج.

glottis (گلوٽِس) [G.]
نڙيءَ جو اهو حصو جيڪو آواز پيدا ڪندو آهي. آوازيو.

glucagon (گلوڪاگان)
لبلبي جي الفا گهرڙن ۾ پيدا ٿيندڙ هارموني رس، گلوڪاگان اها گلاءِ ڪوجن کي گلوڪوس ۾ مٽائيندي آهي.

gluco corticoid (گلوڪو ڪارٽي ڪوائڊ)
ايڊرنيل غدود جي چوٽي جو هارموني رس جيڪا پروٽين مان گلوڪوس ۽ گلاءِ ڪوجن ٺاهيندڙ آهي. اها انسولين جو توڙ آهي. اها رس ڪارٽي ۽ هائڊرو ڪارٽي سون جي شڪل ۾ هوندي آهي. گلوڪو ڪارٽي ڪوائڊ.

glucose (گلوڪوز)
ڊيڪسٽروس ڊاک جي کنڊ، هڪ اڪيو مٺاڻ (monosaccharide). هي اهو سڪو آهي، جيڪو ساري بت ۾ هلندو ۽ مٽبو سٽبو آهي. گلوڪوس، انگوري کنڊ.

gluteal (گلوٽِيَل)
[G. gloutos, ڍُنڍڻ]
ڍُنڍڻ (buttock) بابت، ڍُنڍٿيو.

gluten (گلُوٽِن)
ڪڻڪ جي اٽي يا چاٽي ۾ موجود پروٽين، ڪڻڪي پروٽين، گلوٽين.

glycin (گلاءِ سِين)
هڪ اڻ لازم امائنو ائسڊ، گلاءِ سِين.

glycogen (گلاءِ ڪوجِن)
[G. glykys, مٺو]
حيواني نشاستو، گلوڪوس گلاءِ ڪوجن جي شڪل ۾ مٺجي بت اندر ذخيرو ٿيندو آهي. گلائڪوجن.

glycogenase (گلاءِ ڪو جِنيز)
خميرو جيڪو گلائڪوجن کي گلوڪوس ۾ تبديل ڪندو آهي. گلائڪوجني خميرو يا انزائم.

glycogenosis (گلاءِڪوجِنوسِس)
گلائڪوجَن جي گهڻ ڪٺائي، جنهن سان مشڪن کي نقصان رسندو آهي، گلائڪو جني گهڻ ڪٺائي.

glyconeogenesis (گلاءِ ڪونيوجِني سس)
بت ۾ مِٺاڻ جي ڪوٽ ڪارڻ پروٽين يا چربيءَ مان کنڊ ٺهڻ. نئينءَ مان کنڊ ڄامائي.

glycosides (گلائڪو سائڊس)
ڪنهن ٻئي اڻ مٺي مادي سان کنڊ گاڏڙ مرڪب مادو، کنڊ گاڏڙيا.

grape_sugar

انگوري کنڊ، ڊيڪسٽروس يا گلوڪوس.

gravel

رائو، مثاني يا مُٽ ۾ رائو هئڻ.

Graves disease

گريو جي بيماري، ڪنٺ غدود جي واڌ يا تڪائي. ڏسو: hyperthyroidism.

gravid (گريِ وِڊ)

[L. gravis, ڍُڪي، ڳيوراڙي، ڳورهاري]

پيٽ يا اميد سان، ڳيوراڙي، ڍُڪي، حامل.

gravity (گريِ وِٽي)

[L. gravis, ڳرو]

وزن-تور.

specific, G.: مخصوص وزن يا تور، ڪنهن مادي جو اوتري پاڻيءَ موجب وزن.

Graintztumour

ڏسو: hypernephroma.

gregarious (گريِ گيئريَس)

[L. grex, ڌڻ]

ڌڻ ۾ رهڻ، گڏمڙ، رلڻ ملڻ جو جبلي لاڙو، ڌڻ لاڙائي.

grinders (گرائنڊرز)

پيهندڙ ڏاڙهون.

gripe (گرائپ)

وٽ، آنٽي، مروڙو، وڪڙ.

grocers itch (گروسرز ايچ)

سيڌي واري جي خارس، اٽي يا کنڊ جي ڇهاءَ سبب چمڙيءَ جي ڇهاءُ سوڄ.

groin (گرائن)

نرو، ڇڏو.

growth (گروٿ)

اوسر، اوٿپ، اوڀڙ، سرجائي، نِسر، واڌ.

guinea worm (گِني ورم)

هڪ مفت (dracontiasis) ڪاٺو ڪينئڙو جيڪو گدلي پاڻيءَ مان انسان اندر واسو ڪندو آهي. سندس مادي آنڊي مان لڏي ڪل ۾ اچي پنهنجا بچا ڏيندي آهي. ٽنگ ۾ ڏوري مثل سوڄ ٿي پوءِ ڦٽ ڦٽ ٿي ويندي آهي. اها بيماري ٿر خاص ڪري ڇاڇري ۾ گهڻي بيماري هئي، پر هاڻي هي جيوڙو سڄي دُنيا مان ختم ٿي چُڪو آهي. نارجو، ڏاڪي جي بيماري.

ڏسو: dracunculus medinesis.

gullet (گليٽ)

نڙگهٽ. ڏسو: oesophagus.

gums مهارون، ڏب

gumma (گما)

آتشڪ يا باد فرنگ مرض جي ٽين مرحلي جو چمڪندڙ ڦٽ، جيڪو نڪ، پني ۽ تارونءَ تي ٿيندو آهي. آتشڪ جو ٽيون ڦٽ، گمو

**gut** آنڊا

**gutta** (گَٽِ) [L.]

ڦڙو جيئن اکين لاءِ ڦڙ يا ڦُڙا (guttae) ڦڙ، ڪانجهائي.

**gynaecology** (گائني ڪالاجي)

[G. gyne, عورت]

زناني بيمارين جو اڀياس، زنانيون بيماريون يا انهن جي جاچ.

**gynaecomastia** (گاءِ نيڪامِيسٽيا)

[G. mastos, اُرهه]

مرد جي ٻُبي وڏي وڏي ٿيڻ، مرداڻو اُرهه.

**gypsum** (جِپسَم)

پلاسٽر آف پئرس. ڪيلشيم سلفيٽ، چيرولي. ان سان هڏن جي ڀڳ تي پلستر ڪبو آهي.

◆

handicapped

جڏو، پُنگلو ڪنهن عيب سبب هلڻ ڦرڻ، ڪم ڪار کان لاچار.

hangnail (هينگ نئل)

ننهن کان الڳ ٿيل کل ذري.

Hansens disease and bacillus

ڏسو: leprosy.

hare-lip

چَپَ ڏريو، هڪ پيدائشي عيب جنهن ۾ چپ کان وٺي ناس تائين ڏر يا چير هوندو آهي، اڪثر تارونءَ ۾ به چير هوندو آهي.

Hashimotos disease

هاشي موٽو جو مرض، اڌڙ وٺ عورت جي ڪنٺ غدود وڌڻ سبب غدود جي معمولي ڪم گهٽتائي (hypothyroidism)، مريض پنهنجي ڪنٺ رس جي پروٽين کان پاڻ حساس هوندي آهي.

haustration (ها ٽرئشن) (sacculation)

ڳوٿرائپ، ڳوٿر ڳوٿر يا ڳُپ ڳُپ هئڻ، جيئن وڏي آنڊي ۾ پيل آهن.

Haversion canals

هيمورس جون نليون، هڏي جي ڳتيل اٽت منجهه رت ۽ ملنف واريون پوليون جايون.

hay fever

ليس زڪام وارو بخار، گل داڻي (pollen) جي ساهه اندر وڃڻ ۽ الرجي سبب اکين، نڪ نڙي جو چتو ليس زڪام ۽ تپ. ليسَ زڪامي تپ.

Haygarths nodes

هيگارٿ جا ڳنڍ ڳنڍ، سنڌن جي سوڄ سبب آڱرين جي سنڌن جا سخيل ڳنڍا ڳنڍا.

healing

قدرتي طور ڦٽ ڇُٽڻ، ٻه قسم 1. جي پٽ جون ڪناريون پاڻ ۾ چڱي طرح مليل هونديون ته ڦٽ بنان ڪنهن عيب يا نشان جي چڱي طرح ڇٽي ويندو، 2. جي ٻئي ڪناريون چڱي طرح پاڻ ۾ مليل نه هونديون ته ڦٽ انگورجي ويندو ۽ دير سان ڇٽي نشان يا عيب ڇڏيندو. ڇُٽاءُ، شِفا.

health (هيلٿ)

صحت، تندرستي. سچي صحت جسماني، ذهني ۽ سماجي چڱيلائي آهي، اها ناچاڪي يا بيماري نه هئڻ جي ڪيفيت ناهي.

heart (هارٽ)

دِل. هينئون، هَيانءُ. هڪ پولو ماسائتو عضوو جيڪو چئن ڪوٺين، ٻن مٿين (atria) ۽ ٻن هيٺين (ventricles) ڪوٺڙين تي مشتمل آهي، ٻن ڦڦڙن جي وچ ۾ سيني جي صندوق (پڃر) اندر محفوظ آهي. ان جو وزن مرد ۾ 10-

hepatomegaly (هِپي ٽومِ گيلي)
جگر جو سُڄي وڏو ٿيڻ، وڌيل جيرو.

hepatotoxic (هِپي ٽوٽاڪسِڪ)
جيري لاءِ هاڃيڪار مادا، جيرائون زهر.

hereditary (هيري ڊِٽري)
[L. hereditas, ورثو]
موروثي، ورثي ۾ مليل. ورثائتو.

heredity ورثو، نسلي ورثو.

hermaphrodite (هرمفي فروڊائٽس)
[L. hermaphroditus, G. hermes, هرمس عطارد ديوتا; Aphrodites, افرودِتي زهره ديوي]
اهو فرد جنهن ۾ بيضي دانيءَ ۽ آنورن جا اٽت ماس ٻئي هجن، مخنث، نرماد.

hernia (هرنِيا) [L.]
چَنَ، ڪنهن عضوي يا ان جي حصي جو اوڙي پاڙي جي انگ اڏاوت ۾ ٽيڪي نڪري وڃڻ يا اندر اچڻ، گهڻو ڪري ائين پيٽ جي ديوار جي ڪنهن ڳڙک مان ڪو عضوو باهر نڪري ايندو آهي.

Diaphragmatic H: سيني ۽ پيٽ جي وچ مِشڪي (diaphragm) پڙدي وچان چَنَ.

Inguinal H: نڙي جي چَنَ.

Strangulated H: وٽيل سٽيل چَنَ.

Umblical H: دُن جي چَنَ.

irreducible :ڏسو.

hernioplasty (هرنِيو پلاسٽي)
چن جي مرمت جو آپريشن.

herpangina (هرپين جينا)
[G. herpein, رڙهڻ، سُرڙڻ; L. angere گهوگهو يا گهٽو ڏيڻ]
ٻارن جي وات جي پوئين حصي ۾ سنهڙا داڻا ۽ ڦٽ. ڪارڻ جيوڙو coxdachie viruses.

herpes (هرپيز)
چپن تي ٻُخار جو مُٽ، وائرس جيوڙائپ ڪارڻ سنها سنها پاڻيءَ داڻا (vericles).

H. Facialis, Febrilis and Labialis: وات چوڌاري سنها سنها ڦلڪوٽا. اهي سادي هرپيز (cold-sore) جو قسم آهن، پر اک جي ڦرنيءَ تي شاخي تپ مُٽي، تپ ڦلوٽا.

H. Zoster (shingles): وائرس حسي تنت تي حملو ڪندو آهي. ان ڪري تمام تکو سور ٿيندو آهي. تنتي وات سان گڏوگڏ سنها پاڻي داڻا هوندا آهن، جڻ ڪنهن ٽاري جا ٽبڪ ٽبڪ نقش وارا پن هجن. اها اڪثر هڪ پاسي، ۽ سيني جي پاسي تي نظر ايندي آهي.

H. Opthalmaticus: اها پنجن ڪاپاري تنتن جي ديد شاخ جي هرپيز زوسٽر آهي.

hormone (هارمون)

[G. hormaein, جوش ڏيارڻ]

بي نلين غدودن جي رس، جيڪا رت ۾ داخل ٿي ٻين انگن عضون يا اڻتن کي جوش ۾ آڻيندي آهي. هارمون، هارموني رس.

hormonotherapy (هارمونو ٿراپي)

هارمون وسيلي علاج، هارموني علاج.

Horner syndrome

هارنر جو علامتي گاڏاپو، جيڪو ماڻڪي جي سوس (miosis)، معمولي لڙڪيل ڇپر (plosis)، پيئيل دوڏن ۽ پگهر اوٽائي تي مشتمل آهي.

Hortons syndrome

هورٽن جو مرضي گاڏاپو، جنهن ۾ تمام ڏاڍو مٿي جو سور ٿيندو آهي.

Hospital (هاسپي ٽل)

اسپتال: شفا خانو، دارالشفا، منتشفيٰ (ع)، بيمار شفا (ف)، آتُر شالا.

host (هوسٽ)

[L. hospes]

انگي اڏاوت جنهن ۾ مفت کائو کينئڙا واسو ڪري پيا تڳندا آهن.

housemaids knee

ڏسو: bursitis.

humerus (هِيُومَرَس) [L.]

ڪلهي جي سنڌ ۽ ٺونٺ جي وچ واري مٿين ٻانهن جو هڏو، ڏوراٽو هڏو.

humor (هِيُومر)

[L. پاڻياٺ]

بت جي ڪابه پاڻياٺ

Aqueous H: اک جي بلور آڏو اڳين ۽ پوئين ڪوٺڙي ڀريندڙ پاڻياٺ، پاڻياري پاڻياٺ.

Vitreous H: اک اندر بلور ۽ ريٽينا جي وچ ۾ ڀريل چيڙهالو مادو. چيڙهالي پاڻياٺ.

hunch, hump

گَڪُ، ڪُپُ، جهُڪَ، ڀُونڊڙو، ڀونڊڪي گُپُ، ڪُوز، ٿوهو، ڀُونڊ، قيڏُ.

Huntingtons chorea

موروثي نچڪو جيڪو اڌڙوٽ ڄمار ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ مريض جي مت ڪسي ويندي آهي. هنگٽن وارو نچڪو. ڏسو: Chorea.

Hutchinsons teeth

موروثي آتشڪ ۾ ڏندن جو عيب جنهن ۾ مٿيان اڳيان ٻہ ڏند چوٽي کان پاڙ وٽ ويڪرا هوندا آهن ۽ انهن جي تکي ڪناريءَ تي بيضوي ڏندا هوندا آهن. هِچنسنس وارا ڏند.

Hyalase (هايالئز)

ڏسو: Hyaluronidase.

hyaline (هايالِين)

[G. hyalos, ڪائو، شيشو]

ڪائي جهڙو.

Hyaline membrane: اک جي چيڙهالي

gigantism ۽ acromegaly جون بيماريون پيدا ٿينديون آهن. شاهه غدود جي تڪائي، شاهه غدود تڪائي ڏسو: Pituitary Gland.

**hyper plagia** (هه. پلئزِيا)
[G. plasis, روپ، صورت، شڪل]
گهرڙن نهڻ جي تعداد ۾ واڌارو، گهرڙن واڌائي، گهڻ گهرڙائي.

**hyperpnoea** (هائپرپ نِيا)
[G. pnoe, ساهه]
سهڪڻ، ساهه تڪائي.

**hyperpyrexia** (هه. پائريڪسِيا)
[G. pyressin, بخارجڻ، تپجڻ]
تيز تکو بخار، ٻُٺ ٻرڻ، جڏهن ٿرماميٽر جو درجو 105 F يا 40 C کان مٿي هجي. اهڙي بخار ۾ هڪدم مريض جي سڄي بت کي برفيلي پاڻيءَ جي پٽين سان پچائي فل پکو هلائجي. جڏهن بخار 102 F تي اچي پٽيون بند ڪري ڇڏجن، باقي ٻه درجا بخار پاڻهي لهي ويندو. اسان وٽ اڪثر اونهاري ۾ گرمي جي سٽ لڳڻ سبب بخار ايترو وڌندو آهي.

**hypersecretion** (هه. سيڪرِيشن)
[L. secretus, ڏار يا الڳ ٿيل]
تمام گهٽي رطوبت يا رس خارج ٿيڻ. رس وهڪ واڌائي.

**hypersensitivity** (هه. سينسِوِٽي)
[L. sentire, محسوس ڪرڻ]
هرويرو ٻه ڪنهن شيءِ لاءِ گهڻو ردعمل ظاهر ڪرڻ، حساسيت جي گهٽائي، الرجيائي مادي لاءِ گهڻو جوابي عمل، گهڻ جسيائي.

**hypertension** (هه. ٽينشن)
[G. tendere, تاڻڻ]
وڌيل بلڊ پريشر يا رتوڙو داٻ، جڏهن اهو نارمل 120/80 mmHg ۾ هيٺيون 90 کان مٿي هجي ته ان کي وڌيل بلڊ پريشر چئبو آهي. رتوڙي داٻ واڌ.
:Essential H
:Malignant H
ڏسو: blood pressure hyptension

**hyperthermia** (هه. ٿرمِيا)
[G. therme, گرمي]
بت جي وڌيل گرمي يا ڪوساڻ، وڌ گرمائي.

**hyperthyroidism** (هه. ٿائرائيڊزم)
(Thyrotoxicosis)
ڪنهن غدود جي تيزي تڪائي يا ڪنٺ غدود واڌائي. ڏسو: thyroid, thyrotoxicosis.

**hypertonia** (هه. ٽونِيا)
[G. tonos, تاڻ]
گهڻ تاڻائي، مشڪ جي تاڻ ۾ واڌ.

hypertonic

1. گهڻ تاڻائي بابت، 2. لوڻائي پاڻي (saline) جو نارمل پاڻي کان وڌ سيمو داب (osmotic pressure) رکندڙ پاڻياڻ.

hyprtoxic (هـ. ٽاڪسِڪ)

تمام زهريلو.

hypertrichiasis (هـ. ٽرِڪِياسِس)

[G. thrix, وار] (hypertrichosis)

تمام گهڻا وار هجڻ، گهڻ ٻُوجرائي.

hypertrophy (هـ. ٽرافِي)

[G. trophe, غذا، خوراڪ]

عضوي، انگ اڏاوت جي پنهنجي نارمل فطري اوسر کان وڌ سائيز ۾ واڌ. وڌ واڌائي.

hyperurcicaemia (هـ يُوري سِيميا)

رت ۾ يورڪ تيزاب جي گهڻ، رتوٽي يُوري گهڻائي.

hypervitaminosis (هـ وِيٽي لئشن)

[L. ventilare, هيٺ] (hyperphoea)

ڏسو: hypernoea.

hyphaemia (هـ. وائٽمِنوسس)

[L. vita, زندگي، حيات]

وٽامن جي گهڻ سبب خرابي، وٽامن گهڻائي.

hypnosis (هاءِ فيميا)

[G. hypo, هيٺ]

اک جي اڳ ڪوٺڙيءَ ۾ رت هئڻ.

hypnotism (هِپنو سِس)

[G. hynos, ننڊ]

نقلي ننڊ، ڪنهن هپنو ٽسٽ هٿان ذهني هدايت وسيلي آندل هٿرادو ننڊ، سمهوري.

hypnotherapy (هِپنو ٿراپِي)

ننڊائي علاج. ڏسو: hypnotism.

hypnotic (هِپنو ٽِڪ)

1. ننڊائڻ بابت، 2. ننڊ آڻيندڙ دوا، ننڊائڪ.

hypo_aesthesia (هائپ ايس ٿِيزيا)

انگ عضوي جو گهٽيل احساس، گهٽ احساسائي.

hypchlorhydria (هائپو ڪلور هائڊريا)

رت ۾ ڪلورائڊ لوڻ جي گهٽتائي.

hypochondira (هائپو ڪانڊريا)

ملولائي ۽ ڳڻتيءَ جي نفسياتي بيماريءَ ۾ پنهنجي صحت بابت تمام گهڻي ڳڻتي يا اونو. سوداءُ، خفت، خبط، خفقان، خفخان، پُور، وهم.

hypochondrium (هـ. ڪانڊريم)

پاسرين هيٺان، ساڄي کاٻي، پيٽ جي مٿيريءَ جا ٻه مخصوص ورهايل حصا يا جايون. هيٺ پاسريو، ڪُکِ.

hypochromic (هـ. ڪرومِڪ)

رنگ جهڪو يا ڦڪو ٿيڻ. رتوٽي ڳاڙهه جزي ۾ هيموگلوبن گهٽ

هئڻ سبب رنگ جهڪو ٿيڻ. گهٽ رڱائي، گهٽ لالائي، گهٽ ڳاڙهائي.

hypodermic (هه. ڊرمِڪ) (subcutaneous)
چمڙيءَ هيٺ جيئن چمڙي هيٺ سُئي هڻبي آهي.

hypodermis
استر چمڙي، مٿينءَ چمڙي هيٺان چاماٺو تهه.

hypofibrogenaemia (هه. فائبرو جِنيمِيا)
ڏسو: a fibrinogenaemia.

hypofunction (هه. فنڪشن)
ڪم گهٽتائي.

hypogastrium (هه. گئس ٽريم)
معدي هيٺ، پيٽ جي مٿچري تي نهائين مٿان مخصوص ورهايل جاءِ جو نالو، معدي هيٺ، هيٺ معديو. هينئون-هينئائُ.

hypoglossal (هه.گلوسل)
ڄڀ هيٺ، هيٺ ڄڀيو. ٻارهين ڪاپاري تنت: H. Nerve.

hypoglycaemia (هه. گلاءِ سِيميا)
رت ۾ مٺاڻ جي گهٽتائي، علامتون، پريشاني، پگهر اچڻ، دبر يا ڦاما.
ڏسو: diabetes, hyperglycaemia.

hypomania (هه. مئنيا)
گهٽ جنون واري ڪيفيت، گهٽ جُنونائي.

hypomotility (هه. موٽِلِٽِي)
معدي يا آندي جي گهٽ حرڪت يا هلڻ، گهٽ هَلڻائي.

hypoparathyroiodism (هه. پيرا ٿاءِ رُوائِڊِزم)
ٻيلهه ڪنٺ غدود جي ڪم گهٽتائي، جنهن ڪارڻ رت ۾ ڪيلشيم گهٽ ٿي ويندو آهي.
گهٽ ڪنٺ غدودائي، ڏسو: parathyroid gland.

hypopharynx (هه. فيرِنڪس) (laryngo pharynx)
نڙي هيٺ، هيٺ نڙي.

hypophoria (هه. فوريا)
[G. phoros, ٻيهڪ]
هڪ اک جو ديد وارو محور ٻي اک جي محور کان هيٺ هجڻ، هيٺ مٿي ديد محور.

hypophysis cerebri (هه. فِسِس) (pituitary gland)
دماغ اندر شاهه غدود جيڪو ڏانڊي وسيلي مغز سان ڳنڍيل هوندو آهي، ڏسو: gland pituitary.

hypopiesis (هه. پائيسِس)
رتوڻي داٻ جي گهٽتائي. (hypotension).
ڏسو: blood pressure.

hypopigmentation (هه. پِگ مين ٽي شن)

**hypotonic** (هہ. ٽانڪ) (jautic pressure)

جنهن جو سيمو داب ٽاڻ، ڇڪ ۾ سگهہ ۾ برابر ٽاڻائي واري (isotonic) جي ڀيٽ ۾ گهٽ هجي: گهٽ ٽاڻيو.

**hypovitaminosis** (هہ. وٽامنو سِس)

وٽامن جي گهٽتائي.

**hypovolaemia** (هہ. وولِيميا)

ڏسو: oligaemia.

**hypoxaemia** (هائپو ڪسِيميا)

رت ۾ آڪسيجن جي گهٽتائي، رتوٽي آڪسي گهٽتائي.

**hypoxia** (هائپوڪِسيا)

ماس اُٽتن منجهہ آڪسيجن جي گهٽتائي، اُٽت آڪسي گهٽتائي.

**hysterectomy** (هِسٽرِيڪٽومي)

[G. hystera, رحم]

ٻچيداني کي ڪپي ڌار ڪرڻ جو آپريشن.

**hysteria** (هِسٽي رِيا)

ذهني ڇڪتاڻ ۾ دٻائڻ مان اُسريل تنتائپ، علامتون، ڦڙڪو، فالج، اڻ احساسائي وغيره. هسٽيريا، اختناق الرحم (ع). باد گولو.

◆

# I

iatrogenic (اِيا ٽرو جينڪ)

[G. iatros, طبيب]

طبيب يا طب هٿان پيدا ڪيل خرابي، پهرين خرابي جي علاج دوران علاج مان ٻي خرابي. هڪ نہ ڇُٽي تہ ٻي خرابي.

ichthyosis (اڪ-ٿِيو-سِس)

[G. icthys, مڇي] Xeroderma Fish Skin.

سڪل نوٽ، ڇلڙڇلڙ چمڙي واري پيدائشي بيماري، مڇيءَ چمُ.

icetrus (اِڪ ٽيرَس)

[G. ikteros, سائي]

سائي، يرقان، ڪامڻ.

I. Neonatorum

نئين ڄاول ٻار جي سائي. ٻارڙي جي ضرورت کان وڌ هيموگلوبن تباهہ ٿيڻ تي زندگيءَ جي پهرين هفتي ۾ اڻ ھاجيڪار سائي، جيڪا پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندي آهي.

id (اِڊ)

لاشعور جي اوائلي يا حيواني خصلتن ۽ جبلتن وارو حصو، جيڪو وڏي هوندي بہ اڻ ڇاتو قائم رهندو آهي. اِڊ- نفس امّاره.

idea (آئڊيا)

[G. صورت، روپ]

پوئين پروڙن جي ياد، جيڪُن پروڙ جو آڌار احساس تي آهي، تئن تصور جو دارومدار مُورت (image) تي آهي. تصور، خيال.

ideation (آئڊي ايشن)

خيالن جو جُڙڻ، جيڪو آگاهي جي تمام اوچي ڪم جو عمل آهي. اُن ۾ خيال، عقل ۽ حافظو شامل آهن. سوچ.

identical twins (آءِ ڊينٽي ڪل ٽوِنز)

هو ٻهو ڄاڙا ٻار، جيڪي هڪ ئي ٻيجايل بيضي مان ڄاوا هجن. (هيڪ بيضوي، ٻہ بيضوي).

identification (آءِ ڊينٽي فِڪيشن)

[L. idem, ساڳيو]

ڪنهن شخص کي آدرش ٻڌائي ان موجب پنهنجي شخصيت گهڙڻ، پنهنجي جنس موجب ماءُ پيءُ مان ڪنهن هڪ کي ماڊل ٻڌائڻ يا پنهنجي جنس واري ڪنهن شخص کي هيرو بنائي بلوغتي انداز ۾ پوڄا ڪرڻ، سُڃاڻ.

ideomotor (آئڊيو موٽر)

[G. idea, صورت; movere, چُرڻ]

خيالن جي صوٌرت ۾ ذهني طاقت جيڪا مشڪن ۾ پنهنجو پاڻ حرڪت کي جنم ڏيندي آهي. خيال چورڪ.

ileum (اِليَم)
ننڍي آنڊي جو هيٺيون 3/5 حصو جيڪو خالي آنڊي (jejunum) ۽ انڌي آنڊي جي وچ ۾ آهي. پاسائتو آنڊو.

ileus (اِليَس)
[G. eilous, آنڊي جي روڪ]
آنڊي جي روڪ رنڊڪ جنهن جو سبب آنڊي جي مفلوج هجڻ آهي، جنهن ۾ پيٽ ڦوڪجڻ سان گڏ الٽيون ٿينديون آهن، پر سور بنهه ڪونه ٿيندو آهي. آنڊائي روڪ.

iliococcygeal (اِليو ڪاڪسي جِيَل)
ڪڪاٽي هڏي (ilium) ۽ ڏُمچي (coccyx) بابت، ڪُڪ ڏُمچي.

iliofemoral (اِليو فِيمورل)
ڪڪاٽي هڏي ۽ سترائي هڏي (femur) بابت، ڪُڪ سترائو.

iliopectineal (اِليو پيڪٽِينِل)
[L. pecton, ڪلفي]
ڪڪاٽي هڏي ۽ نهائين هڏي بابت، ڪڪائين.

iliopsoas (اِليوسُئاس)
[G. psoai, چيلهه جي پُٺ ]
ڪک هڏي ۽ پُٺ بابت، ڪُڪا پُٺ.

ilium (اِليَم)
[L. پاسو، ڪُک]
ڍونگري جي ٻنهي پاسن تي هڪ هڪ پاسائتو هڏو.

ideoventricular (اِڊيو وينٽري ڪيُولر)
[G. ideos, پنهنجو; L. ventriculum, دل جي هيٺين ڪوٺڙي]
دل جي رڳو هيٺين ڪوٺڙين بابت.

ideopathy (اِڊيوپيٿي)
اڻ ڄاتل يا اُمالڪ ڪارڻ واري بيماري.

idiosyncrasy (اِڊيو سِنڪريسي)
[G. synkrasis, رلڻ ملڻ]
بت يا سياءُ جو عجيب انداز، ڪن دوائن يا پروٽين لاءِ غير معمولي انفرادي رد عمل، عجيب جوابي عمل.

ileitis (اِلياءِ ٽِس)
[L. ilia, ڪُکيون ,پاسا]
پاسائتي آنڊي جي سوڄ.

ileocaecal (اِليوسِيڪل)
[L. caecus, انڌو]
پاسائتي ۽ انڌي آنڊي بابت، پاسانڌو.

ileocolic (اِليو ڪولِڪ)
[G. colon, وڏو آنڊو]
پاسائتي ۽ وڏي آنڊي بابت، پاس وڏو آنڊو.

ileocolitis (اِليوڪولاءِٽِس)
پاس-وڏي آنڊي جي سوڄ.

ileorectal (اِليو رِيڪٽِل)
[L. rectus, سڌو]
پاس، سڌي آنڊي بابت، پاس-سڌو آنڊو.

مفت کائو جيتامڙن يا جيئڙن جا ميڙ کنا ٿيڻ، جيوڙي لاءِ infection ۽ جيئڙي لاءِ infestation لفظ استعمال ٿيندو آهي..

**infiltration** (اِن فِلٽرئشن)
اوڙي پاڙي جي اُٽن منجهه پيهجي وجڻ، پاڻياڻ جو اُٽن منجهه سِمڻ، پيهائپ، سيمو.

**inflammation** (اِن فِلي مئشن)
[L. inflammare, پرو ڏيڻ، باهه ڏيڻ]
پوسرائي، جيوڙائپ، ڏک جي لاءِ ماس يا اٽت جو جوابي عمل سوڄ، پرو، سوڄ جون چار مقامي ڪلاسيڪي نشانيون آهن: سور (dolor)، ڳاڙهاڻ (rubber)، ڪوساڻ (calor) ۽ سوڄ يا ڳوڙهي (tumor). اُٽاڻ، سوڄ، ڪاڙهه، ڪاڙهو.

**influenza** (انفلنزا)
[It. اثر]
نڪ نڙيءَ ۽ ساهه نليءَ جي وائرسي جيوڙائپ، وبائي ليس زڪام، انفلوئنزا، فلو.

**infra-red rays** (انفرا)
[L. infra, هيٺ]
اندلٺي ست رنگن جي ڳاڙهي رنگ کان هيٺ، هيٺ ڳاڙها ڪرڻا، اهي ماس گرمائڻ لاءِ ڪم آڻبا آهن.
ڏسو: ultra-violet.

**infundibulum** (اِن فُنڊي بِيُولَم) [L.]
ڪوبہ قيف شڪليو لنگهہ.

**infusion** (اِن فِيُوزن)
[L. infundere, اوتجڻ]
تور چڪ وسيلي بت اندر پاڻياڻ اوتڻ، جيئن گلوڪوز يا رت جي بوتل ڦڙو ڦڙو ڪري نس ۾ داخل ڪبي آهي. اوتڻ، اوتجڻ.

**ingestion** (اِنجيشن)
[L. ingestion, ingerere, اندر وجهڻ، داخل ڪرڻ]
معدي منجهه کاڌو يا دوا داخل ڪرڻ. معدي داخلائي.

**ingrowing toe-nail.**
وڏي پير جي ننهن جو پاسو ورڪائي ماس اندر گهڙي سور ۽ سوڄ پيدا ڪرڻ، وريل ننهن. ڪور.

**inguinal** (اِنگُوائنل)
[L. inguen, نرو، چڏو]
نري يا چڏي بابت، نرائتو.
I. cana: نري ڪان مٿيرو پيٽ جي هيٺين حصي ۾ نرائتو لنگهه ۽ ڳِڙڪ جنهن اندر ويرج ڏوري (spermatic cord) هوندي آهي.
I. Hernia: چن، پيٽائين چيڙي ڪان آندو نرائي لنگهه مان لهي ڪپوري ۾ هلي ايندي آهي. نرائتي چَن.
ڏسو: hernia.

**instinct** (انس ٽِنڪٽ)
[L. instinctus, اوڀارڻ]
جبلت، ڪنهن مخصوص حالت اندر موروثي طور مخصوص انداز ۾ عمل ڪرڻ.
Paternal I: اولاد بچائڻ جي ماءُ پيءُ واري جبلت.

**insufflation** (ان سفلي شن)
[L. insufflare ڦوڪ ڏيڻ]
ڪنهن نليءَ ۾ هوا ڦُوڪڻ يا ڪنهن پولي جاءِ اندر پورو ڦوڪڻ، ڦوڪڻ، ڦوڪ، پور ڦوڪائي.

**insulin** (اِنسُولِين)
لُبلبي يا شيردان جي هارموني رس جيڪا مناڻ مٿان ڪنٽرول ڪندي آهي. اِنسولين. ڏسو: diabetes mellitus .pancreas

**insulinase** (اِنسُولي نيز)
خمير جيڪو انسولين کي بي اثر ڪندو آهي.

**insulinoma** (انسولي نوما) (insuloma)
لبلبي جو غدودي ڳوڙهو.

**intellect** (اِنٽي ليڪٽ)
[L. intellectus, فهم، سمجهه]
عقل، فڪري ۽ منطقي صلاحيت.

**intelligence** (ان ٽيلي جنس)
[L intelligential]
ذهانت، پيدائشي ذهني صلاحيت.
I. quotient (I. Q.: ذهني ۽ جسماني ڄمار جي وچ ۾ تناسب، ان جا مختلف ماپا آهن.

**interarticular** (انٽرا آرٽيڪيُولر)
[L. inter, وچ ۾; articulus, سنڌو]
سنڌ جي ٻن ڳهڪندڙ مٿاڇرن جي وچ ۾ وچ سنڌائون.

**interatrial** (انٽراٽريل)
[L. atrium, ڪوٺي]
دل جي مٿين ٻن ڪوٺڙين جي وچ ۾، وچ مٿ ڪوٺيائون.

**intercellular** (انٽر سيلولر)
[L. cellula, ننڍو گهرڙو]
گهرڙن جي وچ ۾، وچ گهرڙائون.

**intercondylar** (انٽر ڪنڊِيلر)
[G. kondylos, knuckle, ڏوڏي]
ٻن ڏوڏن جي وچ ۾، وچ ڏوڏائي.

**intercostal** (انٽر ڪاسٽل)
پاسرين جي وچ ۾، وچ پاسرائيو.

**intercourse** (انٽر ڪورس)
[L. intercurrere, وچ ۾ ڊوڙڻ]
مِلن، جنسي عمل، لڳ.

**intercurrent** (انٽر ڪرِنٽ)
[L. currere, ڊوڙڻ]
هڪ مرض مٿان ٻيو مرض، مرض مٿان مرض.

**interlober** (انٽر لوبر)
[L. lobos, ٻونڊ]
ٻن ٻونڊين جي وچ ۾، وچ ٻونڊائون.

تهہ پٽ اندريون.

intramuscular (انٽرا مسڪيُولر)

مُشڪ اندريون.

intranasal (انٽرا نئزل)

[L. nasus, نڪ]

نڪَ اندريون.

intranatal (انٽرا نئٽل)

[L. natus, ڄم] (intra partum).

ڄم اندريون.

intra-ocular (انٽرا آڪيُولر)

دوڏي اندريون.

intra-oral (انٽرا اورل)

[L. os, وات]

وات اندريون.

intra-orbital (انٽرا آربي ٽل)

[L. orbita].

دائري يا ڪوپي اندريون.

intra-osseous (انٽرا اوسِيس)

[L. osseus, هڏو]

هڏ اندريون.

intra partum (انٽرا پارٽم)

[L. partus, ڄم]

ويم اندريون.

intraperitoneal (انٽرا پيري ٽونِيل)

[G. peri, چوڌار; teincin, تاڻڻ]

پيٽ تاڻ استر ڪوٺيءَ اندريون.

intrapharyngeal (انٽرا فيرن جِيل)

[G. pharygx, نڙي]

نڙي اندريون.

intraplacental (انٽرا پلي سينٽل)

اورَ اندريون.

intrapleural (انٽرا پلُورَل)

پاسري استر ڪوٺيءَ اندريون.

intrapulmonary (انٽرا پلُمونري)

ڦڦڙ اندريون.

intra retinal (انٽرا ريٽي نل)

[L. rete, ڄار]

ڄار تهہ اندريون.

intraspinal (انٽرا اسپاءِ نل)

[L. spina, ڪنڊو]

پُٺ ڪنڊي اندريون.

intra splenic (انٽرا اسپلي نِڪ)

ترِيءَ اندريون.

intra synovial (انٽرا سائنو وِيَل)

سنڌ استرڪوٺيءَ اندريون.

intrathecal (انٽرا ٿِيڪل)

[G. theke, پوش]

مغز پوش اندريون.

intra thoracic (انٽرا ٿوري سِڪ)

[G. thorax, سيني جي ڪوٺي]

پڊڙ، اندريون.

intra tracheal (انٽرا ٽري ڪِيل)

گُٽر اندريون.

intra tumour (انٽرا ٽِيُومر)

ڳوڙهي اندريون.

intra uterine (انٽرا يوٽي رن)

ٻچيداني اندريون.

**intra vaginal** (انٽرا ويجاءِ نل)
اندري يا ڳهڻ اندريون.

**intra vascular** (انٽرا ويس ڪيُولر)
رت نليءَ اندريون.

**intra venous** (انٽرا ونيس)
رڳ اندريون.

**intra ventricular** (انٽرا ونٽري ڪيُولر)
هيٺ ڪوٺڙيءَ اندريون.

**intrinsic** (اِن ٽرِن سِڪ)
[L. intrinisecus, اندرين پاسي]
اندريون، اندريان، اندرائتو، پيدائشي، ڄائي ڄم کان، اندر ئي اندر، قدرتي، حقيقي، سچو. ضد: extrinsic.
I. Factor: اندرائتو عامل. معدي جي استر اندر موجود هڪ مادو، جيڪو ٻاهرين عامل جي چوهجڻ لاءِ لازمي آهي. ڏسو: extrinsic factor.

**introitus** (اِنٽراءِ ٽِس) [L.]
ٻت جو ڪوبہ ڳڙک، ڪنهن پولي ڪونيءَ اندر داخلا. اِندريءَ جو اندر لنگهہ.

**intro jection** (انٽرو جيڪشن)
[L. jacere, اڇلائڻ، ڦٽو ڪرڻ]
ڪنهن ٻئي شخص يا شيءِ سان پنهنجي سڃاڻ جو ذهني عمل.

**introspection** (انٽروس پيڪشن)
[L. اندر; spicere, نظر]
ڪنهن شخص جو پنهنجي ذهني عمل کي پاڻ پسڻ يا ان جو اڀياس ڪرڻ، شخصي قوت منجهہ اها ڪيفيت حد کان وڌي ويندي آهي، پاڻ پساءُ.

**introversion** (اِنٽرو ورشن)
[L. introversus, اندرين پاسي]
ٻاهرين پاسي بدران خيالن ۽ دلچسپين جو رخ يا لاڙو اندرين پاسي هئڻ، اندر لاڙائي. انٽر لاڙائي.
ڏسو ضد: introvert, extroversion.

**intubation** (اِن ٽيوٽشن)
[L.tubus, نلڪي، ٽيوب]
جسم جي ڪنهن خالي ڪونيءَ اندر نلڪي وجهڻ، جهڙوڪ نڙيءَ مان ٽيوب داخل ڪرڻ. نلڪي داخلا.

**intussusception** (ان ٽس سسيپ شن)
[L. intus, اندر; suscipere, وصولڻ]
جڏهن آنڊي جو هڪ حصو، گسڪي هيٺين حصي اندر گهڙي آنڊي روڪ جو ڪارڻ بڻبو آهي. اٿين اڪثر ننڍي ٻالڪ جي نرم ڪچڙي آنڊي سان ويتن ٿيندي آهي. آنڊ ڳپائي.

**intussuscipiens** (ان ٽس سي پيَنس)
آنڊي ڳپائي جو هيٺيون وصوليندڙ حصو. ڳپيل آنڊو.

**inunction** (ان نڪشن)
[L. inuctio, آڍڻ]
چمڙيءَ کي تيل سان مالش ڪرڻ يا آڍڻ، آڍ.

I. Q. (Intelligence quotient)

ڏسو: intelligence.

Iridocele (اِري ڊوسِيل)

[L. iris, انڊلٺ; G. kele, چن].

(prolapsediris).

قرنئي جي ڦٽ وچان انڊلني تهه جو چن، اِنڊلني چن، ڪالڪي چن.

iridocyclitis (اري ڊوساءِ ڪلاءِ سٽس)

اک جي انڊلني پردي ۽ وار جسمڙي (ciliary body) جي سوڄ، انڊلٺ وار سوڄ.

ڪالڪي وار جسمڙي، سوڄ.

iridolialysis (اِري ڊو ڊايا لِسِس)

انڊلني تهه جو پنهنجي وار لاڳاپي کان ڇڄڻ، انڊلني تهه ڇڄائي، ڪالڪ ڇڄائي.

iridoplegia (اِريڊو پلِيجيا)

iridoptosis (اِريڊوپ ٽوسِس)

[L. ptosis, ڍِرڪڻ]

اک جي انڊلني پردي جو ڍِرڪڻ، انڊلني ڍِرڪاءُ، ڪالڪي ڍِراءُ.

iris (آئِرس)

[L. انڊلٺ]

اک جو اڳيون رنگين ٽِڪي وارو پردو جنهن جي وچ ۾ ماڻڪيءَ لاءِ ڳُڙڪ آهي، هن جي مشڪن جي سيٽجڻ وسيلي روشني گهٽ يا وڌ مقدار ۾ اک اندر داخل ٿيندي آهي. اک انڊلني پردو، رَتَنُ، ڪَالِڪُ.

iritis (آءِ راءِ ٽِس)

اک انڊلني پردي جي سوڄ، ڪالڪي سوڄ.

irreducible (ار رِيڊيُوسي بِل)

[L. irredux جيڪا پنهنجي جاءِ تي [موٽي، نه وڃي

اڻ ورائتي يا اڻ ورائتو.

I. Hernia: موٽي نه وڃڻ جوڳي چن، اڻ ورائتي چن.

irritable (اِري ٽبل)

[L. irritare, چيڙائڻ، پوسرائڻ، جوش [۾ آڻڻ

جوش اچڻ جوڳو، جيڪو چُرچ ملڻ سان چڙڻ يا جوش ۾ اچڻ جوڳو هجي.

irritant (اِري ٽنٽ)

[L. irritare, پوسرائڻ]

پوسرائيندڙ، پوسرائڪ، چڙ ڏياريندڙ.

ischaemia (اِسڪي مِيا)

[G. ischein, روڪڻ، جهلڻ]

گهٽ رت رسائي، رت روڪ. ڏسو: angina, Volkmann.

ischiorectal (اِسڪيو ريڪٽل)

[G. ischion, ڏڏ; rectus, سڌو]

ڏڏ جي هڏي ۽ سڌي آنڊي بابت، ڏڏ سِڌ آنڊوئو.

I. abscess: ڏڏآنڊي ڳر.

ڏڏ هڏي ۽ سڌي انت آنڊي جي وچ ۾ ڳڙ، مقعد جو ڳڙ.

ischium (اسڪِيَم)

[G. ischion, ڏُڙ]

ڏُڙ جو هڏو جيڪو ڍونگري جي هڏي جو ويهڪ وارو حصو آهي. ڏُڏائون هڏو.

islets of Langerhans (آءِ ليز لينگرهين)

لبلبي يا شيردان اندر ننڍڙا کڙ خاص گهرڙن جا ٻيٽ، جيڪي انسولين رس خارج ڪندا آهن. لينگر هانءِ ٻيٽڙا.

iso-immunization (آئسو اِمَيُوناءِ زئشن)

[-] Rh واري شخص کي [+] Rh رت ڏيڻ سان ان ۾ Rh مخالف چَڪا (agglutinins) پيدا ٿيڻ.

isotonic (آئسوٽانِڪ)

[G. isos, برابر; tonos, تاڻ]

تاڻ برابري، پاڻيات جنهن جو سيمو داٻ رت برابر هجي. تاڻ برابر.

I. Saline (normal saline): پاڻيءَ منجهه 0.9 سيڪڙو لوڻ جو ڳارو، تاڻ برابر لوڻاٽيو پاڻي. ڏسو: hypertonic, hypotonic.

isotopes (آئسو ٽوپز)

[G. topos, جاءِ]

ساڳي عنصر جون ٻه يا وڌ صورتون، جيڪي ڪيميائي لحاظ سان ساڳيون هجن پر سندن طبعي خاصيتون ڌار هجن، گڏ چاوا.

itch, itching.

خارش، ڏسو: pruritis, scabies.

◆

# L

labia (لئبيا) [L.]

چَپ. زناني جنسي انگ جا ٻاهريان وڏا چپ (L. otajora)، اندريان ننڍا چپ (L. Minora).

labile (لئبائل)

[L. labilis, ترڪڻ جهڙو]

مٽجندڙ، بدلجندڙ، ڦرڻو گهرڻو، ناپائدار، اڻ بيٺل. ضد: Stable.

lability (ليبلٽي)

ناپائداري، هڪ جاءِ نه هجڻ ڦيرو گهيرو.

Emotional L.: مزاج ۾ پل پل ڦيرو، جذبٽي ڦيرگهير، ائين خاص طور پيريءَ جي ذهني خرابين ۾ ٿيندو آهي.

labioglosso laryngeal (لئبِيو-گلوسو-ليرِنجِيَل)

چپن، جڀ ۽ آواز نڙيءَ بابت چپ جڀ آواز نڙائون.

labio glosso phyaryngeal (لئبيو گلوسو فيرنجيل)

چپن، جڀ ۽ نڙيءَ بابت.

labour (parturition)

ويم، ٻار ڄڻڻ جو عمل، ٽي مرحلا: 1. سورن يا ويم جي شروعات کان رحم جي وات پنجڻ تائين. 2. ٻار ڄڻڻ تائين، 3. اورَ نڪرڻ تائين.

labyrinth (ليبِ رنٿ)

[G. labyrintho]

اندرين ڪن جون ورورڪڙ پوليون ڪوٺيون. ور وڪوڙي.

labyrinthisis (ليبِ رنٿاءِ ٽيس) (otitis interna)

اندرين ڪن جي سوڄ.

laceration (ليسرئشن)

[L. lacerare, چيرڻ ڦاڙڻ]

چيريل چچريل ڦٽُ، چاڪ.

lacrimal or lachrymal (ليڪ ري مل)

[L. lacrima, لُڙڪ]

لُڙڪ يا ڳوڙهي بابت، لُڙڪائون.

L. Duct: لُڙڪ نلي.

L. Gland: لُڙڪ غدود.

lacrimation (ليڪري مئشن)

لڙڪ وهڻ، ڳوڙها ڳڙڻ، روئڻ، هنجهون هارڻ.

lacrimonasal (ليڪرِيمونئزل)

لڙڪ ۽ نڪ جي هڏن يا نلين بابت، لُڙڪناڪيو.

lactagogue (ليڪٽي گاگ)

ٿڃ آڻيندڙ دوا، ٿڃائڪ.

lactalbumin (ليڪٽ البِيُومِن)

کير يا ٿڃ جي البيومن پروٽين.

lactase (ليڪٽئس)

آنڊي رس جو خميرو، جيڪو

lacto flavin (ليڪٽو فليون)
ڏسو وٽامن Riboflavin.

lactogenesis
ساڳائجڻ، سگوئجڻ، ساڳائڻ.

lactogenic (ليڪٽوجينِڪ)
ٿڃ پيدا ڪندڙ دوا يا هارموني رس، ٿڃ پيدائڪ.

lactometer (ليڪٽو مِيٽر)
کير جي مخصوص گهاٽائي ماپيندڙ اوزار، کير ماپٽو.

lactose (ليڪٽوس)
کيرو مناڻ.

lactosuria (ليڪٽو سِيُوريا)
پيشاب ۾ ليڪٽوس اچڻ، ليڪٽوس مُتائي.

lacuna (ليڪِيُونا)
[L. کڏو]
گهرڙن جي وچ ۾ پولي جاءِ، لُٽو.

laevulose (لِيو يُو لوس)
ميوي جو مناڻ (Fructose). منن پيشابن واري مريض لاءِ مفيد آهي، جو اهو مناڻ نہ وڌائيندو آهي. بشرطيڪ جيري کي هاڃو نہ رسيل هجي. ليولوس.

lamboidal suture (ليم ڊواءِ ڊل)
[G. lambda, يوناني الفابيٽ جو يارهون اکر، لام; L. sutura, ٽاڪو]
کوپريءَ جي ڪپاڙي ۽ لوندڙيءَ پاسي وارن هڏين جو لام سنڌو.

ليڪٽوس ٽڙڪائي گلوڪوس ۽ گيليڪٽوس ۾ تبديل ڪندو آهي.

lactation (ليڪ ٽيشن)
[L. lactare, ٿڃ ڏائڻ]
ٿڃ نڪرڻ، ٿڃ ڏائڻ، ٻارجي ٿڃ ڏائڻ جو مُدو.

lacteals (ليڪٽِيلس)
[L. lac, کير]
آنڊي جي وارنلين جون لمف نليون جيڪي ٽڙڪيل سٽُپ چوهينديون آهن. کير نليون.

lactic acid (ليڪٽِڪ)
کيرو تيزاب، جنهن سبب کير کٽو ٿي ويندو آهي. اهو ليڪٽوس مناڻ جي خميرجڻ سبب پيدا ٿيندو آهي.

lactiferons (ليڪٽي فيرس)
[L. lac, کير; ferre کڻڻ]
ٿڃ ڏيڻ يا کڻڻ، ٿڃ وهائڪ.

lactifuge (ليڪٽي فِيُوج)
[L. fugare, ڀڄائڻ]
جيڪا شيءِ ٿڃ سُڪائي ڇڏي. ٿڃ سُڪائيندڙ.

lactobacillus (ليڪٽو بيِ لس)
جيوڙي جي جنس، جيڪو هڪ وڏو گرام [+]، لڪڻ جيان آهي، مناڻ خميري ڪري کيرو تيزاب بڻائيندو آهي. اها جنس ڪو مرض ڪونہ پيدا ڪندي آهي. کير لڪڻ جيوڙو.

lambliasis (ليم بِلايا سِس)
مفت ڪائو جيئڙي سبب بيماري (Gardia lamblia). دست ۽ چاپاڪو ڪندو آهي. ليمبليائي مرض. ليمبلائيپ.

lamella (لي ميلا)
[L. ننڍي رڪيبي]
پليٽ جهڙي هڪ سنهي پردي.

lamina (ليمِينا) [L.]
هڏي جي سنهي پليٽ يا تهہ.

lanugo (لپنيُوگو)
[L. پُر]
نئين چاول ٻار جي بت تي سنهي سنهي وارن جي نرم پُر، خاص ڪري ستڙئي (premature) ٻار ڪي گهٽي هوندي آهي، جيڪا پنهنجو پاڻ ئي لهي ويندي آهي. ٻارائي.

laparoscopy (ليپرو اسڪوپي)
[G. lapara, ڪک جو نرم پاسو; skopein, تپاسڻ]
پيٽ جي تپاس. ڏسو: peritoneoscopy.

laparatomy (ليپرو ٽومي)
[G. tome, ڪپڻ، ڪٽڻ]
پيٽ چيري کولي ڏسڻ، جڏهن پيٽ جي ڪنهن بيماري جي سڃاڻ ڪانہ ٿيندي آهي.

larva (لاروا)
[L. larva, ڀُوت]
ڪينئين جو ٻچو، ڪينئن ٻچو.

larvicide (لاروي سائڊ)
ڪينئان ٻچا مار يا سوٻٽ ماردوا.

laryngeal (ليرن جِيل)
[G. largyx, آواز نڙي]
آواز نڙي بابت، آواز نڙيو.

laryngismus stridulus (ليرِنجِسمَس اسٽري ڊِيُولَس)
آواز نڙي ۾ ٿوري مهل لاءِ گڏبي لوڻ.

laryngitis
گهنگهائي، آواز نليءَ جي سوڄ، ڳهہ، گهاٻارو.

laryngoparalysis (ليرِنجو پيرا لِسِس)
آواز نڙيءَ جو فالج.

laryngoscope (ليرنجو اسڪوپ)
آواز نڙيءَ جي تپاسڻ جو اوزار. آواز نڙي تپاسڻو.

laryngospasm (ليرنجو اسپازم)
آواز نڙي جي مشڪن جو پنهنجو پاڻ سيٽجڻ ۽ سوڙجڻ. آواز نڙي سوٽائي.

laryngostenosis (ل. اسٽينوسِس)
[G. stenosis, جڪڙيل]
آواز نڙيءَ جو سوراخ سوڙهو هجڻ، آواز نڙي سوڙهائي.

laryngotracheitis (ل. ٽريڪيائٽس)
آواز نڙي ۽ ٽريڪيا جي سوڄ.

larynx (ليرِنڪس)

آواز نڙي.

laser beam (Light Amplification by Stimulated Emission of Radiation)

ليزر جو ڏئو، جنهن جي تکي مرڪزي گرمي سان چهڪ ڏئي، لنبڻ جهڙي آپريشن به ڪري سگهجي ٿي.

latent heat (لئٽينٽ)

[L. latens, لِڪيل]

لڪيل گرمي، اها ڪوساڻ گرمي وڌائڻ بدران لڳو تبديلي آڻيندي آهي.

lateral (ليٽرل)

[L. latus, پاسو] (median lieu)

بت جي وچين اُڀي ليڪ جيڪا جسم کي ٻن برابر حصن ۾ ورهائي ٿي ان ڪان پري بت جا پاسا، پاسي تي، پاسائتو.

lavage (لاواز) [F.]

بت جي پولي ڪوٺيءَ جي پاڻيءَ سان ڇاڇولي صفائي، ڇاڇول.

laxative (ليڪسي ٽِو)

هلڪو جلاب (aperient).

L. E. Cells

Lupus erythematosus بيماريءَ ۾ هڏائين مِک اندر مخصوص قسم جا گهرڙا.

lecithin (ليسي ٿِن)

[G. lekithos, بيضي جي زردي]

گهرڙي جي حيات مادي اندر هڪ نائٽروجن سٽيو مادو.

legumen (ليگيُومين)

دالين ۽ مٽرن ۾ موجود پروٽين.

Leishman-Donovan bodies

((لشين مين ڊونو وين

لِشيمينيا اوائلي جيئڙي (protozoa) جون گول شڪليون.

Leishmania

ڪاري آزار مرض جو ڪارڻ اوائلي بوجري جيئڙو.

leishmanlasis (Aleppo or Delhi boil, oriental sore)

ڪارو آزار، حلب يا دهلي جو ڦٽ، مغلئي يا اورنگزيبي ڦٽ. ڏسو: epundia, kala-azar.

lens (لينز)

1. اک جو ٻہ پاسيو اڀٽيل بلور، 2. چشمي يا عينڪ جو ڪائي وارو اڀٽيل بلور.

lenticular (لينٽي ڪِيُولرَ)

[L. lenticula, مسور دال]

بلور جي شڪل جهڙو، عدسو، مسوري داڻي واري شڪل.

lentigo (لينٽي گو) [L.]

ڇائيون منهن تي ڪارٽ جا نشان (جمع lentigiues). ڏسو: senile freckles.

leontiasis (ليون ٽياسِس)

[G. leon, شينهن]

lymphography (لمفو گرافي)

لمفي سرشتي جي فوٽوگرافي.

lymphoma (لمفوما)

لمفي سرشتي جو سادو ڳوڙهو، لمف ڳوڙهو.

lymphorrhagia (لمفوري جيا)

لمف نليءَ مان لمف وهڻ.

lymphosarcema (لمفو سارڪوما)

لمفي سرشتي جو هاڃيڪار ڳوڙهو.

lysergic acid (لسرجڪ ائسڊ)

(L.S.D.) (Lysergic acid siethylamide)

وهم پيدا ڪندڙ هڪ مادو، جنهن جو تعلق psychedelic دوائن سان آهي.

lysin (لاءِ سِن)

رت ۾ ڳهرڙا ڳاريندڙ هڪ مادو، ڳهرڙا ڳار.

lysine (لاءِ سِن)

هڪ لازمي امائنو تيزاب جيڪو اوسر لاءِ تمام ضروري آهي.

lysis (لاءِ سِس) [G.]

1. نارمل ڏانهن هوريان هوريان موٽ، جيئن تپ جو ٽٽڻ، ضد Crisis.

2. لاءِ سِين مادي وسيلي جيوڙن ۽ ڳهرڙن جو ٽٽڻ ۽ ڳرڻ.

lysozyme (لائسو زائم)

[G. lysis, پيچي پور ٽيڻ]

هڪ جيوڙاپور خميرو.

بوٹ، پاپُ، جھَوَڻُ، جھِيڻ، ڳامو ڙ، ڳاموٽ، ڳر، ڳھمو ڙ.

malalignment (ميل الائن مينٽ)
[L. malus, خراب، بد; linea, ليڪ]
ڪنھن شيءِ جو پوري طرح ٺھڪي نہ اچڻ. اڻ ٺھڪائي.

malar (مئلار)
[L. mala, ڳل]
ڳل يا ڳٽي بابت. ڳليو، ڳٽائون.

malaria (ملئِريا)
[It. Mal-aria, خراب هوا]
سيءُ تپ، واريءَ جو تپ، ٻيئڙ يا ٽيئڙ تپ، اهو سرءُ جو تپ اينوفيلس مادي مڇر جي چڪ پائڻ ۽ پلاسموڊيم جنس جي مف ڪائو جيئڙي سبب ٿيندو آهي. پوسلي تپ، موسمي بخار.

malaugnenal therapy (ميل لينگيونل ٿرپي)
تنتي آتشڪ جي علاج لاءِ مريض کي ھترادو طريقي سان مليريا جو تپ ڏبو آهي. مليريا وسيلي علاج.

malformation (ميل فرمئشن)
[L. formare, ٺهڻ]
ڪنھن انگ اڏاوت جي بجڙي شڪل يا صورت، عيب، بدصورتي.

malignant (ميلگ ننٽ)
[L. malignus, هاجيڪار]

سُجي ڳوڙهيون ڳوڙهيون ٿي ڦاٽي ٽنگ ٽنگ ٿي گند ڳاڙڻ. سينواريل پير.

magnum (ميگنم)
[L. magnais, وڏو]
شاهي يا وڏو ڳڙڪ.
Faramen magnum: کوپڙي جي تري ۾ شاهي ٽنگ، جنھن مان مغزي ڏوري نڪرندي آهي. شاهہ ڳڙڪ.

mal (ميل) [F.] بيماري، مرض، خرابي
Grand M: وڏي مرگهي.
Petit M: ننڍي مرگهي.

mal absorption (ميل ائبزارپشن)
خراب يا بيقاعدو چوسجڻ يا جذب ٿيڻ.

malacia (ميلي سِيا)
[G. malakia, نرمي]
ڪنھن حصي جھڙوڪ سخت شيءِ جو ڪونئرو بنجڻ، نرمجڻ. ڏسو: keratomalacia, osteo malacia.

maladjustment (ميل ايڊجسٽ مينٽ)
[L. malus, خراب; Justus, درست]
سماجي يا ذهني يا جسماني طور ماحول سان خراب ٺهپ يا ٺاهہ. اڻ موافقت، غير هم آهنگي، اڻهپ.

malaise (ميل ائز) [F.]
ڪٽس، ناچاڪيءَ جو احساس،

mastication (ميس ٽي ڪيشن)
[L. masticare, چٻاڙڻ]
چٻاڙ، چاٻ، چاٻو، چَٻ، چٻڪو.

mastitis (ميس ٽاءِ ٽِس)
ارھ جي سوڄ.

mastoid (ميس ٽوائڊ)
[G. mastos, ارھ]
ڏوٿيءَ شڪليو. ڪن پاسي ڪنن پويان ڏوٿي شڪليو ڪوپڙي جو حصو.
M. cells: ڏوٿي هڏي جا هوائي گهرڙا.
M. Antrum: ڏوٿي هڏي جي ڪوٺڙي، جنهن اندر ليس پردي جو استر ۽ هوائي گهرڙا آهن.
M. Process: ڏوٿي هڏي جو بونب، جيڪو ڪن پويان آهي.

mastoiditis (ميس ٽواءِ ڊاءِ ٽِس)
ڏوٿي هڏي جي سوڄ.

masturbation (ميسٽربشن)
[L. masturbate, پاڻ گندو ڪرڻ]
هٿ رس، پاڻ جنسي مزو وٺڻ.

material medica (مٽيريل ميڊيڪا)
علم الادويہ، قرابادين، دوا ڄاڻ.

matrix (مئٽرڪس) [L.]
بنيادي مادو جنهن ۾ ماس اُٽت جا گهرڙا ڪوڙيل يا جملي هوندا آهن. ڪڙ.

matter (مئٽر)
[L. material].
1. ڪابہ شيءِ جيڪا جڳهہ والاري،
2. پور پور مادو.
Grey Matter: مغز جي چوڏائتي حصي (cortex) اندر ڳر مادو جيڪو تنتي گهرڙن تي مشتمل آهي.
White Matter: اڇو مادو، مغزي مادو، جيڪو تنتن جي تندن جو ٺهيل هوندو آهي.

maturation (ميچيُورئشن)
[L. maturare, پچائڻ]
پچي راس ٿيڻ، پچڻ جو عمل، پچاءُ.

maxilla (ميڪسِيلا)
[L. ڄاڙي]
مٿين ڄاڙي، جنهن ۾ مٿيان ڏند لڳل آهن. مٿڄاڙي.

maxillofacial (ميڪسي لو فئشيل)
مٿڄاڙي ۽ منهن بابت، مٿڄاڙ مُنهون.

measles (مِيزلز) (Morbilli)
اُرڙي، هڪ وائرسي بيماري، زڪام، اکيون اٿيل ۽ چمڙيءَ تي ٻرٻُر، اُروڙي، خسرو.

meatus (مي ائٽس) [L.]
ٽنگ، سوراخ يا ڳُڙک، ٻرُ يا لنگهہ.

meconium (مي ڪونيَم)
[G. mekonion]
نئين ڄاول ٻار جي آنڊي مان نڪتل هڪ سائو ڪارو چيڙهالو مادو يا فضلو. ڏاسو، ڏاسڙو.
M. Ileus: آنڊي ۾ فضلو ڦاسڻ.

**media** (مِيڊيا)
[L. medius, وچ]
1. رت نلي جو وچون تهہ، 2. جيوڙن جي پيدائش لاءِ هڪ غذائي جيلي.

**medial** (ميڊيل)
وچ بابت يا وچ پرسان، وچين پَرُ.
ڏسو ضد: lateral.

**median** وچ (مِيڊِيَن)
Median Line: چوٽيءَ کان ٻنهي اکين ۽ پيرن جي وچان لنگهندڙ هڪ اهڙي خيالي ليڪ جيڪا جسم کي ٻن برابر حصن ۾ ورهائي.

**mediastinum** (مِيڊِياس ٽي نم)
سيني اندر ٻن ڦڦڙن جي وچ واري جاءِ، وچ ڦڦڙيو پولار.

**medical jurisprudence** ((ميڊيڪل جُورِس ڦُرو ڊينس (forensic medicine)
قانون لاءِ طبي ڄاڻ جو استعمال، قانوني طب.

**medicament** (ميڊِيڪا مينٽ)
[L. medica mentum, ٻِلو]
علاج يا ٻَلو.

**medicated**
[L. medicare, ڇُٽائڻ]
دوا سان گڏيل، دوايَل.

**medication** (ميڊيڪيشن)
دوا ڏيڻ، دوا داخلا.

**medicinal** (ميڊي سِنل)
دوا بابت، دوائي.

**medicine** (ميڊِي سن)
1. طب حڪمت، طبابت، ڊاڪٽري مرض ڇُٽائڻ يا شفا ڏيڻ واري ڄاڻ، 2. دوا، دارون.

**medicochirurgical** (ميڊِيڪو ڪاررجيڪل)
طب ۽ وڍ ٽڪ بابت.

**mediolateral** (ميڊِيو ليٽرل)
وچ پاسائتو، اهو لفظ ويم ۾ استعمال ٿيندو آهي.

**Mediterranean fever** (ميڊيٽيرين فيور)
يونوچ سمنڊ وارو بخار، ڏسو: Brucella, brucellosis.

**medium** (مِيڊيَم)
جيوڙن جي اوسر لاءِ مادو جيڪو انهن جي خوراڪ لاءِ موزون آهي. جيوڙا رت کير ۽ مناڻ تي تڳندا آهن. جيوڙا تڳ مادو.

**medulla** (ميڊُولا) [L.]
گونڌ. 1. ڍگهي هڏي جي نري منجهہ مِکُ، 2. غدودن جهڙوڪ ٻڪي، ايڊرنيل، لمف، گِندي جو چوڏي (cortex) هيٺان نرم گر وارو حصو، غدود گر.
ڏسو: cortex.
M. Oblongata: مُستطيل مغز،

**melanosarcoma** (ملينو ساركوما)
موتمار ملينوما.

**melanosis** (مِلي نوسِس)
كارانجڻ، گهڻ كارائپ.

**melanuria** (ملي نيُوريا)
پيشاب ۾ كار مادو اچڻ، كار مُتائي. ڏسو: melasma, Chloasma.

**melitensis** (مليٽينسز)
ڏسو: brucellosis

**membrane** (ميم برئن)
هڪ سنهو پردو، پوش يا ڍڪيندڙ مادو، جهِلي.

Basement M.: تري وارو سنهو پردو جيڪو ليس پردي جي مٿين تهه هيٺان هوندو آهي. ترو پردو.

Hyaloid M.: اک جي جيلي جي پوش وارو پردو، ڪائو پردو.
ڏسو: hayaloid, vitreous humor.

Mucous M.: ان پردي ۾ ليس خارج ڪندڙ غدود هوندا آهن اهو پولين جڳهن ۽ لنگهن جيڪي ٻاهر کلندا آهن انهن جي استر طور هوندو آهي. ليس پردو.

Serous M.: اهو هڪ سٽيپيندڙ پردو آهي، جيڪو بند پولين جڳهن جي استر طور ڪم ايندو آهي. پاڻياٺو پردو.

Synerial M.: جيڪو سنڌ اندر پوش ۽ تاندوري ٻنڌن هيٺان استر طور هوندو آهي. سنڌائون پردو.

Tympanic M.: ڪن جو پردو، ڪن جي دهلڙي.

**menarche** (مينرَڪِي)
[G. men, مهينو; arche, شروعات]
نئين سامايل ڇوڪريءَ ۾ ماهواريءَ جي شروعات، ڪپڙا اچڻ لڳڻ.

**Menieres disease** (مئن يَرس)
اندرين ڪن جو مرض جنهن ۾ پنواٽي جا حملا ٿيندا آهن. ڪنئي پنواٽي.

**meninges** (مينِن جيس)
[G. menigx, پردو]
مغز ۽ مغزي ڏوري چوڌار پردا، اهي ٽن قسمن جا آهن:

1. Dura mater: ٻاهريون سخت پردو.
2. Archnoid Mater: ڪوريئڙي ڄار پردو.
3. Pia Mater: رت نليو پردو.

**meningioma** (مينِن جِيوما)
مغزي پردن جو ڳوڙهو.

**menigisim, meningismus**
(مينِن جزم، مينن جِس مَس)
سرسامي اهڃاڻ واري حالت پر پوري طرح سرسام نہ هجي. سرسامڻپ.

**meningitis** (مِنين جاءِ ٽِس)
ڪنڌ ٿوڙ بُخار، مغزي پردن جي سوڄ، ڪارو يا بُول جيوڙو (meningo coccus)

monilia (موني لِيا) (candida)
اڇي سينورائيپ.

moniliasis (موني لِياسِس)
مونيلا جي سينورائيپ. ڏسو: (candidiasis).

moiliform (موني لي فارم)
[L. monile, مالها]
موتين جي لڙهه مثل جيوڙا، جيوڙن جي تسبيح جي داڻن مثل ترتيب.

monoamine-oxidase (مونو امائن آڪسي ڊيز)
هڪ خميرو جيڪو مغز منجهه سيرو ٽنين ۽ ڪيٽ ڪولامينز کي ٽڪائي ٽوڙيندو آهي.

M. Inhibitors (M. A. O. I.):
اهي دوائون سيروٽنين ۽ ڪيٽ ڪولامينز جي سنوت وڌائي ملولائي دور ڪنديون آهن اهي شراب ۽ ننڊ ڏيندڙ دوائن جو اثر وڌ تيز ڪنديون آهن.

monocular (مونو ڪيُولر)
[G. oculus, اک]
هڪ اک بابت، هڪ اکيو.

monocyte (مونو سائٽ)
هڪ وچڙيو گهرڙو.

monomania (مونو مئنيا)
هڪ خيالي جنون.

mononuclear (مونو نِيُو ڪِلئر)
يڪ مرڪزي (nucleus) وارو. اڪثر مونو سائٽ کي چوندا آهن جيڪو رت ۾ وڏي ۾ وڏو گهرڙو آهي جنهن جو مرڪز گول يا بيضي نما آهي. هڪ وچڙيو.

mononucleosis (مونو نِيُوڪليو سِس)
رت ۾ مونوسائٽ يا يڪ مرڪزي گهرڙن جي گهڻ.

monoplegia (مونو پلي جيا)
رڳو هڪ انگ جو فالج. هڪ انگ فالج.

monosaccharide (مونو سِڪَ رائڊ)
سادو هڪ اٽيو مٺاڻ، قسم: گلوڪوز، فرڪٽوز ۽ گيليڪٽوز.

monovular (مونو وِيُولر)
هڪ بيضو.

mons veneris (مونس ويني رس)
[L. mons, جبل]
لفظي معني زهره جو دڙو، نهائين (pubes).

Moorens ulcer (مُورن السر)
مُورن جو السر، اک جي سگائي پردي (cornea) چڪندڙ السر.

morbilli (موربِلي)
اُرڙي. ڏسو: measles.

moribund (موري بنڊ)
[L. moribundus, سڪرات]
سڪرات جي حالت ۾، مرٽينگ.

morning sickren
Hypermesis grandarum

myoneural (مر. نِيُورل)
مشڪ ۽ تنت بابت، مشڪ تنتي.

myopia (مايوپيا)
[G. myein, ويجهو، اوري]
نظر اوريانئي. روشني جا ڪرڻا ڇار پردي (retina) تي پوڻ بدران ٿورو اڳ مرڪوز هجڻ سبب پري جون شيون چٽيءَ طرح ڏسڻ ۾ نہ ايندیون آهن.
ڏسو ضد: hypermetropia.

myosarcoma (مر. سارڪوما)
مشڪ مان نڪتل موتمار سرطاني ڳوڙهو.

mysin (مايوسِن)
مشڪ جي مک پروٽين، مايوسين.

myosis (مايوسِس)
ماڻڪيءَ جي گهٽي سوس. (miosis).
ضد: mydriasis.

myositis (مايوساءِ ٽس)
مشڪ جي سوڄ.

myotics
ماڻڪي سُسائڪ دوائون.

myringa (مِرنگا)
[L. miringa; G. menigx, پردو]
ڪن دهلڙي. ڏسو: ڪن دهلڙي.

myringitis ڪن دهلڙيءَ جي سوڄ.

myxoedema (مِڪسي ڊِيما)
[G. myxa, ليس; oidema, ٿوٿر، اماس]
ڪنٺ غدود هيڻائي (hypothyroidism) جا طبي اهڃاڻ، ڪنٺ مالائي ٿوٿر.

myxoma (مِڪسوما)
تانٿوري ماس اٽت جو ڳوڙهو جيڪو ليس مادي تي مشتمل هوندو آهي.

myxosarcoma (مِڪسو سارڪوما)
تانٿوري اٽت جو موتمار ڳوڙهو جيڪو ليس مادي سبب نرم هوندو آهي.

myxovirus (مِڪسو وائرس)
اهي وائرس ليس ڪيندڙ اٽتن تي ڪاهہ ڪندا آهن.

◆

neologism (نيو لاڄزم)
ڪو نئون ٺاهيل خاص پر بي معني لفظ جيڪو خيالي خرابيءَ جو اظهار ٿي سگهي ٿو. نئين لفظي ايجاد.

neonatal period (نِيو نيٽل)
ٻار جي زندگيءَ جو پهريون مهينو، ڄمر کان پوءِ وارو شروعاتي مُدو.
N. Mortality: نئين ڄاول جي موت شرح.

neonate (نِيو نيٽ)
هڪ مهيني جو نئون ڄاول يا ٽڇ ٻياڪ ٻالڪ، آپاتو، نومولود

neonatorum (نِيو نيٽو رَم)
[G. neos, نئون; L. natus, ڄمر]
نئين ڄاول ٻار بابت، ٽڇ ٻياڪ.

neoplasia (نيو پليزيا)
[G. plassein, روپ ونڻ، ٺهڻ]
لفظي معنيٰ نئين اڏت جو ٺهڻ هي لفظ سرطاني ڳوڙهي جي نئين مان غير فطري اوسر لاءِ استعمال ٿيندو آهي، نئين روپائي.
نِت نئين اوسر.

neoplasm (نيو پلازم)
[G. plasma, روپ، صورت، شڪل]
نت نئين اوسر، سرطاني ڳوڙهو.

nephralgia (نيف ريل ڄيا)
ڳردي جي سور. ڏسو: crises.

nephrectomy (نيفريڪ ٽومي)
ڳردو ڪپي ڌار ڪرڻ جي آپريشن.

nephritis (نيف راءِ ٽس)
[G. nephros, ٻُڪي، ڳردو]
ڳردي جي سوڄ.

nephrogenic (نيفرو ڄينِڪ)
ٻُڪي ڄايو يا ڀاران.

nephrogram (نيفرو گرام)
ڳردي جي عڪسي مورت.

nephrolithiasis (نيفرو لِٿيا سِس)
ڳردي جون پٿريون.

nephroptosis (نيفرون)
ٻڪيءَ جي بنيادي ايڪائي، نيفرون يا ڳردو.

nephroptosis (نيفروپ ٽوسِس)
ڳردي جو هيٺ لڙڪي پوڻ. لٽڪيل ڳردو.

nephrosclerosis (نيفرو اِسڪليروسِس)
[G. sclerosis, سختي، ڏاڍائي]
اوچي رتوٽي داٻ سبب ڳردي جي رت نلين جو سخت ٿي سوڙهو ٿيڻ، ڳردي ڏاڍائي.

nephrosis (نيفروسِس)
ڳردي جو بنان سوڄ ڦِٽڻ.

nephritic syndrom (نيفروٽِڪ سنڊروم)
ڳردي جي سوڄ جو ٻيو نمبر قسم، علامتون: تمام گهٽي ٽوٽر، پيشاب

اندر هيٺ وجي موڪليندڙ تنتي سان جهڳٽو ناهيندي آهي.

**neuronotmesis** (نيورو نوٽ ميسس) (neurotmesis, axonotmesis)
تنت کي سارو ڪپي ڌار ڪرڻ، تنت ڪاٽ.

**neuropsychiatry** (نيورو سائڪِيائري)
تنت چاڻ ۽ نفسياتي علاج، عضوي ۽ ڪم جي بيمارين جو ميلاپ. تنت نفسياتي علاج چاڻ.

**neurosis** (نيوروسس)
تنتائپ، ذهني ڳڙٻڙ سبب جنهن جي مريض کي چاڻ نہ هجي، علامت يا علامتن جي سهيڙپ جو نالو تنتائپ آهي، ان جا چار بنيادي نمونا آهن: ڳڻتي تنتائپ، ملولائي ت.، هسٽيريائي ت. ۽ وهم واسي ت. تنتائپ ۽ ذهني بيماري جي وچ ۾ اهو فرق آهي تہ تنتائپ ماحولي اثرن سبب هوندو آهي ۽ ذهني خرابو (psychosis) ذهن اندر اسريل هوندو آهي. ذهني مريض چوندو ٻہ ۽ ٻہ جو جوڙ پنج آهي، پر تنتائي کي خبر آهي تہ ٻہ ۽ ٻہ چار ٿيندا آهن.

**neurosurgery** (نيوروسرجري)
تنتي سرشتي جي ودڪٽ. دماغي آپريشن.

**neurosyphilis** (نيورو سِفلس)
دماغ ۽ مغزي ڏوري جي آتشڪي جيوڙائپ سبب علامتن جا ٻہ نمونا: general Paralysis ۽ tabes dorsalis .ifinsane (G.P.I)

**neurotoxic** (نِيوورو ٽاڪسِڪ)
تنتي سرشتي لاءِ زهر يا ان کي تباهہ ڪندڙ. تنت زهريو.

**neurotropic** (نيورو ٽروپڪ)
[G. trepein, منهن ڪرڻ]
ڪن جيوڙن جو لاڙو يا مُنهن تنتي سرشتي ڏانهن هوندو آهي مثلاً آتشڪ، ڇتڪتائي ۽ پوليو جا جيوڙا جيڪي سدائين تنتي دنيا ڏانهن ڪاهہ ڪندا آهن. تنتي طالب.

**neutropenia** (نيوٽرو پي نيا)
[L. neuter, بي جنسيو; G. penia, ڪوٽ]
نيوٽروفل جزن جي ڪوٽ.

**neutrophil** (نيوٽروفل)
[L. philein, چاهڻ]
گهڻ وچڙيائي، اڇي جزي جو هڪ قسم.

**nictitation** (نِڪٽِي ٽيشن)
[L. nictare, اک ٻيجڻ]
تيزيءَ سان بي اختيار اکيون ڇنيڻ، اک ڇينڀ.

**nidation** (ناءِ ڊيشن)
[L. nidus, آکيرو]
رحم جي استر ۾ اوائلي ڳپ جو ڳپجڻ، ڳپ آکيرجڻ.

**nidus** (ناءِ ڊس)
جيوڙائپ جو مرڪزي نقطو، گند جو نقطو.

night blindness (Nyctalopia)
رات انڌائي، رات جو نظر نہ اچڻ سبب وٽامن[A] جي کوٽ، اجيري، شب کوري، ڏسو: nyctalopia. رتونڌائي.

nightmare (نائيٽ ميري)
خوفناڪ خواب، ڀيانڪ سپنو، اوٿارو، اوٺارو.

nipple (نپل):
ڏونٽي، ٻنڊي، چوپٽي، چُوچي، ٻُنڊي، ڏنڊي.

nit (نِٽ)
لِيک، جئي، مٿي جي جونءِ جو بيضو، مٿي جي جونءِ (Pediculus Capitis).

nitrous oxide (نائٽرس آڪسائڊ)
(Laguhing gas)
آپريشن لاءِ بيهوش ڪندڙ سنگهڻ واري دوا

nocturnal (ناڪچرنل)
[L. nocturnalis)
راتوڪو يا راتوڪي، راتوڻو.
N. Enuresis: ٻار جو رات ۾ هنڌ اندر مٽڻ، راتوڪي هنڌ مٽاڻ.

node (نوڊ)
[L. nodus, ڳنڍ]
Antrioventricular ايريل داڻو يا ڳنڍ (A.V.).
Node: دل جي ساڄي مٿ ڪوٺي اندر ڳنڍ داڻو.
N. of Ranvier: تنتي تند جي ٻاهرين پوش ۾ ڳنڍ.
Sino-Atrial (S. A.) node: ساڄي دل مٿ ڪوٺي اندر ابتدائي ڳنڍ داڻو جيڪو سڄي دل کي دڪ دڪ ڪرائي ٿو. اتان دلي سِيٽ جي لهر شروع ٿي ساري دل کي وڪوڙي ويندي آهي. دلي نقطو.

nodose (نوڊوس)
[L. nodosus, ڳنڍ ڳنڍ]
جنهن ۾ ڳنڍيون هجن، ڳنڍيدار.

nodule (نوڊيُول) tubercle.
ننڍي ڳنڍ، ڳنڍڙي، ڏُٿُ

non compos mentis (نان ڪامپوس مينٽس)
[L. of unsound and mind]
ذهني غير حاضر، چرياڻ

noradrenaline (نار ايڊري نلين)
ايڊرينل غدود جي هارموني رس نار ايڊري نلين.

normoblast (نارموبلاسٽ)
يک مرڪزي نارمل رتوڻو ڳاڙهو جزو جيڪو ڳاڙهو جزي کي جنم ڏيندو آهي.

normotension (نارمو ٽينشن)
نارمل رتوڻو داٻ (B. P.).

normothermia (نارمو ٿرميا)
[G. therme, گرمي]
بت جي نارمل گرمي يا ڪوساڻ.

normotonic (نارموٽونِڪ)
[G. tonos, تاڻ]
مشڪ جي نارمل تاڻ يا ڇڪَ

nose (نوز)
نڪ، انف (ع)، بيني (ف).
tip of Nose: چونڊي، ٽُٽي.

nostalgia (ناس ٽيل جِيا) [G. nostos, وطن وراڻي]
ساڻيهہ جي سڪ. گهر يادگيري.

nostrils (ناسٽرِلس) (nares, choanae)
نڪ جون ناسون، ناڪوٽيون، چوٽيون، ۽ ٽُنگيون.

notch (ناچ)
ڏندو، ڪپُ، ڪانچو.

nucha (نِيُوڪا) (Nape)
ڳاٽو، ڪنڌ، ڪياڙي، ڪنڌ مٽڪو، ڳدڙي.

nucleated
[L. nucleates, جنهن ۾ گورو هجي]
گهرڙو جنهن ۾ هڪ يا وڌ وچڙيو (nucleus) هجي، وچڙيائتو.

nucleoprotein (نيُوڪلِيو پروٽين)
گهرڙي جي مرڪز ۾ موجود پروٽين، وچڙيائي پروٽين

nucleotoxic (نيوڪليوٽاڪسِڪ)
وچڙين لاءِ زهرناڪ، جهڙوڪ دوائون، زهرون ۽ وائرس.

nucleus [L.]
وچڙيو، گهرڙي جو اندريون لازمي حصو جيڪو گهرڙي جي اوسر، ڪاڄ ۽ ڄمر لاءِ ضروري آهي.
N. Pulposus: ٻن ريڙهن جي وچ واري ٽِڪيءَ جو نرم وچون حصو جيڪو پٺ پاسي مغزي ڏوري اندر ڇن ڪري عرقنسا جو سور پيدا ڪندو آهي.

nullipara (نلي پيرا)
[L. nullus, ڪوبہ نہ; parare, ڄڻڻ]
اها عورت جنهن ڪو بہ ٻار نہ ڄڻيو هجي، نِپُٽي.

nursing
ٽاٽ، پرگهور، تيمارداري، سنڀال، ٽهل ٽڪور، ٽهوڙ، سنڀار.

numbness
سُن ٿيڻ، ناڄڻ، ناهجڻ، ڏُڏائي.

nummular (نِميُولَر)
[L. nummularis, پئسي بابت]
سڪي شڪليو.

nutation (نيو ٽي شن)
[L. nature, ڪنڌ ڏوڻڻ]
بي اختيار ڪنڌ ڏوڻڻ، ڪنڌ ڏوڻ، سانپ.

nutrient (نيوٽِرينٽ)
[L. nutrire, غذا ڏيڻ]
غذا بخش، غذائيت ڏيندڙ.
N. Artery: غذائي شريان جيڪا ڏِگهي هڏي اندر داخل ٿيندي آهي.
N. Formen: غذائي ٽنگ جنهن مان

غذائي شريان هڏي اندر داخل ٿيندي آهي.

nutrition (نيو ٽري شن)
غذائيت، خورش.

nyctalgia (نِڪ ٽيل جِيا)
[G. nyx, رات]
راتوڻو سور.

nyctalopia (نڪٽي لوپيا) (night blindness)
[G. alaos, انڌو]
رات انڌائي، اجيري، شب ڪوري.

nyctophobia (نِڪٽو فوبيا)
رات يا اونده کان زبردست ڊپ، رات ڊپائي

nycturia (نِڪٽيوريا)
رات جو گهڻا پيشاب اچڻ، راتوڪي ويل مُٽ مٽڻ.

nymphae (نمفي)
زناني انگ جا ننڍا چپ.

nymphomania (نِمفومينيا)
[G. nymphe, حور، ڪنوار، اپچرا]
عورت ۾ جنسي جنون.

nystagmus (نس ٽيگ مس)
[G. nystagmus, ڪنڌ ڏوڏڻ]
اکين جي دوڏن جو بي اختيار ڏڏڻ، دوڏن ڏوڏ، اک جي ڪنبٽي.

◆

occupational delirium
مريض جي پيشي سان تعلق رکندڙ نفسياتي بيماري جيڪا ذهني خرابي (dementia) سبب هوندي آهي جنهن ۾ مريض گهٽي پر اجائي سرگرمي ڏيکاريندو آهي. ڪرتي دبرڻ.

occupational disease
ڏسو: industrial disease.

occupation therapy
ذهني توڙي جسماني بيمارين لاءِ علاج طور ڪو هٿ واري ڪم جو پيشو تجويز ڪرڻ. ڪرتي علاج.

ocular (آڪيُولَر)
[L. occularis, اکين جو]
اک بابت، اکيون، اکائون.

occulist (آڪيولسٽ)
اک ۽ نظر جي بيمارين جو طبيب.

oculogyric (آڪيُولو جائرڪ)
[G. gyros, دائرو]
اک جي دوڏي جي چرپر بابت، دوڏي حرڪتيو.
O. Crisis: رعشي جي بيماري اندر دوڏي وارو بحران.

oculomotor (آڪيُولو موٽر)
ٽين ڪاپاري تنت جيڪا دوڏي جي چرپر ڪندي آهي، دوڏي چورٽي تنت.

odtontalgia (اوڊان ٽيل جِيا)
ڏند جو سور.

odontic (اوڊانٽِڪ)
ڏند بابت، ڏندائون.

odontitis ڏندن جي سوڄ.

odontoiod (اوڊان ٽُوائڊ)
ڏند شڪليو.

odontolith (اوڊان ٽو لِٿ)
[Tartar].
ڏندن جي مٿان جميل رئو يا ڪڪري.

odontology (اوڊان ٽالاجي)
(Dentistry)
ڏندن جو علاج، ڏندن ناهڻ جو هنر.

odontoma (اوڊان ٽوما)
ڏند مان اسرندڙ يا ڏند جهڙي شيءِ وارو ڳوڙهو. ڏند ڳوڙهو.

odontoprisis (اوڊانٽو پراءِ سِس)
[G. prisis, ڪارائي سان ڪٽڻ]
ڏند ڪرٽڻ، ڏند ڪرٽو.

odontotherapy
ڏندن جو علاج.

oedema (اِيڊِيما)
[G. oidema, سوڄ]
ٿوٿر، آماس، جلنڌر، ماس اٿت اندر پاڻياٺ پرجڻ، آبوس، سرِسٽُو، سُوٽائي.
Cardiac Oe.: دل جي بيماريءَ ۾ پيرن جي ٿوٿر.
Hepatic Oe.: جيري واري ٿوٿر.
Hunger (Famine) Oe.: لنگهڻ واري ٿوٿر.

oogenesis (أو جِني سِس)
بيضي داني ۾ بيضي جي پيدائش.

oophoritis (او فو راءِ ٽِس)
گهيرڻ جي سوڄ.

oophoron (أو افرَون)
گهيرڻ، بيضي داني،

oosperm (او اسپرم)
زرخيز يا سقّل بيضو.

opacity (اوپي سِٽي)
[L. opscus, چانوريل]
غير شفافيت، ڌنڌ، ڌنڌالو دبڪ جئن سگائتي پردي يا بلور تي ٿيندو آهي.

ophthalmia (آف ٿيلمِيا)
اک جي سوڄ، اک اُٿڻ.
O. Neonatorum: نئين ڄاول ٻار جون پوندار اٿيل اکيون جنهن جو ڪارڻ پرميل جو جيوڙو هوندو آهي، ٻالڪي اٿيل اک.

ophthalmitis (ophthalmia)
[G. opthalmos, اک]
اک جي سوڄ.

ophthalmology (آف ٿيل مالاجي)
اک جي اڏاوت ۽ ڪم ۽ مرض جو سائنسي اڀياس، اک ڄاڻ.

ophthalmoplegia (اکين جي مشڪن جو فالج. اکائون فالج.

ophthalmoscope (اک جي اندر تپاسڻ جو اوزار. اک انتر تپاسٺو.

opisthonos (آپس ٿاٿانس)
ٽٽي نس (tetanus) اندر ساروبدن سيٽجي ڪمان بڻجي ويندو آهي، رڳو مٿو ۽ کڙيون فرش سان لڳل هونديون آهن. سِيٽڪمان.

opsonin (آپسانِن)
[G. opsonion, توشو، سمرُ]
گهرڙي جو ويڙهاڪ جسمڙو جيڪو ڪاهه ڪندڙ الرجن سان گڏبو آهي. ڏسو: antibodies.

optic (آپٽڪ)
[G. optikos, نظر بابت]
ديد يا نظر بابت، ديدي، نظري، بصارتي.
O. chiasma: ديدي تنت جا هڪٻئي پار ڪندڙ [X] شڪل جا تاندورا.
O. Disc: دوڏي جي ٽڪي جتان ديد جي تنت اندر داخل ٿيندي آهي.
O. Nerve: ديد جي تنت ديدائين تنت.

optician (آپٽي شِين)
نظر جا چشما تجويز ڪرڻ وارو.

optics (آپٽِڪس)
سائنس جي اها شاخ جنهن جو تعلق روشنيءَ جي ڪرڻن ۽ ديد سان آهي. نظر ڄاڻ.

optimum (آپٽي مَم)
[L. otimus, بهترين]
نهايت سٺائو، انتهائي سازگار.

optometry (آپٽو ميٽري)
ديد جي تڪائي جي ماپ، نظر ماپ، ديد ماپ.

oral (اورَل) [L. oas. وات]
وات بابت، واتائون، واتوٺو.

orbicular (آربي ڪيولر)
[L. orbicularis, گولائتو]
گولي جيان، گولائتو.

orbit (آربِٽ)
[L. orbita, دائرو]
کوپڙي ۾ اکين جا ڪوپا جنهن ۾ دوڏو پيل هوندو آهي، اک جي چُلهه يا ڪوپو

orchidectomy (آرڪي ڊيڪٽومي)
[G. orchis, آنورو]
آنورا يا خصيا ڪپي ڌار ڪرڻ جي آپريشن، خصي ڪرڻ.

orchidopexy (آرڪي ڊوپڪسي)
[G. pexis, درست ڪ].
اڻ لٿل آنوري کي آپريشن وسيلي هيٺ ڪپور ٿيلهي ۾ آڻڻ.

orchis (آرڪِس) [G.]
خصيو (ع.)، آنورو.

orchitis آنوري جي سوڄ.

organ (آرگن)
عضوو، انگ، لگ، اگرو، ڳڙو، لڱ.

organic (آرگينڪ)
انگ يا عضوي بابت، حياتي يا زندگيءَ بابت، انگيو، انگي، انگيائون.

O. Discase: انگي مرض جنهن ۾ انگ اندر اڏاوتي تبديلي هجي.

organsm (آرگي نِزم)
[G. organon, اوزار]
الڳ تلڳ هڪ جيوگهرڙو يا گهرڙن جي ٽولي، جيو گهرڙو.

orgasm (آرگيزم)
[G. orgasmos]
جنسي جوش جو اوج، جنسي اوج، اوجي نقطو.

oriental sore (اوريئنٽل سور)
دهلي جو ڦٽ، مغلئي ڦٽ. ڏسو: Leishmaniosis.

orientation (اوريَن ٽيشن)
ماحول جي لحاظ سان پنهنجي مقام يا جاءِ جي ڄڻي پروڙ، نفسياتي طور زمان ۽ مڪان جي پروڙ مطلب ته مريض کي پنهنجي جاءِ ۽ وقت جي ڄاڻ سڃاڻ هجي.

orifice (آري فِس)
[L. orificium, ٽُنگ]
سوراخ، ٽنگ، ڳڙک، بدن يا عضوي جا ٽنگ، سلونگڙو، لُڪو، لوگهو.

origin (اوري جن)
[L. origo]
ڪنهن شيءِ جي شروعات، منڍ، ماخذ يا سرچشمو، اصل، پاڙ. مول، بنياد، پيدائش.

osteogenic sarcoma (آسچيو جينڪ سارڪوما)
هڏائون موتمار ڳوڙهو.

osteogenesis
هڏو نهڻ، هڏجڻ.

osteolytic (آسچيو لِٽيڪ)
هڏي تباهه برباد يا ناس ڪندڙ، هڏي ناس.

osteoma (آسچيوما)
هڏائون ڳوڙهو.

osteomalacia (آسچيو ميلئشيا)
هڏي جو ميڻ مثل نرم ٿيڻ، هڏي نرمائي.

osteomyelitis (آسچيو ماءِ لاءِ ٽيس)
هڏي جي مک جي سوج، مِک سوج.

osteopath (آسچيو پيٿ)
هڏي جي بيمارين جو طبيب.

osteopetrosis (آسچيو پيٽروسِس)
[G. petros, پٿر]
ڏسو: Albers-schonborg disease.

osteophage (آسچيو فئج)
هڏي کائو. (osteoclast).

osteophony (آسچيو فوني)
[G. phone, آواز]
هڏي وسيلي اندرين ڪن تائين آواز رسڻ، هڏ آوازي.

osteophyte (آسچيو فائٽ)
[G. phyton, ٻوٽو]
سنڌن جي مٿاڇري وٽ هڏائين اوسر يا چونگ.

osteoporosis (آسچيو پاروسِس)
[G. poros, لنگهه]
هڏن جو پُرڻ، هڏي پورائي.

osteosarcoma (آسچيو سارڪوما)
هڏي جو ماس ڳوڙهو.

osteoscelrosis (آسچيو اِسڪليروسِس)
[G. sclerosis, هڏي جي سختي]
هڏي جو سختجڻ.

osteotome (آسچيو ٽوم)
[G. sonos, ڪپڻ]
هڏو ڪپيندڙ اوزار، هڏائون ڪپ

ostium [L.]
ڪنهن به نلي جهڙي لنگهه جو منهن يا وات.

ostalgia (اوٽالجيا)
[G. ons, ڪن]
ڪن جو سور، ڪنائون سور، ڪن سور.

otic (اوٽِڪ)
ڪن بابت، ڪنائون، ڪنيو

otitis (اوٽاءِ ٽِس)
ڪن جي سوج.
O. Externa: ٻاهرين ڪن جي سوج.
O. Internal: اندرين ڪن جي سوج.
O. media: وچين ڪن جي سوج.

otolaryngology (اوٽو ليرنجوالاجي)
ڪن ۽ آواز نڙيءَ جي ڄاڻ.

oxygen (آڪسي جن)

هڪ بي رنگ، بي بوءِ، گئسي عنصر جيڪو حياتي ۽ باهه ٻرڻ لاءِ ضروري آهي. ڏسو: hyperbaric.

oxygenation (آڪسي جِني شن)

ڪنهن مادي خاص طور رت جو آڪسيجن سان پچڻ يا ٽپ ٿيڻ.

oxyhaemoglobin (آڪسي هيمو گلوبن)

آڪسيجن پرايل هيمو گلوبن.

oxyntic (آڪسن ٽِڪ)

[G. oxynein, تيزاب ٺاهڻ]

تيزاب پيدا ڪندڙ.

O. Cells: معدي جي استر اندر موجود گهرڙا جيڪي لوڻ جو تيزاب پيدا ڪندا آهن.

oxytocic (آڪسي ٽوسِڪ)

[G. oxys, تکو; tokos, ٻار جو ڄمڻ]

دوا يا مادو جيڪو سور وڌائي ڄمڻ کي تکو تڪڙو ڪندو آهي، ڄمڻ تيز ڪندڙ، ڄمڻ تيزائڪ.

oxytocin (آڪسي ٽوسِن)

شاهه غدود جو ست جيڪو رحم جون سيٽائڻ واريون لهرون وڌائيندو آهي ان ڪري ڄمڻ ڪانپوءِ زناني رت ڪڍڻ لاءِ اهو ڏبو آهي.

oxyuris

ڏاڪي جهڙو پيٽ ڪينئون، ڏاڳ ڪينئون.

ozaena (اوزينا)

[G. ozein, سنگهڻ]

نڪ جي استر جو سڙڻ ڳرڻ جنهن ۾ چلڙ چلڙ ۽ منڌ پيدا ٿيندو آهي. نڪناس

ozone

آڪسيجن جي هڪ شڪل $O_3$ هن ۾ جيوڙا مار خاصيتون آهن.

◆

# P

pace maker (پيس ميڪر)

رفتار وڌائڪ، دل جي مٽ ڪوٺي جو ڳنڊداڻو (S. A. node). ڏسو: node.

pachyblepharon (پيڪي بليفرون)

[G. blepharon, ڇپر]

ٿلها ڇپر.

pachycephalia (پيڪي ڪِفي ليا)

ٿلهي کوپڙي.

pachychilia (پيڪي ڪي لِيا)

ٿلها يا ٻولا چپ.

pachydermia (پيڪي ڊرميا)

ٿلهي چمڙي.

pachyglossia (پيڪي گلوسِيا)

ٿلهي جڀ.

pachymeningitis (پيڪي مين. جاءِ ٽِس)

[G. menigx, پردو]

سخت ماءُ مغزي تهه جي سوڄ.

machyonchia (پيڪي اونِيڪِيا)

ٿُلها ننهن، ننهن ٿلهائي.

Pagets Disease

1. هڏن جي عيبي سوڄ.

ڏسو: osteitis deformans.

2. ڏونٽيءَ جو سرطان.

pain (پين)

سور، درد، پيڙ، پيڙا، پيھڙ، پيڙاڪو.

Palate (پي ليٽ)

[L. palatum]

وات جي مٿين ڇت، تارون.

Cleft Palate: تارون جو چِير، چيريل تارون.

Hard P.: ٻن تارون هڏن جي واتائين ڇت جو اڳيون هڏائون حصو، سخت تارون.

Soft P.: وات جو مشڪائون پويون ڇت وارو حصو، نرم تارون.

palatine (پيلي ٽائن)

تارونءَ بابت، تارونئون.

P. Arches: تارونءَ ونگون ڪارون ۽ نڙي جي سنگر وٽ ٻنهي پاسي محرابي ويڙهي وارا ٻه ٽنيپ.

palatoplogia (پيلي پليجِيا)

تارون لهڻ، نرم تارونءَ جو فالج.

palliative (پيل يي ٽِو)

[L. palliatus, لبادو پهريل]

ٻنهه ڇٽائي نه سگهڻ، رڳو تڪليف گهٽائڻ، ٽاريندڙ.

palm (پام)

[L. palma]

هٿ جي تِري.

palmar (پيلمر)

[L. palmaris]

هٿ جي ترِيءَ بابت، ترائون.

palpable (پيل پبل)

[L. palpore, نرميءَ سان ڇهڻ]

هٿ لائڻ جوڳو، ڇُهڻ جوڳو.

palpation (پيل پيشن)
هٿ سان تپاس جو عمل، هٿ تپاس.

palpebra (پيل پي برا) [L.]
اک جو ڇپر.

palpitation (پيل پِٽي شن)
[L. palpitare, ڌڙڪڻ]
ڌڙڪو، ڌهڪو، ڌڪ ڌڪ.

palsy (پالزي)
لقوو، فالج، اڌ رنگ، ارڌانگ، شلُ.
ڏسو: Paralysis.

Bells P. (Facial Paralysis): لقوو، ڦريل واڇ، اڌ منهن جو فالج، ڪارڻ ستين ڪاپاري منهن تنت جو سيڪاٽجڻ.

Erbs P.: ڪلهي ۽ ٻانهن جي مشڪن جو سيڪاٽجڻ ڪارڻ پنجين ۽ ڇهين ڳچي پاڙ تنتن جو خرابو.

panarthritis (پين آرٿراءِ ٽِس)
[G. pas, سڄو سارو; arthron, سنڌ]
سڄي ساري سنڌ جي سوڄ، سارو سنڌ سوڄ.

pancarditis (پين ڪارڊاءِ ٽِس)
[G. kardia, دل]
ساري دل جي سوڄ.

pancreas (پين ڪِرياس)
[G. pagkreas]
لبلبو، شيردان جيڪي شيرداني رس ۽ اِنسولين خارج ڪندو آهي.

pancreatitis (پينڪريا ٽاءِ ٽِس)
لبلبي جي سوڄ.

pancreatrophic (پينڪِريا ٽروفِڪ)
لبلبي کي ڇُرچ ڏيندڙ.

pandemic (پينڊِي مِڪ)
[G. pandemia, سڀ ماڻهو]
سڄي ملڪ يا دنيا ۾ پکڙيل وبا.
ڏسو: endemic, epidemic, sporadic.

pannus (پين اَس)
[L. ڪپڙو]
اک جي ڇپرائين پوسراڻ سبب سگي پردي جي رتوٽي ڳاڙهاڻ.

panophthalmitis (پين آف ٿيل ماءِ ٽِس)
[G. pas, سادو]
ساري اکائين دوڏي جي سوڄ، سار دوڏي سوڄ.

panostcitis (پين اَسٽِياءِ ٽِس)
ساري هڏي جي سوڄ، سارهڏ سوڄ.

pantothenic (پينٽو ٿِينِڪ ايسڊ)
وٽامن [B] ڪامپليڪس گهراڻي جو هڪ ڀاتي، وٽامن B3.

papilla (پيپي لا)
هڪ ننڍڙو نمايان ڏونٽي شڪليو اُڀار، ڏونٽ اُڀارڙو، ڏونٽيو، جمع papillac.

Anal P.: مقعد جي ٻنجڻي ڇوڌار چم جي ٻاهرين تهه وارا ڏونٽ اڀارڙا.

patent (پٽينٽ)
[L. patens, کليل]
کليل جيڪو بند ٿيل نہ هجي، پٽيل.

pathogen (پيٿوجن)
[G. pathos, مرض; genes, پيدا ڪندڙ]
بيماري پيدا ڪندڙ شيءِ يا جيو، مرض پيدائڪ.

pathogenesis (پيٿو جني سِس)
بيماريءَ جي منڍ ۽ نشونما، مرض پيدائپ.

pathognomic (پيٿوگ نومِڪ)
[G. gnomonikos, ڪنهن هڪ شيءِ ۾ هنرمند]
ڪنهن مرض جي مخصوص خصوصيت يا علامت.

pathology (پيٿالاجي)
مرض ڄاڻ، بيماريءَ جي ڪارڻ ۽ ماهيت جو سائنسي ابياس.

pathophobia (پيٿوفوبيا)
بيماريءَ جو روڳي ڊپ، مرض ڊپائي.

peaud orange (پو دورانز) [F.]
بيماري سبب ارهہ جي چمڙي جڳهہ جڳهہ تي نارنگيءَ جي کل مثل نظر اچڻ.

pectoral (پيڪٽورَل)
[L. pectoralis, سيني يا ڇاتيءَ جو]
سيني يا ڇاتيءَ بابت، ڇاتيائون.

pectus (پيڪٽس) [L.]
ڇاتي، سينو.

P. Carinatum: ڪبوتري سينو.
P. Excavatum: ڦيڦي سينو.

pedal (پيڊل)
[L. pes, پير]
پير بابت، پيرائون.

pediculosis (پيڊي ڪيُولوسِس)
[L. pediculus, ننڍو پير]
جونئن سان وچڙائپ.

pediculus [L.] (lice) (louse, واحد)
جونءِ.
P. capitis: مٿي جي جونءِ
P. corporis: بت جي جونءِ
P. Pubis: نهائين جي جونءِ.
nit: ليک

peduncle (پيڊَنڪِل)
[L. pedunculus, ننڍو پير]
ڏاندي جهڙي اڏاوت.

peeling (Desquemation)
چمڙيءَ جا ڇلڙ ٿي لهڻ.

pel-ebsteins fever
پيل ۽ ايسٽائن جو تپ جيڪو لمف غدود جي ڳوڙهي ۾ ٿيندو آهي.
ڏسو: Hodgkins disease.

pellagra (پيلَگرا)
وٽامن [B] ڪامپليڪس ۽ پروٽين جي کوٽ سبب بيماري، جنهن چمڙ ۽ تنتن جي سوڄ، رت اوڻائي ۽ ذهني وائڙائي، پيلاگرا.

pellet (پيلِٽ)
ننڍو حب يا داڻو، ڇرو.

pelvimeter (پيلوي ميٽر)
ڍونگري جي قطرن جي ماپ جو اوزار، ڍونگري ماپڻو.

pelvis (پيل وِس) [L.]
1. نهائين، ڍونگري، 2. گردي جي ڍونگري. پولهه، پول، ڍونگرو، ڍونگو.

pemphigus (پيمفي گس)
[G. pemphix, پونئرو داڻو] bullae, blebs.
چمڙيءَ جي بيماري جنهن ۾ ڦيسڙائو ڦوڪٽا ٿيندا آهن، ڦوڪٽڻ واري چامائو بيماري، ڦيسڙ ملو يا پت.

penetration (ٽنب، ٽونب)

penicillinase (پينسلي نيز)
خميرو جيڪو پينسلين کي ناس ڪندو آهي، پينسلين ناس خميرو.

Penicillium (پيني سِليَم)
[L. penicillin, برش]
سينور جو قسم يا جنس.

Penis (پي نِس) [L.]
مرداڻو جنسي انگ، الت، لنگ.

Pentose هڪ اٽيو مناڻ، پينٽوس.

Pepsin (پيپسن)
معدي جي رس جو خمير، پيپسِن.

Pepsinogen (پيپسِنوجِن)
معدي استر جي peptic گهرڙن جي رس جيڪا لوڻ جي تيزاب سان ملي پيپسن ۾ بدلبي آهي.

peptic
[G. peptikos, هاضمي ۾ مدد ڏيڻ]
پيپسن يا هاضمي بابت، هاضمي.
P. Ulcer: معدي ۽ ٻارهن انچي آنڊي ۾ السر، هاضمي السر.

peptide (پيپ ٽائڊ)
امائنو ائسڊ جي ميلاپ جو نتيجو، هڪ اٽيو، ٻه اٽيو يا گهڻ اٽيو پيپٽائڊ.

peptone (پيپ ٽون)
پيپسن خميري جي عمل ۾ نتيجي طور پيدا ٿيل مادو.

percept (پرسيپٽ)
ڪنهن احساس جي نتيجي ۾ ذهني پروڙ، پروڙيل، محسوس، مدرڪ.

perceptioin (پرسيپ شن)
[L. perceptio]
پروڙ، محسوسيت، ادراڪ (ع)، سوجهه.

percolation (پرڪولئشن)
[L. percolare, ڇڻجڻ]
سيمو، ڪنهن جاريءَ وچان ڇڻجڻ يا پوري مادي وچان سمجڻ.

percussion (پرڪشن)
[L. percussion, ٺوڪڻ]
آگرين وسيلي بت کي ٺوڪي تپاسي ڏسڻ. ٺوڪڻ. ڏسو: auscultation, inspection, palpation.

percutaneous (پرڪُٽي نِيَس)
[L. per, وچان; cutis چم]
چم وچان.

ويلڊنگ وغيره جي تيز روشنيءَ
ڪارڻ اکين جو سور، اک سور.

photophobia (فوٽو فوبيا)
روشني کان ڊپ، اکين کي روشنيءَ
۾ نہ آٿي سگهڻ، روشني اک ڏپائي.

photo sensitive (فوٽو سين سِٽِو)
روشني ڪان حساسيت، روشني حساسيت.

phren (فرين)
[G. وير پردو]
ڇاتي ۽ پيٽ کي اندر ورهائيندڙ
وير يا مشڪائون پردو، وير مُشڪ.

phrenoplegia (فرنيو پليجِيا)
وير مشڪائين پردي جو فالج.

phrenotropic (فرنيو ٽروپڪ)
ذهن تي اثر ڪندڙ، ذهن اثرائيندڙ.

phthisis (ٿاءِ سِس)
سلهہ لاءِ پراڻي اصطلاح.

physiological (فزيو لاجيڪل)
بدن جي فطري ڪمن بابت ۽
موجب جيڪي نارمل عمل آهن.
غير نارمل عملن لاءِ مرضياتي
(pathological) اصطلاح ڪتب آڻبي
آهي.
P. Saline (normal or isotonic): پاڻيءَ
منجهہ لوڻ (sodium chloride) جو 0.9
سيڪڙو ڳار.

physiology (فزيالاجي)
بت جي نارمل ڪمن جو اڀياس،
انگ ڪر ڇاڻ.

pia or piamater (پيامٽر)
مغز ۽ مغزي ڏوريءَ جو سڀ کان
اندريون تهہ.

pica (پاءِ ڪا)
[L. magpie, ڏيالُ پکي]
عجيب شين کائڻ جي خواهش
جيئن اميدواري زال ميٽ ۽ ٻار
مٽي کائيندا آهن.

pigeon chest (پجن چيسٽ)
سنهو پر ٻاهر اڳيان اڀريل سينو يا
ڇاتي، ڪبوتر مثل سينو. Also
pectus corcinatum.

pigment (پگمينٽ)
[L. pigmentum]
رڱيندڙ مادو، راڱي.

pigmentation (پگ مين ٽيشن)
گهٽي ڪارٺ ڳڏجڻ، ڪارٺ،
ڪارائجڻ.
ڏسو: Piles, haemorrhoids.

pilomotor nerves (پائلوموٽر)
[L. pilus, وار; movere, چورڻ]
وارن جي پاڙن واريون پتڪڙيون
تنتون جيڪي وار ڪانڊارينديون
آهن، وار ڪانڊرائڪ تنتون.

pilonidal (پائلو نائڊل)
[L. nidus, آکيرو]
وارن جو هڪ جاءِ ڳڏ ٿيڻ.
P. sinus: لِڪل جڳهہ جتي ڇنيل
وار ڳڏ ٿيل هجن، جيئن ٻجورن

porphyria (پورفائريا)
[G. -----, فرفوراءِ]
پورفائرين جي خورش ۾ گهر پيدائشي گڙٻڙ سبب تنتي يا مشڪائين اٿت ۾ مرض.

porphyrins (پورفائرنس)
رنگين انگي مرڪب جيڪي ساهه جي سرشتي وارن راڱي مادن جو بنياد آهن، پور فائرين.

porta (پورٽا)
[L. در، ڦاٽڪ]
ڪنهن عضوي جو ڳپ (hilum) جتان رت نليون اندر ٻاهر ايندیون ويندیون آهن، انگي در.

portacaval (پورٽا ڪئول)
جيرائي رڳ ۽ هيٺين شاهه رڳ بابت.

partal vein (پورٽل وين)
جيري ڏانهن رت ڪٽي ويندڙ رڳ، جيرائين در رڳ.

position (پوزيشن)
[L. positio, آسڻ]
بيهڪ، ويهڪ يا ليٽڻ جو انداز، آسڻ.

posseting (پاسي ٽنگ)
ٿڃ پياڪ ٻارن جو ڇميل ٿڃ يا کير جا چڪا اوڳاڇڻ.

posterior (پوسٽي ريئر) [L.]
پويون-پٺيون. ڏسو ضد: anterior.

postganglionic (پوسٽ گينگ ليانڪ)
[L. post, پوءِ]
ويم جي نارمل مدي (9 مهينن) کانپوءِ، يعني اڃا ويم ڪونه ٿيو آهي. ڏسو ضد: premature.

post mortem (پوسٽ مارٽم)
[L. mors, موت]
موت کانپوءِ، مرڻ کانپوءِ لاش جي وڍ ڪٽ (autopsy)، پوسٽ مارٽم.

post nasal (پوسٽ نئزل)
نڪ پويان، نڪ پويان ۽ نڪ نڙي اندر بيهڪ.
post nasal drip: ڳڙو، ڇُناڪو، ڳاڙهو.

post natal (پوسٽ نئٽل)
ويم کانپوءِ پرگهور، تپاس وغيره.

postoperative (پوسٽ آپريٽو)
آپريشن کانپوءِ. ڏسو: preoperative.

postpartum (پوسٽ پارٽم)
[L. partus, ويم]
ويم يا ڄم کانپوءِ.

pasture (پوسچيور)
[L. positura, ponere, رکڻ]
بت يا انگ جي مخصوص بيهڪ يا انداز. ڏسو: position.

Potts disease (spondylitis, pinal caries).
ٻاٽ جو مرض. ڪرنگهي يا پٺيءَ جي ڪنڊي جي سلهه جنهن ۾ ريڙهه

جي هڏي ڳري نرم ٿي پٽ وٽ
ڳڪ يا ڪٻ پيدا ڪندي آهي.

Polts fracture
مُري وٽ ڄنگهہ جي هيٺين ٻنهي
نرين جو هڪ مخصوص ڀڳ، پاٽ
جو ڀڳ.

pouch (پائوچ)
[F. porche, ڪيسو، گيرو]
ڪيسو يا گيدو.

poultice (پولٽِس)
پوٽِس، آليپ، ليپ، لُپري.

Pouparts ligament
پوپار جو ٻنڌ، نري جو تاندوري ٻنڌ.

powder (پائوڊر)
ٻورو، ٻُرڪو، چورو، سفوف.

pox (پاڪس)
ماتا جهڙي بيماري.

praecordial
ڏسو: precerdial.

precancerons (پري ڪينسرس)
[L. prae, اڳ]
سرطان کان اڳ.

precipitate (پريسيپيٽيٽ)
[L. precipitare, تري ۾ ويهڻ]
ٿلچٽ، اڻ ڳرندڙ مادي جو ڪنهن
ڳار يا محلول ۾ تر ونڃڻ يا تري ۾
جمع ٿيڻ.

precipitin (پري سپِٽِن)
[L. precipitare, ترُ ونڃڻ]

هڪ اينٽي باڊي، جيڪا اينٽيجن
سان ڳنڍجي ٿلچٽ ٺٺائي.

precordial (پري ڪارڊيَل)
[L. cor, دل]
دل مٿان سيني تي جاءِ، دل مٿان جاءِ.

precursor (پري ڪرسَر)
اڳ وٺندڙ، مثال ڪا دوا جنهن مان
وڌيڪ اثرائتي دوا ٺهي.

predispostition (پري ڊِسپوزيشن)
ڪنهن مخصوص مرض جو مريض
۾ وچڙڻ ۾ هئڻ جو لاڙو يا
موزونيت هئڻ، اڳ لاڙائي.

prefrontal (پري فرنٽل)
[L. frons, نرڙ]
مغز جي نرڙ واري ٻوندِ جي اڳ
واري جاءِ. نرڙ مغز اڳئون.

preganghinic
تنتي ڳنڍ (ganglion) کان اڳ واري
جاءِ، تنتي ڳنڍ اڳئون. ڏسو:
ganglien, post ganglionic.

pregnancy (پرگ نينسي)
[L. pregnans]
اميد سان هئڻ، پيٽ سان هئڻ، ٻار
سان هئڻ، حمل، سيرائي، گرڀتا،
ڳڀ، 9 مهينن يا 40 هفتن يا 280
ڏينهن تي مشتمل. ڏسو:
ectopic P.: رحم کانسواءِ ٻي جاءِ
ڳڀ هئڻ.
Multiple P.: رحم ۾ هڪ کان وڌ
ڳڀ هئڻ.

prodromal (پروڊرومل)
[G. prodromos, اڳتي ڀڄندڙ]
چمڙيءَ جي وڇڙندڙ بيماريءَ ۾ اصلوڪي داڻ داڻ ڪان اڳ وقتي ٻرٻر، اڳوات ٻر.

progesterone (پروجيسٽي رون)
بيضي دانيءَ جو هارموني رس، پروجيسٽرون.

progestogens (پروجيسٽوجنس)
پروجيسٽرون جي خاصيتن ۾ ڪمن وارا مادا يا دوائون.

prognosis (پروگ نوسِس) [G.]
بيماريءَ جي ممڪن دؤر ۽ پڄاڻي بابت اڳڪٿي، مرضي اڳڪٿي، پڄاڻي، مرض جو انت.

projection (پروجيڪشن)
[L. projectio, اڳتي اڇلائڻ]
عام ماڻهو پنهنجين غلطين کي ٻئي مٿان ٿڦيندو آهي پر نفسياتي مرض ۾ اها حالت ويتر وڌ ٿي ويندي آهي. اڳتي اُڇل.

prolactin (پروليڪٽِن)
ڏسو: luteotrophin.

prolapse (پروليپس)
[L. prolapsus, لهي پوڻ]
ڪنهن عضوي جو ڪرڻ يا لهي پوڻ.
P. of anus onto rectal: پچو نڪرڻ، چَپُ.
P. of the Iris: اک جي اندلني پردي جو سگي پردي جي ڦٽ مان نڪرڻ.
P. of the Prectum: پچو يا چوڪٽو نڪرڻ، بولو، چَپُ.
P. of the Uterus: رحم جو گهڻ اندر لهي يا نڪري پوڻ.
ڏسو: proidentia, nucleus.

proliferate (پرولي فرئٽ)
[L. proles, ٻچو: fere, پيٽ هئڻ]
گهرڙن جي ورڇ وسيلي واڌ، ورڇ واڌ.

prolific (پرولي فِڪ)
ڦر وارو، ڦلائتو، زرخيز، ثمردار، گهڻ ڦلائتو.

pronatory (پراماٽري)
[L. promontorium]
ٻاهر نڪتل يا نمايان حصو، واڌو وڌرو.

pronate (پرونئٽ)
[L. pronare, اڳتي موڙڻ]
هٿ جي ترِيءَ کي اونڌو ڪرڻ، منهن ڀر ڪرڻ. ڏسو ضد: sipinate.

pronator (پرونئٽر)
ترِي اونڌي ڪندڙ مشڪ، ڏسو ضد: supinator.

prone (پرون)
[L. pronus]
منهن ڀر- اونڌو. ڏسو: supine.

properdin (پراپرڊن)
هڪ رتوڻي پروٽين جيڪا ڪجهه جيوڙن، وائرسن وغيره کي ناس ڪندي آهي. پراپر ڊين.

psychiatry (ساءِ ڪِياٽري)
ذهني بيمارين جي سڃاڻ ۽ علاج، ذهني علاج، نفسياتي علاج.

psychic (ساءِ ڪِڪ)
نفسي ذهني.

psycho-analysis (سائڪو اين ليسِس)
نفسي تجزيو يا چيد، نفسياتي علاج جي هڪ شاخ جنهن ۾ تنتائپ (neurosis) جي علاج لاءِ پراڻا وساريل آزمودا پيهر ياد ڪري انهن آزمودن لاءِ مريض جي ورتاءَ ڪي نئين سر درست ڪيو ويندو آهي. ان جو بانيڪار سگمنډ فرائڊ آهي.

psychodrama (سائڪو ڊراما)
نفسي ناٽڪ، نفسياتي علاج جو هڪ طريقو جنهن ۾ مريض جي ذاتي مسئلي بابت قاعدي ناٽڪ ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ ٻيا ٻه ڊرامائي اداڪاري ڪندا آهن جنهن سان مريض کي پنهنجي مسئلي سمجهڻ ۽ ان کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ملندي آهي.

psychodynamics (سائڪو ڊائنا مڪس)
[G. dynamis، طاقت، زور]
ذهني عملن جي ڄاڻ. خاص ذهني عوامل بابت پروڙ، نفسي سرگرمي.

psychogenesis (سائڪو جني سِس)
ذهن جي نشونما يا اوسر.

psychogenic (س. جِينڪ)
نفس يا ذهن مان پيدا ٿيل نفسئون نڪتل.

psychogeriartic (سائڪو جيرياٽِڪ)
[G. geras, پيرسني; Iatrikos, شفا]
پيرسني وارو نفسياتي علاج.

psychology (سائڪالاجي)
[G. psyche, نفس]
نفسيات، جيو جي پنهنجي ماحول اندر ورتاءَ جو اڀياس، انساني ورتاءُ مطابق.

psychometric (سائڪو ميٽرڪ)
[G. metron, ماپ]
ذهني عملن جي مُدي ۽ زور جي ماپ. نفسي ماپ.

psychomotor (سائڪو موٽر)
[L. movere, پورڻ]
نفسي، مغزي يا ذهني سرگرميءَ جي چرپر جو اثر، نفسي چرپر.

psychoneurosis (سائڪو نيوروسِس)
تنتائپ.

psychopath (سائڪو پيٿ)
[G. pathos, مرض]
اهو شخص جيڪو اخلاقي لحاظ سان غير ذميوار هجي، نفسي مريض، ذهني مريض.

ptyalism (ٽا يَلِين)

[G. ptyalon, پڪ]

پڪ جو اماءِ ليز خميرو جيڪو نشاستي کي ڊيڪسٽرين ۽ مالٽوز ۾ مٽائيندو آهي. ٽائيلين، وات رس.

ptyalolith (ٽاءِ اَلِزم)

پڪ جي گهٽائي، گهڻ پڪائي.

pubertas praecox (ٽاءِ الوِلٿ)

پڪ واري پٿري.

puberty (پيو برٽس پري ڪاڪس)

[L.]

اڳ سامائجڻ، وقت کان اڳ بلوغت.

pubes (پيُوبرٽي)

[L. pubertos]

بلوغت، سامائجڻ، ٻاپورجڻ.

pubes (پيُوبيز)

[L. جنسي انگ]

1. جنسي انگ مٿان ڪُچن واري جاءِ.

2. نهائينءَ جو هڏو، اوٺاچ، نهانٽي.

pubis (پيُوبِس)

[N. L.]

نهائين جو هڏو (os pubis) نهائنٽي.

pudendum (پيُوڊِنڊم)

[L. pudere, لڄي ٿيڻ]

ٻاهريان جنسي انگ، خاص ڪري زائفان جا، يوني، شرم گاهه.

puerperal (پيوئيرپيرَل)

[L. puerperus, ويم]

ويم بابت، ويمائي.

puerperium (پيُوئر پيرِيَم)

جم ۽ نارمل هجڻ جي وچ وارو مُدو (6-8 هفتا)، پرسوت، سوئانجو، سُئانجو.

pulmonary (پلمونري)

[L. pulmonarius]

ڦڦڙن بابت، ڦڦڙائون.

pulp

[L. pulpa]

ڪجهه عضون جو اندريون نرم حصو، ڳِرُ.

Dental pulp: ڏند جو اندريون نرم حصو.

Digital Pulp: آڱرين جي چوٽيءَ وارو گاديلي جيان نرم اپار.

pulsatile (پلس ٽائل)

[L. pulsare, ڌڙڪڻ]

ڌڙڪندڙ، دڪ دڪ ڪندڙ.

pulsation (پلسئشن)

دل يا نبض جيان ڌڙڪو يا دڪ دڪ، نبض هلڻ.

pulse (پلز)

[L. pulsus, ڌڪ هڻڻ]

نبض ناڙ، ڌڙڪو.

P. rhythm: نبضي سرتار، نبض جي باقاعدگي يا بي قاعدگي.

P. Volume: نبض جي موجي ڦونڊ واڌ.

P. force or tension: نبض زور، نبض جي طاقت يا داٻ.

pyrexia (پاءِ رِيڪسِيا)
[G. pyressein, تپجڻ]
تپ، بخار، پرو، ڪٽس.

pyriidoxin (پائري ڊاڪسِن)
وٽامن $[B_6]$.

pyrogen (پائروجِن)
[G. pyr, آڳ]
تپ پيدا ڪندڙ، تپ پيدائڪ.

pyrosis (پائروسِس)
[G. باهه ڏيڻ]
چار اوڳرائي، ڪنيون اوڳرائيون هاڻوَ ساڙ.

pyrotherapy (پائرو ٿيراپي)
تپ پيدا ڪرڻ وسيلي علاج.

pyuria (پائيُوريا)
روڳ مُتائي، مٽ ۾ پونءِ هئڻ.

◆

# Q

quadriceps (ڪوادري سيپس)
[L. quatturo, چار; caput, مٿو]
ستر جي چار منهين سٽراٽي مشڪ.

quadriplegia (ڪوادِري پلِيجيا)
[L. plege, فالج]
ٽنگن ٻانهن چئني انگن جو فالج.

Quarantine
[Ital. Quaranta=چاليهہ]
ماڻهن جانورن يا ٻوٽن کي الڳ ٿلڳ ڪرڻ تہ ڏسجي تہ هنن ۾ ڪا لڳڻ واري بيماري تہ نہ آهي، خاص ڪري ايئرپورٽن تي.

quartan (ڪُوارٽن)
[L. quartus, چوٿون]
ٽيئڙ تپ، جيڪو واري سان هر ٽئين ڏينهن ٿئي. چوٿئڙتپ. ڏسو: Oralana.

quickening.
پنجين مهيني ڳيوراڙيءَ جي پيٽ ۾ ٻار جو چرڻ.

quiescent (ڪُوِي ايسينٽ)
[L. quiescere, ماٺ ٿيڻ]
مرض خاص ڪري چامائو بيماريءَ جو علاج هيٺ ٺاپرجڻ.

quinsy (ڪُونزِي)
ڪليءَ جو ڳڙ، ڪوئلي، ڪنٺ مالا، ڪلي سوڄ.

◆

پيٽ جي شريانن جي سيٽجڻ جي بار بار حملن سبب آڱرين ۾ پيلاڻ يا ڪار نيراڻ پيدا ٿيندي آهي، جنهن جو نتيجو اڱاري آهي.

reaction (ري ايڪشن)
رد عمل، عمل جو جواب. 1. ڪنهن چونگر يا چرچ جي ورندي، 2. تيزابي يا کارو ڪيميائي رد عمل.
Allergic. R.: الرجيائي رد عمل ڪنهن مادي يا پروٽين لاءِ بت جو جوابي الرجيائي عمل، جهڙوڪ ڇاپاڪو، سهڪو وغيره.

reagent (ري ائجنٽ)
مادو جنهن ۾ ڪيميائي عمل پيدا ڪرڻ جي اهليت هجي. ريجنٽ.

regain (ري ايجن)
الرجيائي رد عمل سان تعقل رکندڙ بچاءُ جسمڙو (antibody). ريڳن.

rebore
بند نليءَ جو ٻيهر کُلڻ.

recalcitrant (ري ڪئلسي ٽرنٽ)
[L. re, ٻيهر; calcitrare, گڏي جو جواب گڏو]
مرض جيڪو علاج جي باوجود ٺيڪ نہ ٿئي. نود مرض، بي ڇيو.

recall (ري ڪال)
ياد ڪرڻ جو عمل، ڌيان، هنداڻ ۽ ٻيهر ياد ڪرڻ تي مشتمل، ٻيهر ياد آڻڻ يا ڪرڻ.

raphe (ريفي)
[G. rhaphe, ]
ڇپ جي پنيري، پاسي ڏگهو وچون سنڌو.

rarefaction (ريئري فيڪشن)
[L. rarefacere, ڇڊو ڪرڻ]
ڪنهن شيءِ مثلاً هڏي جي گهاٽائي جو ڇڊو ٿيڻ، ڇڊائجڻ.

rash (ريش)
داڻا، ڏٻڙ، چمڙي جو يا ڇامائو داڻو، ٻُٺار، ٻُرٻُر، ترِ ترِ.
Nettle R.: داڻ داڻ ڇاپاڪو، چمڙي جو ڏٻڙ ڏٻڙ هئڻ.

rat-bite fever
ڪارڻ جيوڙي Spirillum يا streptobacillus جو بخار، ڪئي جي چڪ وارو بخار.

rationalization (ريشنلاءِ زئشن)
[L. rationalis, عقلي، منطقي]
هڪ عقلي يا استدلالي عمل جنهن وسيلي ڪو شخص پنهنجي ورتاءَ لاءِ ڪو لاشعوري بهانو پيش ڪندو آهي، جيڪو هن ۽ ٻين لاءِ سچ بدران قبول ڪرڻ جوڳو هوندو آهي. اهو بهانو يا عذر پاڻ کي دوکي ڏيڻ لاءِ نہ رڳو قبوليت جوڳو هوندو ۽ هو پاڻ کي درست سمجهندو آهي. دليلائپ.

Raynauds disease (رئنوڊ ڊزيز)
رئنوڊ جو مرض، جنهن ۾ آڱرين ۽

**rennin** (ري نين)
معدي جي رس جو کير جمائيندڙ خميرو جيڪو caseinogen کي casein ۾ بدلائيندو آهي. رينن.

**repression** (ري پريشن)
[L. repressum, دٻائي پوئتي ڪرڻ]
ڏکوئيندڙ ۽ ناجائز خيالن، امنگن ۽ محسوسات کي دٻائي لاشعور ۾ ڌڪي پوئتي ڪرڻ، دٻائپ.

**resection** (ري سيڪشن)
[L. resecare, ڪپي ڌارڪ]
وڍ ڪٽ وسيلي انگ جي ڪا شيء ڪپي ڌار ڪرڻ، ڪپائي.

**residual** (ري زي ڊيُوئل)
[L. residuus, باقي بچيل]
باقي بچيل، پاڇت.

**resistance** (ري زِس ٽِنس)
[L. resistere, روڪڻ]
روڪڻ يا جهلڻ جي طاقت، روڪ، جهل. 1. نفسيات: لاشعوري دٻايل خيالن کي شعور اندر موٽڻ کان روڪ، 2. جيوڙائپ کان بچڻ لاءِ بدن جي روڪ واري طاقت.

**resolution** (ريزو لوشن)
[L. resolvere, ڇڊو ٿيڻ]
سوڄ جو هلڪو يا ڇڊو ٿيڻ يا جهڪو ٿيڻ ته جيئن اڳ جيان نارمل ڏانهن موٽ ٿئي. مرض جهڪائي.

**resonance** (ريزوننس)
[L. resonare, گونجڻ]
سيني ٺپاسٽي وسيلي ڦڦڙ يا هوا نلي (trachea) جي گونج ٻڌڻ، گونج، پڙاڏو.

**resorption** (ري سارپشن)
[L. ersorbere, جذبڪ، چوسڻ]
ٻيهر چوسڻ يا جذب ڪرڻ، ٻيهر چوسائي، جيئن پڳ جو پوٽيندو، کير جي ڏندن جون پاڙون ۽ ڳوڙهي مان رت چوسجي ويندي آهي.

**respiration** (ريس پائريشن)
[L. respirare, ساهه کڻڻ]
ساهه کڻڻ ۽ ڪيڻ جو عمل.
Andonumal R.: پيٽ جي مشڪن وسيلي ساهه کڻڻ.

**respirator** (ريسپائيرئٽر)
[L. resipirare, ٻيهر ساهه کڻڻ]
1. نڪ ۽ وات مٿان ٻوٿاڙو جيڪو ساهه کڻندڙ هوا کي پاڪ صاف ڪندو آهي. 2. ساهه کڻائڻ جي ڪل، هٿرادو ساهه کڻائيتو يا ڦڦڙ.

**resuscitate** (ري سَسِي ٽيٽ)
[L. resuscitare, جيارڻ]
ڪنهن صدمي جي ستيل يا ڊٺل شخص کي جيارڻ يا سامت ۾ آڻڻ.

**retardation** (رٽارڊيشن)
جسماني يا ذهني اوسر ۾، روڪ، دير يا سيڙائپ.

Mental R.: ذهني يا دماغي سيڙائپ.
Physical R.: طبعي يا بدني سيڙائپ.

**retching** (ريچنگ)
آٽ، آٽڙو، اوڪارا، اُبڙڪا، اُبٽا، ابڪارو، اُبٽو، اوبٽ.

**retention** (ري ٽينشن)
[L. retinere, جهلي بيهڻ]
1. ذهن ۾ حقيقتن کي روڪي رکڻ.
2. فضلي وارين رطوبتن يا ڪرفتي جو رڪجي گڏ ٿيڻ.
R. of Urine: پيشاب روڪ، پيشاب جهل، پيشاب بند ٿيڻ.

**reticular** (ريٽي ڪِيُولر)
[L. reticulum, ننڍي ڄار]
ڄارائون، ڄار جيان.

**reticulocyte** (ريٽي ڪيُولوسائٽ)
تازو رتوٽو ڳاڙهو جيوڙو، جنهن ۾ اڃا وچڙئي جا اهڃاڻ هجن، ڄار گهرڙو.

**reticulocytoma**
ڏسو: Ewings tumour.

**reticulocytosis** (ريٽي ڪيُولو ساءِ ٽوسِس)
مِک ۾ خرابي سبب رت اندر ڄار گهرڙن جي گهڻ، ڄار گهرڙي گهڻائي.

**reticulo-endothelial system** (ريٽي ڪيُولو. اينڊو ٿي لِيل)
اندريون ڄار سرشتو، مکُ، تِلي، جيري، لمف غدودن منجهه اهڙا گهرڙا جيڪي جيوڙن ۽ بين ڌارين جزن کي مچين جيان پنهنجي ڄار ۾ جهٽي ونندا آهن.

**reticulosis** (ريٽي ڪيُولوسِس)
لمف غدودن يا اندرين ڄار سرشتي جي خرابي ۽ سرطان سبب ڄار گهرڙن جي گهڻ، ڄارائپ.

**retina** (ريٽي نا)
[L. rete, ڄار]
اک جي دوڏي جو اندريون ۽ آخري پردو، جيڪو 8 تهن تي مشتمل آهي، جنهن تي آرسي مثل ڏٺل شيءِ جو عڪس نهندو آهي. اکيارسي (اک +آرسي) پردو.

**retinitis**
اکيارسي پردي جي سوڄ.
R. Pigmentosa: هڪ خانداني ڍهندڙ بيماري، جيڪا وڏي انڌائپ پيدا ڪندي آهي.

**retinoblastoma** (ريٽي نو بلاسٽوما)
اکيارسي پردي جو موتمار سرطاني ڳوڙهو جيڪو رڳو ٻارڙن ۾ ٿيندو آهي.

**retrobulbar** (ريٽرو بلبر)
[L. retro, پويان; bulbus, ڳنڍ]
اک جي دوڏي پويان.

**retroflexion** (ريٽرو فليڪشن)
پوئتي مُڙڻ. ڏسو ضد: anteflexion.

**retrograde** (ريٽرو گريڊ)
[L. retrograde, پوئتي وڃڻ]
پوئتي وڃڻ، پوياري موٽ.

بت تي سواءِ منهن ۽ هٿن جي گلابي هلڪا دبڪ. دبڪ آتشڪي دبڪ. گلابي هلڪا هلڪا دبڪ دبڪ.

rot (راٽ)

رِجهه، ڳار.

Foot R. (tinea pedis): پيرن جي وٿي ۾ رجهه.

roughage (رفئج)

ٻاجي جي تاندورن ۽ سيلُولوس تي مشتمل کاڌو جيڪو قبضي ٿيڻ نه ڏيندو آهي. ڪڙبڙ خوراڪ.

rouleaux (رولو) [P.]

سڪن جيان ڳاڙهه جزن جي هڪبئي مٿان گول ڏگهي ترتيب.

round worm

ڏسو: Ascarides.

rube facient (روبي فئنشنٽ)

[L. rubefacere, ڳاڙهو يا لال ڪرڻ]

پوسرائينڊڙ دوائون جيڪي چمڙي کي لڳائڻ سان رت جو دورو وڌائي ان کي ڳاڙهو ڪنديون آهن. ڳاڙهائڪ دوائون.

rubella (رُوبيلا)

[L. rubellus, ڳاڙهسرو] (German measles)

هڪ ارڙيءَ جهڙي وائرسي بيماري، روبيلا، جرمن ارڙي.

rugae (روجي) [L.]

گهُنج گهُنج. جيئن اوجهڙيءَ جو اندريون حصو.

rupture (رپ چيور)

[L. ruptara, اُڏيڙ]

اُڏيڙ ڦاٽ، ٽڙڪڻ، ادڙڻ، چِن.

◆

Seminiferous (س. ني. فيرَس)
[L. ferre, ڪڻڻ]
مني ڪڻندڙ يا پئدا ڪندڙ، ويرج پيدائڪ.

seminoma (س. نوما)
نسين جو سرطاني موتمار ڳوڙهو.

semipermeable (س. پرميَبل)
اڌ پيهڻ جوڳو پردو جنهن وچان سڀ نہ پر ڪجهہ مادا پيهي پار پون.

senescence (سي نيسينس)
[L. sensere, پوڙهو ٿيڻ]
ذهن يا جسم جي نارمل پيري، پيري.

senile (سينل)
[L. senilis, پيرسن]
پيرسن، ٻڍو، پوڙهو، ڪراڙو، پير مرد

senility )
پيري، پيرسني، ٻڍائپ، ڪراڙپ.

sensation (سينسيشن)
ٻاهرين حواسن جو احساس.

sensible (سينسيبل)
1. احساس رکندڙ، 2. حس وسيلي محسوس ڪرڻ جوڳو.

sense (سينس)
1. حسن، اندري (جمع. حواس)، 2. هوش، سامت.

sensitive (سين سِٽِو)
حساس، زود حس، زودرنج.

sensitization (سينسي ٽاءِ زئشن)
حساسيت ڪنهن شخص جو ڪاڏي جيوڙي بوٽي ڪيميائي مادي ۽ دوا وغيره کان حساس هجڻ جنهن سان ڪيس الرجي ٿي پوي. ڏسو: allergy, anaphylaxis.

sensory (سين سري)
[L. sensus, حواس، حس]
احساس يا حس بابت، حسياتي.
S. Nerves: حس تنتون، جيڪي مغز ۽ مغزي ڏوري تائين احساس رسائينديون آهن.

sentiment (سينٽي مينٽ)
[L. sentire, محسوس ڪ]
جذبو، جذباتي محسوسيات.

sepsis (سيپ سِس)
[G. رجهڻ، ڪنو ٿيڻ]
ڦٽ جو سڙڻ پچڻ، پاچوڙو، پڪريز.

septicaemia (سيپٽي سيميا)
رت اندر پاچوڙو هجڻ، رت پاچوڙائي.

septum (سيپ ٽم)
نڪ جي ٻن ناسن کي ورهائيندڙ هڏائون اُڀو پردو، نڪناس پردو.

sequela (سي ڪُويلا)
[L. sequi, پيروي ڪ]
بيماريءَ جا ڇڏيل پويان آثار.

sequestrum (سي ڪويس ٽرم)
[L. sequester, ڌارون ڌار]
مئل هڏي جو ٽڪرڙو جيڪو جيئري هڏي کان ڌار ٿي اٿيئي هجي، هڏائون ٽڪرڙو.

serology (سيرالاجي)
[L. serum, ڏڌ جو پاڻي]
رت جي پاڻيءَ جو اڀياس، رتوڻو پاڻي جاڻ.

seropurulent (سيروپيوريولينٽ)
رتوڻي پاڻيءَ ۾ پونءِ وارو.

serosa (سيروزا)
بت جي پولي جاءِ جو اندريون استر.

serositis (سيرو ساءِ ٽِس)
اندرين استر جي سوڄ.

serotinin (سيروٽونِن)
ڏک ڪانپوءِ ننپائڪ جزن (platelets) کان نڪتل مادو.

serous (سيرس)
رتوڻي پاڻي بابت، رت پاڻيو.
S. Tembrane (serosa): پولي جاءِ جو اندريون استر.

serpiginous (سرپي جِينيَس)
[L. serpere, رڙهڻ]
ڦٽ خاص ڏڍ ۾ السر جي ڦٽن جون نانگ جيان وٽيل سٽيل ڪناريون. وٽيل سٽيل.

serration (سرئشن)
[L. serra, ڪارائي]
ڪارائي جيان ڏندو، ڪار ڏندو.

serum (سِيرم)
[L. ڏڌ جو پاڻي]
رت جمڻ ڪانپوءِ چڪن مٿان باقي بچيل پاڻي يا پاڻياٺ، رتوڻو پاڻي، خوناب (ف).

serum gonadotrophin (سيرم گونيڊو ٽروفِن)
ڏُڪي گهوڙين جي رتوڻي پاڻي مان حاصل ڪيل هارموني رس جيڪا بيضي دانيءَ کي چالو ڪندي آهي.

sesamoid (سيس موائڊ)
[Ar. Sesame, تر]
ترجي ٻج جيان، ٻج شڪليو.
S. Bones (tendons): تندوئن ۾ ننهندڙ هڏيون مثال گوڏي جي ڍڪڻي ۾ مٽراٽي هڏيون.

sessile (سيسِل)
[L. sedere, ويهڻ]
ڏانڊي يا ڳچي ڪانسواءِ، بي ڏانڊيو.

S. G. O. T. serum glutamic oxalacetic transaminase.

S. G. P. T. serum glutamic pyravic transaminase.

shank (tibia)
پني، چنگهه جو هڏو، چنگهاٽو هڏو.

sheath
غلاف، ڇَوَ، پوش، ڪپ، مياڻ، ٽيڪ.

shell (کوپو، خول.

shigas bacillus (Shigella dysenteriae)
شيگاجو لڪڻ جيوڙو جيڪو سوري يا پيچن جو ڪارڻ آهي.

shin
پني، گوڏي کان هيٺ چنگهه، چنگهاٽو هڏو.

موکرو کرڻ لاءِ داخل کندڙ اوزار.

spansule (capsule)

اهڙو حب جنهن ۾ دوا داڻ داڻ شڪل ۾ هجي تہ جيئن اها ٿوري ٿوري ٿي اثر ڪري. اسپينسول.

spasm (اسپيسم)

ڳِڏي، سيٽ، مروٽو، وڪڙ، آڪيڙ، آڪَڙ.

spasmodic (اسپيسموڊِڪ)

سيٽائتو، ڳِڏي پيدائڪ، مروٽو ڪندڙ سور.

spasmolytic (اسپيسمولِٽِڪ) (antispasmodic)

ڳِڏي توڙ دوا.

spastic (اسپيس ٽِڪ)

[G. spastikos, اندر ڇڪيندڙ]

آڪڙيل، سيٽيل، سخت ٿيل، مُشڪ جي سختائي.

spasticity (اسپيس ٽِسِٽي)

آڪيڙ، سيٽائپ.

spatula (اسپي چيولا)

ملم جي ڇُري جنهن سان ملم کي اٿلائبو پٿلائبو ۽ پٽيربو آهي.

species (اسپي شِز)

[L. قسم]

قسم، ڀانت، ذات، جنسن (genus) جي وڏ ورڇ جنهن ۾ هڪجهڙين خصوصيتن وارن فردن جي ٽولي هجي.

specialist

ڪنهن علم يا هنر جو پڙ يا خاص ماهر.

specific (اسپيسِ فِڪ)

[L. species, ڀانت]

مخصوص، ڪنهن شيءِ لاءِ خاص طور، خصوصي.

spectroscope (اسپيڪٽرو اِسڪوپ)

ست رنگ ڏسڻو اوزار.

speculum (اسپي ڪيُولم)

[L. آرسي]

ڪنهن پولي انگ جي اندر ڏسڻ لاءِ ان جي لنگهہ کي کولي بيهاريندڙ اوزار.

speech (اسپيچ)

گفتار، ڳالهائڻ، نُطِق.

sperm (اسپرم)

[G. sperma, ٻج]

مرداڻو ٻجُ، ويرَج، وير ٻجُ، ٻنڌ، ٻيرج (semen).

spermatic (اسپرميٽڪ)

مني بابت يا ان کي رسائڻ بابت، ويرجيو.

spermatogenesis (اسپرميٽرجني سِس)

مرداڻن ٻجن جو پيدا ٿيڻ، ويرج ٻج جڻپ.

spermatorrhoea (اسپر ميٽوريا)

منيءَ جو جريان.

spermatozoon (اسپرميٽو زوان)

[G. zoion, جيو]

پڪو پورو ويرج ٻج.

spermicide (اسپرمي سائيڊ)
(spermatocide)
ويرج ٻج مار گماشتو.

sphenoid (اِسفي نوائڊ)
[G. sphen, چِٽي]
کوپڙيءَ جي تري ۾ چيٽي شڪليو هڏو. پوپٽي هڏو.

spherocyte (اِسفيرو سائٽ)
[G. sphaira, گولو; kytos, گهرڙو]
ٻه-پاسي پينيل بدران گولائتو رتوٽو ڳاڙهه جُزو.

sphincter (اِسفِنڪٽر)
[G. sphinggein, ڀينڙڻ]
ٽنگ کي ڀيٽي بند ڪندڙ دائري جهڙي مشڪ، ڀيٽڻي مشڪ، ڀيٽڻو.

sphygmomanometloe
(اسفگمو مينو ميٽر)
[G. sphygmos, نبض; manos, اڻ لپ; metron, ماپ]
بلڊ پريشر يا رتوٽي داٻ کي ماپڻ جو اوزار، رت داٻ ماپڻو.

spica (اسپائڪا) [L.]
انگريزي [8] جي شڪل ۾ چاڙهيل پٽي.

spicule (اسپي ڪِيُول)
[L. spica, ]
کُنڌي جهڙو خاص ڪري هڏي جو ٽڪرڙو، کُندڙو.

spina bifida (اِسپائنا بِفِڊا)
چيلهه جي پٺ وٽ پيدائشي وِڏ سبب کُنڌي ۾ تنگ هئڻ ڪارڻ مغزي ڏوري ٻاهر نڪرڻ يا اندريان نظر اچڻ، چيريل ڪرنگهو.

spinal (اسپائنل)
[L. spina, ڪنڊو]
ڪنڊي بابت، ڪنڊائتو.
S. Anaesthesia: ڪنڊائتي بيحسي يا ڪنڊائتي تنت بُسن ڪرڻ.
S. Canal: ڪرنگهي جي نالي يا اندريون ڊگهو سارو خال.
S. caries: ريڙهه جي هڏي جو رجهڪو يا مرض.
S. column: ڪرنگهو، پٺي جو ڪنڊو، جيڪو 33 ڪڙين تي مشتمل آهي.
S. cord: مغزي ڏوري، حرام مغز.
S. nerve: ڪنڊائتي تنت. (31 تنتون)

spine (اِسپائين)
ڪرنگهو، پُٺيءَ جو ڪنڊو، پُٺ ڪنڊو، هڏي جو ڪنڊائتو ڀاڱو، ڪارنگهو، ڪارينگهو.

spirillum (اسپاءِ ريلم)
[L. spira, spiral, پيچدار]
جيوڙن جي هڪ جنس، جيڪي ور وڪڙ پيچ جي شڪل جا هوندا آهن. پيچ جيوڙو، پيچوڙو.

spirochaete (اسپائروڪِيٽ)
پيچ شڪليو جيوڙو، پيچوڙو، اهو

آتشک يا باد فرنگ مرض جو ڪارڻ آهي.

spirochataemia (اِسپائرو ڪيٽِي ميا)
رت جي وهڪ منجهه پيچوڙا هجڻ، پيچوڙ رتوٿائي.

spirometer (اسپائرو ميٽر)
[L. spirare, ساهه کڻڻ; G. metron, ماپ]
ساهه ماپڻو ڦڦڙ جي گنجائش ماپڻ جو اوزار.

spittle (اِسپٽل)
اوڳاڙ، ٿڪ، پڪ، ڦيڻ، اوڳاڙيل شيءِ.

splanchnic (اِسپلينِڪ نِڪ)
[G. splagchna, اندريان حصا]
بت جا اندريان انگ عضوا، اندريان انگ، انترانگي.

splanchnology (اسپلينڪ نالاجي)
انترانگ ڄاڻ.

spleen (اس پلِين)
[G. splen]
تِري، تِلي، ڦِهي

splenitis (اِسپلي ناءِ ٽِس)
تليءَ جي سوڄ

splenogram
تليءَ جي عڪسي مورت.

splenomegaly (اسپلي نومگي لي)
تري جي وڏي وڌو ٿيڻ، برهل، هيانچو، هِنئاچو، برهال.

splenoportal (اسپلينو پورٽل)
[L. portal, ڦاٽڪ]
تليءَ ۽ ڦاٽڪي نس بابت.

spondyl (e) (اِسپانڊِل)
[G. spondylos, ريڙهه]
ريڙهه جي هڏي.

spondylitis.
هڪ يا وڌ ريڙهن جي سوڄ.

sporadic (اِسپاريڊڪ)
[G. sporadikos, ڇڙوڇڙ]
آباديءَ ۾ مرض جا ٽڙوڪڙ مثال، يعني اها وبا نہ چئبي. ٽڙوڪڙ ڦهلاءُ.

spore (اِسپور)
[G. sporos, ٻج]
جيوڙن جي زندگيءَ جو مرحلو جنهن ۾ هو پنهنجي چوڌاري هڪ سخت ننڍ خول چاڙهي ڇڏيندا آهن جنهن تي گرمي توڙي خشڪي جو ڪو اثر نہ ٿيندو آهي. ڪوپائتو جيوڙو، ڪوپڙيو.

sporicidal (اسپاري سائڊَل)
[G. sporos, ٻج; L. caedere, مارڻ]
ڪوپڙ يا ناس دوا.

sporotrichosis (اسپارو ٽراءِ ڪوسِس)
ڦٽ جي سينوراتي جيوڙائپ.

sporulation (اِسپاريُولئشن)
جيوڙن جو ڪوپڙائجڻ.

spot (اسپاٽ)
دبڪ، داغ، نشان. ڏسو: macule.

stasis (اسٽي سِس) [G.]
حرڪت يا ڇُرپر بند ٿيڻ، منائي، ناپر، بيهڪ.
Intestinal S.: آنڊي جي ڇرپر ۾ موڳائي ڍرائي هجڻ سبب قبض ٿيڻ.

status (اسٽيٽس)
حالت، ڪيفيت
S. Asthmaticus: دم يا سهڪي جو ڊگهو شديد حملو يا دورو.
S. Epilepticus: مرگهيءَ جا هڪبئي پويان لاڳيتا حملا يا دورا.

steapsin (اسٽيپ سن)
لبلبي جي رس جو وهہ توڙ خميرو يا اسٽيپسن.

steatorrhoea (اسٽي ٽوريا)
[G. stear, چربي]
آنڊي اندر سٿپ چوهجڻ جي خرابي سبب سٿيو ڪاڪوس اچڻ، سٿپ ڪاڪوسائي.

stellate (اسٽي ليٽ)
[L. stella, ستارو، تارو]
تاري شڪليو.

stenosis (اِسٽي نوسِس) [G.]
سوڙهہ، تنگي، ڪرائپ.

stensens duct
ڪنائتي پڪ غدود جي ڳل ڏانهن ڪلنڊڙ پڪ نلي، اسٽينسن جي نلي.

stercobilin (اسٽير ڪوبائلن)
ڪاڪوس جو ناسي راڱو (pigment)، ڪاڪوسي راڱو.

stercobilinogen
ڏسو: Urobilinogen.

sterile (اِسٽيرائل)
1. جيوڙن کان پاڪ صاف، 2. سنڍ، نسقل، خصي، ٻانڊي ٻهاري، ڀانج، وانجهہ، عقيم (ع)، وانجهو، وانجهيو

sterility
سنڍائپ، سنڍپائي، سنقلتا، اڻلتا، سنڍائي، سنڍاپو، سينڍاڻ، ٻانڊي ٻهاري. ڏسو ضد: fertility.

sterilization (اسٽير لاءِ زيشن)
1. ڪنهن شيءِ يا اٿت کي جيوڙن کان پاڪ صاف ڪرڻ جو عمل، جيوڙائي. 2. نسقل يا خصي ڪرڻ.
ڏسو: fertilization.

sternoclavicular
سيني جي تاڪيءَ ۽ هسلي جي هڏن بابت، تاڪ هسليو.

sternocleidomastoid muscle
(اسٽيرنو ڪلائڊو ميس ٽوائڊ)
[G. sternon, سينو; kleis, آنگوڙو; mastos, ڇوپٽي]
ڳچي اڳيان ۾ نمايان مشڪون جيڪي ڳچي ساڄي کابي ورائڻ ۾ مدد ڪنديون آهن. ڏسو: torticollis.

sterno costal (اسٽرنوڪاسٽل)
سيني جي تاڪيءَ ۽ پاسرين بابت، تاڪپاسريو.

sternum (اِسٽرنَمر) (breast bone)
سيني جي وچ ۾ خنجر مثل (هٽيو + ڦر+ نوڪ)، سيني جو هڏو، سيني جي تاڪي. زناخ، جناخ.

steroids (اسٽيروائڊز)
[G. steros, نهرو] (adrenal glucocorticoids)
ائڊرنيل غدود جي چوڏيءَ جا هارمون، جهڙوڪ: هائڊرو ڪارٽيسون، ڪارٽي سون وغيره. جوشيلا نهرا هارمون.

stertor (اِسٽيرٽار) [L. stertere, ڪونگهرا هڻڻ]
ڏاڍيان ڪونگهرا، گهوگهرا.

stethoscope (اسٽي ٿو اسڪوپ)
[G. stethos, سينو، ڇاتي; skopein, تپاسڻ]
دل يا ڇاتي جي آوازن ٻڌڻ لاءِ ڇاتي تپاسڻي.

stigmata (اِسٽگ ميٽا)
[G. stigma, داغ، نشان]
مرض يا پيدائشي خرابين جا داغ، ٽڪا يا نشان.

stillborn
مئل ڄاول ٻار، کهائي ٻار.

stimulant (اِسٽي مِيُولنٽ)
[L. stimulare, چونگر ڏيڻ]
چوڪر، چونگر، ٽوڪر، ٽيڪر ڏيندڙ، اپاريندڙ يا جوش ڏياريندڙ. اُپارڪ.

stimulus (اِسٽي مِيُولَس)
[L. stimulare]
چُونگ، چُوڪ، ٽوڪر، اوپار، چُرچ، تحريڪ.

sting (اِسٽنگ)
وچون، ڏينيو، ست ڏنگيءَ وغيره جو ڏنگ، نيش.

stitch (اِسٽچ)
1. ٽاڪو، ٽوپو، بخيو، 2. پاسري ۾ سوٽ يا اٽڪ.

stoma (اِسٽوما) [G.]
وات پٽيل تنگ، تنگ جو ٻاهريون ڳڙڪ. جمع: Stomata.

stomach (اسٽمڪ)
[G. stomachos, معدو]
معدو، گُجي، پيٽ، اُجهه.

stomachics (اسٽو ميڪِڪس)
بُک وڌائيندڙ دوائون، جهڙوڪ ڪٺاڻ، آچار، ڪڙيون شيون ۽ چورن وغيره.

stomatitis (اسٽو ميٽاءِ ٽِس)
[G. stoma, وات]
وات جي سوڄ.
angular S.: رائبو فليوين وٽامن جي کوٽ سبب واڇن وٽ چير يا ڏر، واڇن جي سوڄ.
Aphthous S.: وات ۾ بار بار ٿيندڙ ڦلوڪڙا. ڏسو: apthae.

stone (اسٽون) (calculus)
پٿري، پهڻ.

کارڻ امالڪ بيهوشي ۽ اڌرنگ جهوٽو، گهڪو، صدمو چاڙت، جهڙپ. apoplexy, hemiplegia: سٽڪو ڏسو، جهٽڪو، سٽ، جهٽ، چپيٽ.

Heat S.: جهولي جي جهڙپ گرمي کان سيڪاٽجڻ سبب تيز تکو تپ.

stroma (اسٽروما)

[G. بسترو]

ڪنهن بدني اڏاوت جي پيڙهه يا بنياد وارو مادو، پيڙهيو.

strophulus (اسٽرافيُولس) (prickly heat, miliaria)

گرمي داڻا، پٽ، آرائيو، ڪيرٽ، ڪيرائي، گهيرٽ، ڪينوار.

stupor (اسٽيُوپر)

گهر، ننداکڙائي نموني اڌ بيهوشي، ڏڪُر، ٻوڙاهه، ٻوڙهه، ڪواتا.

st. vitus dance

سينٽ ويٽس جو نچڪو ڏسو: chorea.

stye (اسٽاءِ) (hordeolum)

آنڙي، پنبڻ جي پاڙ جوڳڙ، آچٽي، آنجٽي.

styloid (اسٽاءِ لوائڊ)

[G. stylos, ٿنڀ]

قلم جيان ڊگهو ۽ نوڪدار شڪل وارو، ٿنڀ شڪليو.

styptic (اسٽِپ ٽِڪ)

وهندڙ رت بند ڪندڙ دوا، رت روڪ.

subacute (سب اڪيُوٽ)

[L. sub, هيٺ; acutus, تِکو]

اڌ تکو مرض.

subarachnoid (سب آرَڪ، نوائڊ)

[G. arachne, ڪوريئڙو]

مغز يا مغزي ڏوريءَ جي ڪوريئڙ پردي هيٺان پولائي جنهن ۾ مغزي پاڻي هوندو آهي.

subconscious (سب ڪانشيَس)

لاشعور، ذهن جو غير شعوري حصو، جيڪو شعور (1/10) جي مقابلي ۾ 9/10 آهي.

subcostal (سب ڪاسٽل)

پاسرين هيٺ.

subcutaneous (سب ڪُٽي نِيَس)

چمر هيٺ.

subdural (سب ڊِيُورل)

[L. durus, سخت]

سخت مغزي مادي هيٺ.

subinvolution (سب اِن واليُوشن)

[L. involvere, ويڙهجڻ]

چمر ڪانپوءِ رحم جو ويڙهجي سُسي پوري طرح اصلي شڪل ۾ نه اچڻ، اڌ ويڙهائپ.

subjacent (سب جئسينٽ)

هيٺيان، هيٺ لڳ

subjective (سبجيڪٽِو)

اندريون، باطني، ذاتي، من ئي من ۾، جنهن جو ٻاهر سان واسطو نه هجي، ڏسو ضد: objective.

sudrific (سِيُودِرفِڪ)

پگھر آڻيندڙ دوا، پگھرائڪ.

suggestibility (سجيسٽِ بِلٽي)

[L. suggerere, ڏتارڻ]

ڏتار جوڳائي، ٻارن يا نفسياتي مريضن جو سولائيءَ سان ڏتارجڻ.

suggestion (سجيس چن)

[L. suggestion, ڏتارڻ]

ريهڻ ريبڻ، ڏتارڻ، ڀنيلائڻ، صلاح ڏيڻ، ترغيب، ڪنهن شخص جي ذهن ۾ خيال وجهڻ تہ جيئن هو ان کي بنان ڪنهن دليل جي قبول ڪري، نفسياتي مريض کي نشي جي دوا هيٺ يا هپناٽزم جي اثر هيٺ شفايابي لاءِ نيڪ ٿيڻ جو خيال اندر ۾ وجهبو آهي.

sulcus (سل ڪس) [L.]

چيلو، ڪانچو، چرو، سنڌو، دماغ جي ور وڪڙن (convolutions) جي وچ ۾ چيلا يا سنڌا.

sulphones (سلفونس)

ڪوڙهہ چٽائيندڙ دوائون.

sulphuric acid (سلفيورڪ)

گندرف جو تيزاب.

sun burn (سن برن)

اُس جو ڦٽ.

sun burnt ٽامڻي.

sun-screen (سن اسڪرين)

اس روڪ دوا.

sunstroke (سن اسٽروڪ) (heat stroke).

ڏسو stroke.

supercilum (سوپر سيليم) [L.]

پرون، پرونُ، ابرو (ف)

superior (سوپي رير)

[L. اوچو]

اوچو، مٿيون، برتر.

supernumerary (سيوپر نيومرري)

نارمل عدد کان وڌ، وڌيڪ، واڌو، وڌ عددي.

supinate (سيوپي نيٽ)

[L. supinare, پوئتي ورائڻ]

هٿ جي تري مٿي آڻڻ يا ڪرائي پوئتي ورائڻ. ڏسو ضد: pronate.

supinator (س. نيٽر)

هٿ جي تري مٿي آڻيندڙ يا ڪرائي کي پوئتي ورائيندڙ، ڏسو ضد: pronator.

supine (سيوپائڻ)

[L. supinus, پٺي پر اڇلايل]

پٺي پر سنئون سڌو آسن. ضد: prone.

suppository (سپوسٽري)

مقعد ۾ وجهندڙ دوا، پليتو، ٻتي.

suppression (سپ ري شن)

[L. supprimere, دٻائي رکڻ]

1. ڪنهن بدني پاڻياٺ جي نڪرڻ جهڙوڪ مٽ يا ماهواري کي دٻائي يا دٻي رکڻ، 2. نفسياتي طور

ڏکوئيندڙ يا بچڙن خيالن کي دٻائڻ، داٻو.

suppuration (سپيورئشن)
[L. suppurare, گندپونء هجڻ]
پونئرائي، آجُورو.

supraclavicular (سيوپرا . کليوي ڪِيُولر)
[L. supra, مٿي]
هسلي کان مٿي.

supraorbital (سيوپرا آربيٽل)
اک جي دوڏي کان مٿي.

suprapubic (سيوپرا پيوبِڪ)
نهائين کان مٿي.

suprarenal (سيوپرا رينل)
بُڪيء يا گردي کان مٿي.

supratentorial (سيوپرا ٽينٽوريَل)
[L. tentorium, تنبو]
مغزي تنبوء کان مٿي.

surgery (سرجري)
جراحت، وڍ ڪٽ.

susceptibility (س سيپ ٽِبِلِٽي)
[L. suscipere, پرائڻ]
جيوڙائيپ لاء قبولي سياءُ، وٺڻ جوڳائي، اثر پذيري.

suture (سِيُو تِيُور)
1. کوپڙي جي چوٽائن هڏن جي ملڻ جي جاء، هڏائون سيبو، 2. وڍ ڪٽ ۾ سبڻ لاء ٽاڪو.

swab (سواب)
ڪپهہ جو گولڙو يا چاريدار ڪپڙي جي ٿهي جنهن سان ڦٽ صاف ڪبو آهي يا تيلي جي چيڙي ۾ ٻڌي ٻٽ جو مادو گڏ ڪري حفاظتي ٽيسٽ ٽيوب ۾ رکبو آهي. ٿهي، صافو، ٻُچ رکڻ، پهو، پهائي، پوٽي، پهي،

sweat (سويٽ)
پگهر، پسينو.
sweat gland: پگهر غلود، ٻہ قسم: eccrine ۽ apocrine.

swelling (سويلنگ)
سوڄ، ڳوڙهو، ڦندائي.

sycosis (ساء ڪوسِس)
[G. sykosis, انجير جهڙو ڦٽ] (S. Barae, Barbers itch]
ڏاڙهي واري جاء تي وارن جي پاڙن جي جيوڙائيپ وارا پونء داڻا يا ملو. حجامي خارس يا پاچڙو.
Also: coccigennic sycosis, folliculits, barbae, fouls shave.

symbiosis (سمر بائيو سس)
[G. گڏ جيئڻ]
ٻن جيون جي وچ ۾ هڪٻئي کي فائدي رسائڻ جو ناتو، گڏ جياپو.

symblepharon (سِمر بليفرون)
[G. syn, ساڻ; blepharon, اک جو ڇپر]
ڇپر جو اک جي دوڏي سان ڇهڻ، ڇپر دوڏو ڇهتاءُ.

**talipes** (ٽيلي پيز)
[L. talus, مُرو; pes, پير] (club foot).
پيدائشي ڦڏو يا وريل پير-انجا چار قسم آهن:
Talipes equines
Talipis Varus
Talips Valgus
Talipis Calcaneus.

**talus** (ٽئلس) [L.] (astragalus)
مري جو ٻئي نمبر تي وڏي ۾ وڏو هڏو جنهن تي ٽنگ جو ڄنگهاتو هڏو، (tibia) بيٺل هوندو آهي. مري جو ڪينهون، ڪينهوٽو هڏو.
ڏسو: astragalus.

**tampon** (ٽيمپون)
زالاٽو ڦهو

**tamponade**
زالاٽو ڦهو وجهڻ

**tape worm**
ڏسو: Taenia.

**tapping** (paracentesis)
چيد ڪري پاڻي ڪڍڻ جهڙوڪ جلندر ۾ پيٽ ۾ ٽنگ ڪري پاڻياٺ ڪڍبي آهي.

**tarsus** (ٽارسس)
[G. tarasos, سنئون مٿچرو]
مُري جا ست ننڍا هڏا، مُرا ٽڙيا.
ڏسو: carpus.

**tartar** (ٽارٽر)
ڏندن تي چڙهيل ڪارو رَوَ.

**tattoo**
ترڪڙي، ڏينپوڙي، ترڪڙي، تِلوڪلڙي، ترڪٽي، پلڪڙي، سٽڙي.

**taste** (ٽيسٽ)
چکڻ حس.

**tears** (ٽيئرز)
لڙڪ، ڳوڙها.

**teat** (ٽِيٽ)
ڏونٽي.

**teeth** (ٽِيٿ)
ڏند، ڪيرا ڏند 20 ٿيندا آهن، جيڪي ستن سالن جي عمر تائين ڪري پوندا آهن. پڪا ڏند 32 آهن:
canine or eye T.: ڪاٽِينو ڏند.
Incisor T.: ويندڙ ڏند.
Premolar and Molar T. ڏاڙهون.
Hutchinsons T. پيدائشي آتشڪ وارا هچنسن ڏند جن جي ڪنارين ۾ ڏندو پيل هوندو آهي.
Wisdom T.: عقل ڏاڙه. ٻنهي پاسي جاڙين جي آخري ڏاڙه.

**tegument** (ٽيگيُومينٽ)
[L. tegumentum, پوش]
حيواني جسم جي کل يا ٻاهريون پوش.

**telangiectasis** (ٽيلين جي ايڪ ٽيسِس) [G. telos, ڇيڙو; aggelion, رت نلي; ektasis, وڌاءُ]
بت جي مٿاڇري تي وار نلين جي ڦونڊ يا موڪرائي. وار نلين ڦونڊ.

thrombocyte (ٿرومبو سائٽ)
(blood, Platelet)
رت ٿنيپيندڙ گهرڙو، رت ٿنپائڪ.

thrombocythaemia
ڏسو Thrombo cytopenia.

thrombocytopenia (ٿرومبو سائٽو پينيا)
رت ٿنپائڪ گهرڙن جي رتوٽي اڻاٽ.

thrombocytosis (ٿرومبو سائٽوسِس)
رت ٿنپائڪ گهرڙن جي رتوٽي جهجهائي يا گهٽائپ.

thrombo-emoblic (ٿرومبو امبولِڪ)
[G. embolos, ڏٽو، ٻُنجو، ٻوڄ]
رت جو چڪو جيڪو هڪ جاءِ تان ڇڄي ڪنهن سنهي نلي کي ٻنجو ڏئي ڇڏي.

thrombo-endarteritis (ٿرومبو ايندِ آرٽراءِ ٽِس)
[G. endon, منجهه، اندر]
شرياني اندرين استر جي سوڄ.

thrombogenic (ٿرومبو جِينِڪ)
رت ڄمائيندڙ يا ٿنپيندڙ.

thrombokinase (ٿرومبو ڪاءِ نيز)
ڏسو: thromboplastin.

thrombolytic (ٿرومبو لِٽِڪ)
رت جو چڪو ڳاريندڙ يا جهوريندڙ.

thrombophlebitis (ٿرومبو فلي باءِ ٽِس)
رڳوٽي سوڄ ساڻ رتوٽي ٿنپائپ.

thromboplastin (ٿرومبو پلاسٽين)
[G. plassein, روپ ڏيڻ]
پروٿرومبين کي ٿرومين ۾ بدلائڻ وارو خميرو.

thrombosis
رتوٽي نليءَ اندر رت جو چڪو نهڻ، رت ٿنپائپ.

thrombus
رت نلي اندر رت جو چڪو، رتوٽو چڪو.

thrush (ٿرش)
وات اندر ڏونري جهڙا اڇا اڇا ڦلوڪڙا. ڪارڻ سينوراتي جيوڙو (candida). واتائو اڇي سينورائپ.
ڏسو: candidiasis.

thymoleptic (ٿائموليپٽِڪ)
محسوسات ۽ ورتاءَ کي متاثر ڪندڙ نفسياتي دوائون.

thymoma (ٿاءِ موما)
[G. thymos, نفس]
نفس غلود (thymus) جو ڳوڙهو، ٿائموما.

thumb
آڱوٺو، ڏُنيو، سينئو.

thymus (ٿاءِ مَس)
سيني جي ٽاڪيءَ جي مٿين پاڱي پويان ڪنٺ غلود ٿائين غلود، نفسي غلود، جوڳ وديا ۾ هردئہ چڪر يا ڪنول. تصوف ۾ لطيفہ

(wryneck)
کنڌ ۾ وَر.

touch (ٽَچ)
ڇهڻ حس.

tourniquet (تورني ڪي) [F.]
رت بند ڪرڻ لاءِ ٽنگ يا ٻانهن کي ڪشي ٻڌڻ، ڪشو.

toxaemia (ٽاڪسيميا)
[G. toxikon, وِهه، زهر]
جيوڙن يا خراب ٽيل ماس اُٿت جو زهر پوري بت ۾ پکڙجڻ، زهر رتوٽائي.

toxic (ٽاڪسِڪ)
زهريلو.

toxicity (ٽاڪسيسٽي)
زهريلائي، زهر جي شدت جو درجو.

toxicology (ٽاڪسي ڪالاجي)
زهر ڄاڻ.

toxin (ٽاڪسِن)
جيوڙن جو زهر اهو زهر اوهڙو ئي زهريلو آهي، جيڪو زخمي يا ڏکيل ماس اٿت مان نڪرندو آهي. جيوڙاتي زهر.

toxoid (ٽاڪسوائڊ)
ٽڪن ناهڻ لاءِ ڪمزور ڪيل جيوڙاتي زهر، نبل جيوڙاتي زهر.

Toxoplasma (ٽاڪسو پلاسما)
ڏسو: toxoplasmosis.

toxoplasmosis (ٽاڪسو پلازموسِس)
هڪ مفت کائو جيئڙو جيڪو ٿڻائتن جانورن ۽ پکين ۾ هوندو آهي. انسان اندر ڳِپ جي شڪل بگاڙي ان کي ماري ڇڏيندو آهي. ڳِپ عيبي مرض.

trabeculae (ٽريبي ڪيُولي)
[L. ننڍي ڪاٺَ]
عضوي ۾ پوش کان انگ اندر ويندڙ ڪامون يا پرديو بت اندر.

trace elements
پتو لڳائڻ جوڳا يعني تمام ٿوري مقدار ۾ موجود ڌاتو يا ٻيا عنصر جيڪي بت جي حياتڪي عمل (metabolism) لاءِ لازمي آهن. نشاني عنصر.

tracer (ٽريسر)
انگن جي ڪمن، مرض جي سڃاڻ جو پتو لڳائيندڙ مادو يا اوزار. پيري مادو يا اوزار.

trachea (ٽريڪِيا)
[G. trachus, ڪهرو] (windpipe).
نڙيءَ کان وٺي ڦڦڙن تائين، نڙي هوا نلي، ڳِترُ.

tracheitis
ڳِتر سوڄ.

(ٽريڪيو برونڪاءِ ٽِس) ---------
نڙي هوا نلي ۽ ڦڦڙ نليءَ جي سوڄ.

tracheo_oesophageal (ٽ. ايسو فيجيل)
نڙي سلهه نلي ۽ نڙگهٽ بابت.

tracheostomy (ٽريڪيوس ٽومي)
[G. stoma, وات]
آپريشن وسيلي ٽنگ ڪرڻ.

trachoma (ٽريڪوما)
اک جي بيماري ڏيريون.

traction (ٽريڪشن)
ٽنگن ٻانهن يا منڍيءَ کي ڇڪي سوگهو رکڻ لاءِ وزن ۽ ڪُپي وسيلي ڇڪ.

trait (ٽريٽ)
شخصيت جي ڪا خصوصيت، لڇڻ.

trance (ٽرانس)
[L. transire, ٻي سرتيو]
اسرتائي، بيخودي، هٽرادو بي سرتائي.

tranquillizers (ٽرينڪوي لائزرس)
[L. tranquillus, سانتيڪو]
سانت يا ڌيرج پيدا ڪندڙ دوائون. سانتائڪ دوائون.

trans abdominal (ٽرينس ايبڊا مِنل)
پيٽ جي آرپار.

transaction (ٽرينس سيڪشن)
[L. sectio, ڪٽائي، ڪٽڻ]
آرپار ڪپي ڌار ڪرڻ، آرپار ڪپائي.

transfusion (ٽ. فِيُوزن)
[L. transfundere, منتقل ڪرڻ]
رڳ يا ڪنهن اٿت اندر رت يا پاڻياٺ منتقل ڪرڻ.

transillumination (ٽ. اِليومنيشن)
آرپار اوجارو.

translucent (ٽرانس. لِيُوسينٽ)
[L. lucere, چلڪو]
اڌ شفاف.

transmigration (ٽ. ماءِ گرئشن)
[L. migrare, لڏپلاڻ]
گهرڙي جي پردي پار لڏپلاڻ.

transplantation (ٽ. پلين ٽئشن)
[L. transplantare, پيوند ڪرڻ]
انگ يا عضوو پار لڳائڻ، پار پيونداٺپ، ٽڏارڻ، رُوٽ.

transudate (ٽرينبيُوڊئٽ)
[L. sudare, پگهرجڻ]
اڻ گهربل پاڻياٺ، جهڙوڪ جلنتر ۾ پيٽ جو پاڻي، سڙيل ڦٽ مان نڪتل پاڻي.

trapezium (ٽريپزيَم)
[G. trapezion, ننڍي ميز]
ڪرائي جي اٺن هڏڙين مان هڪ هڏڙي، ميزاٽڙي.

trapezius (ٽريپي زيَس)
ٻنهي پاسي ڪنڌ جي مُشڪ، ميزائي مُشڪ.

trapezoid (ٽريپي زُوائڊ)
ڪرائي جي هڏڙي، ميز شڪلي هڏڙي.

trauma (ٽراما) [G.]
جسماني ڌڪ، جذباتي صدمو.

traumatology (ٽراميٽالاجي)
حادثاتي وڍ ڪٽ جو ڪاتو.

ٽه ڄائو، ٽن ياڱن ۾ ورهايل. جهڙوڪ ٽه ڇانگ پنجين ڪاپارين تنت جيڪا ٽن شاخن ۾ ورهايل آهي.

T. neuralgia. ڏسو: tic douloureux.

trigone (ٽراءِگون)

[G. trigonos, ٽن ڪنڊن وارو]

مثاني يا مُثانگي جو ٽه ڪنڊيو ترو، مثاني ٽڪنڊو.

trimester (ٽراءِ ميسٽر)

[L. trimestris, ٽه ماهو]

ٽِماهو مُدو.

trismus (ٽرِز مَس)

[G. ڏند ڪرٽڻ]

ڄباڙڻ وارين مشڪن جي سيٽائپ، ڄاڀ سيٽائي.

trochanters (ٽروڪينٽرز)

سٿرائي هڏي (femur) جي مٿين ڇيڙي وٽ ٻه وڏا اڀار، هڪ وڏو (ٻاهريون)، ٻيو ننڍو اندريون.

trochlea (ٽراڪليا)

انگلي حصو، جيڪو شڪل ۾ ڪم جي لحاظ سان ڪُپيءَ جيان هجي. ڪُپي انگ ڪُپانگ.

trophic (ٽروفِڪ)

[G. trophe, غذائيت]

غذائيو.

trophoblastic tissue

بيضي کي ڍڪيندڙ ڳهرڙا جن جو تعلق بيضي جي غذائيت سان آهي.

trophoneurosis (ٽروفو نيوروسِس)

ڏسو: Raynauds disease.

Trousseaus sign.

ٽروسو جي نشاني.

ڏسو: carpo-pedal spasm.

trunk (ٽرنڪ)

ڌڙ، بيري.

Trypnosoma (ٽرِپنو سوما)

اوائلي جيو (prtozoa) جي هڪ جنس جيڪا مفت کائو آهي، جيڪي افريڪي مک (tse tsefly) ۾ منگهڻ وسيلي انسان اندر ڳهر وارو مرض پيدا ڪندا آهن.

trypnosomniasis (sleeping sickness)

ڪارڻ مفت کائو جيتڙي ٽرپنو سوما سبب ڳهر، جنهن ۾ مريض سُتو پيو هوندو آهي. ڳهري بيماري.

trypsin (ٽرِپسِن)

لبلبي جي رس اندر موجود پروٽين ٽوڙ هاضمي وارو خميرو، ٽرپسن.

trypsinogen (ٽرپسنوجن)

لبلبي جي رس جو هڪ مادو جيڪو ٽرپسن خميري کي جنم ڏيندو آهي. ٽرپسنوجن.

tryptophane (ٽريپٽو فين)

ٽرپٽو فئن هڪ امائنو ائسڊ جيڪو واڌ لاءِ لازمي هوندو آهي.

tse-tse fly (صي صي فلاءِ)
هڪ افريڪي مک جنهن جي چڪ پائڻ سان انسان ۾ ڳهر بيماري پيدا ٿيندي آهي.

tubercle (ٽيُوبرڪل)
[L. tuberculum, ننڍڙو ڳنڍيو]
1. هڏي جو ڳنڍ جهڙو اڀار، 2. سلهه جي ڳنڍ يا ڳوڙهي. ڊوڙو (nodule).

tuberculide (ٽيُوبر ڪيولائڊ)
(tuberclid)
سلهه جي چاملئو ڳوڙهي. ڏسو: syphilide.

tuberculin
سلهه جي هئڻ يا نه هئڻ بابت پڪ ڪرڻ لاءِ ٽيوبرڪيولن مادي سان ٽيسٽ ڪرڻ. ڏسو: Mantoux.

tuberculoid (ٽيوبر ڪيولوائڊ)
ڪوڙهه جو قسم جيڪو سلهه مثل لڳندو آهي. سلهه جيان.

tuberculoma (ٽيُوبر ڪيولوما)
سلهائتو وڏو ڳوڙهو.

tuberculosis (ٽيوبر ڪيولوسس)
[L. tuberculum, ننڍي ڳوڙهي]
سلهه، ڪارڻ جيوڙو =mycobacterium تپ دق.

tuberculostatic (ٽيوبر ڪولو اسٽيٽِڪ)
سلهه جيوڙا روڪ دوا.

tuberosity (ٽيُوبروسِٽي)
هڏي جو اُڀار.

tubular necrosis (ٽيُوبِيُولر نيڪروسِس)
گردي جي نلين جو ناس هجڻ.

tubule (ٽيُوبيُول)
[L. tubulus, ننڍي نلي]
ننڍ نلي.

tularaemia (ٽيولي رِيمِيا) (deer-fly fever, tick fever).
جانورن مان منتقل ٿيل بيماري: سبب جيوڙو pasteurella tularensis.

tulle gras (ٽيُول گرا)
پيرا فين لڳل جاري جيڪا ڦٽ تي رکي پٽي ڪبي آهي، جو اها چنبڙندي ناهي.

tumescence (ٽِيُومي سينس)
[L. tumescere, ڦُنڊڻ]
ڦونڊ، ٽيڳ، سوڄائي.

tumour (ٽِيُومر) [L.]
گومڙ، ڳنڍيو، ڳوڙهو، ان جا ٻه قسم آهن: 1. سادو (benign)، 2. موتمار (malignant). ڏسو: cancer.

tunica (ٽِيُونِيڪا)
[L. tunic, پردو، ڪرتو]
اندريون پردو، استر، استري پردو.

turbinate (ٽربنيٽ)
[L. turbinatus, نبات شڪليو]
نبات شڪليو.

turgid (ترجِڊ)
[L. turgescere, ڦُنڊڻ]

رت وغيره سان ڀرجي ڦنڊي ڦوڪجڻ، ڦُنڊيل ڦوڪيل،

twin (ٽُون)

جاڙو، ٻٽُ، ٻٽو.

tussis (ٽيسز) [L.]

کنگهه.

tylosis (ٽالوءِ سِس)

ڏسو: keratosis.

tympanic (ٽم پينِڪ)

[G. tympanum, دهل]

دهلڙي بابت.

T. membrane: ڪن جي دهلڙي.

tympanites (ٽمپي نائٽيز)

پيٽ ڦوڪجي دهل ٿيڻ ڦوڪيل پيٽ.

tympanitis (ٽمي ناءِ ٽِس)

وچين ڪن جي خال جي سوڄ.

tympanum (ٽِمپي نم)

[G. tympanen, دُهل]

وچين ڪن جو خال.

typhoid fever (ٽاءِ فوائڊ)

مُدي جو تپ، ڪارڻ جيوڙو

salmonella typhi.

typhus (ٽائفس)

[G. typhos, وهم]

جونئن، چچڙين ۽ ڪارڙن وسيلي

پکڙجندڙ تپ سبب جيوڙو.

Rickettgia Prowazekii، ٽائفس بخار.

tyrosine (ٽائروسين)

هڪ امائنو ائسڊ.

◆

# U

ulcer (السر)
كليل چكندڙ ڦٽ، ناسُور، السر.
curlings u.: كرلنگ جو ڦٽ، باهہ كان سڙڻ سبب ٻارهہ انچي آنڊي ۾ ڦٽ، لهسيل آنڊائتو ڦٽ.
Decubitis U. (bed sore): گهڻي ليٽڻ وارو ڦٽ، داٻ ڦٽ.
Penetrating U.: پيهي ويندڙ ڦٽ.
Peptic U.: معدي ۽ ٻارنهن انچي آنڊي جو ڦٽ.
Perforating U.: آرپار ٽُنگر ڦٽ.
Rodent U.: ٽُكيندڙ ڦٽ.
ڏسو: basal cell carcinoma.
varicose U. (gravitational U.): ڦنڊيل رڳن وارو ڦٽ جيكو ٽنگ جي هيٺين حصي ۾ ٿيندو آهي.

ulcerative colitis (السري ٽو كولاءِ ٽِس)
وڏ آنڊو، ڦٽ وڏي آنڊي جي ڦلڻي سوڄ.

ulcerogenic (السرو جِينك)
ڦٽ پيدا كندڙ.

ulna (النا)
[L. ٽونٽ]
ٻانهن جي ٻُڪ جي چيچ پاسي هڏائين نري، ٽُوننائتو هڏو. ڏسو: radius.

ultramicroscope (الٽرا مائكرو اسكوپ)
ايترو پتكڙو جو خوردبيني وسيلي به نظر اچڻ كان زور هجي. خوردبيني پار.

ultrasonic (الٽرا سونِڪ)
آواز پار.

ultra violet rays (الٽرا وايوليٽ ريز)
پار واڳڻائي كرڻا.

umbilicated (امبلي كيٽيڊ)
وچ ۾ چِڳهائتو داڳو، جيئن ماتا جو سيئرو.

umbilicus (امبلاءِ كَس)
[L. وچ]
ڏُن، ناف، ناڦ، سُنڊي.
Umbilical cord: ناڙ، ناڙو.

uncinate (ان سِنئٽ)
[L. uncinus, كُنڍي، آنكڙو، آنگوڙو]
كُنڍي شكليو.

unconciousness (اَن كانشيس نيس)
[A. S. un, اڻ، نہ; conscire, سُرت]
بي سرتائي، بيهوشي، بيخودي، اڇيتائي، اڇيتي، اڻ سڌيرائي.

undulant fever (ان ڊِيُولينٽ)
[L. unda, موج، لهر] (abortus F., Malta F., Mediterranean F.]
ڏسو: Brucella, brucellosis.

unguentum (انگوِينٽم)
ملم، مرهم.

unicellular (يُوني سيليُولر)
[L. unus, هڪ; cellula, گهرڙو]
هڪ سيلي گهرڙو. ڏسو: multiceller.
unilateral (يُوني ليٽرل)
[L. latus, پاسو]
هڪ پاسيو، پاسارو، پاسيرو. ڏسو: bilateral.
uni-ocular (يوني آڪِيُولر)
[L. oculus, اک]
ڏسو: binocular.
uni-ovular (يوني اووِيُولر)
هڪ بيضو، هڪ ئي بيضي مان ڄاول هوبهو هڪجهڙا جاڙا ٻار. ڏسو: binovular.
unipara (يُوني پيرا)
[L. parere, ڄڻڻ]
هڪ ڄڻيتي، جنهن رڳو هڪ ٻار ڄڻيو هجي. ڏسو: multipara, nullipara, primipara.
uraemia (يُوري مِيا)
گردن جي خرابي سبب خطرناڪ صورتحال يا بيماري، مُٽ رتوڻائي.
uraemic snow
ڏسو: uridrosis.
urate (يُوريٽ)
پيشاب جي تيزاب جو لوڻ، يوريٽ، مُٽ لوڻ.
uraturia (يوري چيُوريا)
مُٽ ۾ مٽائون لوڻ اچڻ.
urea (يُوريا)
پروٽين حياتي عمل جو ڇيهه يا فضلو، جيڪو مُٽ ۾ نيڪال ٿيندو آهي ۽ مٽ جو خاص ڪيميائي جُزو آهي. يوريا.
ureter (يوريٽر)
[G. oureter]
گردي نلي، هر ٻُڪي ڪان مثاني تائين پيشاب آڻيندڙ نلي.
ureteritis (يُوري ٽراءِ ٽِس)
گردي نليءَ جي سوڄ.
ureterocolic (يوري ٽيرو ڪولِڪ)
گردي نلي ۽ وڏي آنڊي بابت.
ureterolith (يوري ٽيرو لِٿ)
گردي نلي جي پٿري.
urethra (يُوري ٿرا)
[G. ourethra)
جنسي انگ اندر مثاني کان مُٽ ٻاهر ڪڍڻ جو لنگهه يا نلي، مُٽ نلي، زناني مٽ نلي $1\frac{1}{2}$ انچ ۽ مرداڻي 10 انچ کن آهي.
urethritis
مٽ نليءَ جي سوڄ.
urethrography
مٽ نلي جي عڪس بندي.
urethrosocpe
مٽ نلي تپاسڻو اوزار.
urethrostenosis (يوريٿرو اسٽي نوسس)
مٽ نلي جي تنگي يا سوڙهه، مُٽ نلي سوڙهائي.
uric acid (يورِڪ)
مٽ جو تيزاب. ان مان ٻه گڙدي جي

# V

vaccination (ويڪسي نئشن)
[L. vacca, گانءِ، ڳئون]
ٽُڪا، ساوتا.
vaccinator: ٽانڪاڙو، ٽاڪُو.

vaccine (ويڪسِين)
ٽڪن جو ٻج (مئل يا نبل جيوڙا).

vaccinia (cow pox)
ٿڌي، ڳئن جي وچڙندڙ بيماري جيڪا انسانن ۾ بہ منتقل ٿيندي آهي. ڳئون جي ماتا.

Vagina (ويجائنا) [L.]
يوني، اندري، ڳهڻ، مياڻ، غلاف.

vaginismus (ويجنزمس)
[L. اندري]
اندريءَ اندر مشڪن جي سوراڻي سيٽ، جنهن سبب جنسي فعل سوراڻو ٿي پوندو آهي.

vaginitis (ويجِنائٽِس)
اندري جي سوڄ، ڪارڻ جيئڙو. Trichomonas vaginalis.

vagolytic (وئگولِٽِڪ)
رولو تنت جي تڪليءَ کي جهڪو ڪندڙ.

Vagus (وئگس)
[L. vagus, رولو]
ڏهين ڪاپاري تنت، رولو تنت.

valgus (ويلگس) [L.]
بت جي ڏگهي ليڪ کان ٻاهرين پاسي ڦريل، مثال hallux valgus.
ضد: varus.

valine (وئلين)
هڪ لازمي اماڻنو ائسڊ، وئلين.

valve (والو)
[L. valva, ويڙهو]
پردي جو ويڙهو جيڪو پاڻياٺ جي وهڪ جي ڪنٽرول لاءِ ٻنجڻيءَ جو ڪم ڏيندو آهي. ٻُنجڻي.

valvulitis (ويل وِيُولائٽس)
ٻنجڻيءَ جي سوڄ.

varicella (ويري سيلا) (chicken pox)
لاڪڙو.

varices (وئريسيز) (واحد varix) (varicose veins)
ڦُنبيل انگڙ ونگڙ رڳون.

varicocele (ويري ڪوسِيل)
[L. varicosus, ڦنبيل نسن سان ڀريل]
ويرج ڏوريءَ جي ڦونڊ ۽ انگڙ ونگڙائي.

varicose (ويري ڪوس)
ڦونڊ ۽ انگڙ ونگڙائي، ڦنبيل انگڙ ونگڙ رڳون يا نسون، نسرائي.

variola (ويريولا) (small pox)
وڏي ماتا.

varix (وئرِڪس)
ڏسو: varices.

vertex (ورٽيڪس)
[L. چوٽي]
مٿي جي چوٽي، چوٽ.

vertigo (ورٽائگو) [L.]
مٿي جي ڦيري، ڀنواٽي، گھوماٽي، ڦيري، ڦيراٽي، گھمري، گھمراٽي، گھمتاڙي، ڀنوري، ڀنؤن، ڀاڙ، ڀونراٽو، ڀنوري.

vesical (ويسي ڪل)
[L. vesica, مثانو]
مثاني يا مُثانگي بابت، مٿانگيو، ڳوٿري.

vesicant (ويسي ڪئنٽ)
ڦوڪٽا ڪندڙ مادو يا دوا، ڦوڪٽائڪ.

vesicle (ويسي ڪل)
[L. vesicular]
ننڍڙو مثانو، گهرڙو يا پولو عضوو، چمڙيءَ جو ڦوڪٽو، ڦلوڪٽو يا ڦوڦينڊو، ڇلٽو، ڦوڪٽي.
Bleb, blister.

vesiculitis (ويسي ڪيولائٽس)
ڳوٿري جي سوڄ.

vesiculopopular (ويسي ڪيولو پيپولر)
[L. papula, موهيڙي مثل داڻو]
ڦوڦيندا ۽ داڻا ٿيڻ گڏ هجڻ.

vessel (ويسل)
[L. vascellu]
نلي يا نالي، نلڪي.

vestibule (ويسٽي بيُول)
[L. vestibulum, لنگهه، گند، گهٽ]
ڏيڍي، اندرين ڪن جو وچون حصو.

vestigial (و. جيَل)
[L. vestigium, نشاني، پيرو]
ڪنهن اڳين شيءِ جي رهيل نشاني، باقي يا رهيل نشاني، جهڙوڪ: آنڊ پڇڙي (appendix).

viable (وايَبل)
ياڻ جيئڻ جوڳو.

vibrio (وِبرِيو)
[L. vibrare, ڦرڪڻ، ٿرڪڻ]
ڏنگڙن جيوڙن جي جنس.
V. cholerae (comma): انگريزي ڪاما يا ٿوري دم [,] جي شڪل جهڙو جيوڙو جيڪو هيضي يا ڪالرا جو ڪارڻ آهي.

vicarious (وِڪي ريس)
[L. vicarious, بدران]
هڪ انگ بدران ٻئي انگ جو اهو ساڳيو ڪم ڪرڻ، عيوضي، بدلي طور، بدران.
V. ofenstruation: ماهواري بند هجڻ جي صورت ۾ نڪ يا ٻت جي ڪنهن ٻئي حصي مان رت وهڻ.

villus (وِلس) (villi, جمع)
[L. ٻوجرو وار]
ننڍي آنڊي جي استر ۾ ڳپ اندر آڱر جيان ٻاهر نڪتل ماس وارا

vomit (وومِٽ)
[L. vomere, اُلٽي ڪرڻ] (sickness).
اُلٽي ڪرڻ، اوڪڻ.

vomiting of pregnancy
حمل دوران الٽيون اوڪارا، اُبڙ.
ڏسو: hyperemesis.

vomitus (وومي ٽس) [L.]
اوڪاريل ڪاڏو يا مادو.

von Recklinghausens disease
ڏسو: neurofilbromatosis.

vulva (ولوا)
ٻاهريون زنانو جنسي انگ، يوني (هه)، فُرج (ع)، ڪُس.

vulvitis
زناني جنسي انگ يا يوني جي سوڄ.

# W

waist (ويسٽ)
ڪٽ، مياڻ لڪ، چيلهه، ڪمر چيلهه، بيٺ.

wart (وارٽ)
[A. S. wearte]
هسو، اسو. ڏسو: verruca.

water-brash
ڏسو: pyrosis.

weal (وِيل)
سُڪل ٻبڙ ڪيا ڏڏر. ڏسو: pomphii.

weaning
ٻُبو وارڻ، ٻُبو ڇڏائڻ.

wen (sebaciens gland or cyst)
سٽيي غدود يا ڳوٽري.

wheezing
شوڪ، ڦڦڙن مان ساهه دوران سيٽي جهڙو آواز.

whipworm.
ڏسو: Trichuirs trichuria.

white leg
اڇي ٽنگ. ڏسو: thrombophlebitis.

whitlow (وِٽلو)
آڱر ويڙهو. ڏسو: paronychia.

whoop (وُوپ)
اُيڪ.

whooping cough
ڪِرٽيو، ڪاري کنگهه، ٻُڪ کنگهه، اُڪَ کنگهه، ڪَٽينگو، وڏي کنگهه.
ڏسو: pertussis.

whorl
آڱرين جي نشانن يا وارن ۾ ٻونري.

Wilms tumour
وِلمي ڳوڙهو، ڳردي جو نهايت موتمار سرطاني ڳوڙهو.

windpipe
هوا نلي. ڏسو: tracheea.

womb (وُوم)
رحم، ٻچيداني. ڏسو: uterus.

# Y

yaws

ڪارڻ جيوڙي (spirochaete) جون ٽي بيماريون: پِنٽا، بِجل ۽ ياز treponematosisچئبيون آهن. توڙ (yaws) آتشڪ جهڙي بيماري آهي، ڪارڻ جيوڙو ساڳيو هوندي به جنسي مرض ناهي.

yellow fever (يل فيور)

مڇر جي چڪ وسيلي هڪ وائرسي تپ: سائي ڪاري الٽي ۽ پيشاب بند. پيلو بخار.

yeast (ييسٽ) (saccharomyces)

هڪ سينور جيڪو خمير جو ڪم ڪندو آهي.

# Z

zona (زونا)

[g. ZONE, پٽو، ڪمربند]

پٽو، ڪمربند. منطقو. ڏسو: herpes zoster.

z. Pellucida بيضي چوڌاري حيات پردو.

zonule (زونِيُول)

ننڍو پٽو يا ڪمربند.

zoonosis (زُونوسِس)

جانورن مان انسانن کي بيماريءَ جو منتقل ٿيڻ.

zygoma (زاءِ گوما)

ڳل جي هڏي، ڳلاٽڙي.

zygote (زاءِ گوٹ)

[G. zygon, پاجاري]

زرخيز بيضو.

zymogen (زائموجن)

خميرن (enzymes) کي جنم ڏيندڙ مادو.

◆

## ضميمو: 2
## طبي لفظي پڇاڙيون

| | |
|---|---|
| able | جوڳو، لائق، قابل |
| aemia | رتوڻائي |
| aesthesia | حِسيت |
| agra | حملو، سُوٽ |
| al | اوهڙو. اُن جهڙو |
| algia | سور |
| an | لاڳو، بابت |
| ase | خمير، خميرو |
| blast | ڳهرڙو |
| cele | سوڄ، اماس، ٿوٿر |
| centesis | ٽنگڻائپ |
| cide | مار، ناس |
| clysis | داخلا، منتقلي |
| coccus | ٽُبڪ، گولائتو |
| cule | ننڍڙو، ننڍ |
| cyte | ڳهرڙو |
| derm | چمر، چمڙي |
| desis | ميلاپ، سوگهائي |
| dynia | سور |
| ectasis | ڦونڊ، ڊگهيرائي |
| ectomy | ڪپي ڌار ڪرڻ |
| form | شڪليو، روپيو |
| fuge | نيڪال ڪندڙ |
| genesis; genetic; genic | جوڙ، پيدائش، نهپ، اصلوڪائي |
| gogue | وهڪ وڌائڪ |
| gram | عڪسي مورت |
| graph | لکت |
| lasis | حالت، ڪيفيت |
| latric | طبي |
| itis | جي سوڄ |
| kinesis | چرپر |
| lith | پٿري |
| lithiasis | پٿرائپ |
| logy | اڀياس، ڄاڻ |
| lysis | ٽوڙ، ٽوٽ |
| malacia | نرمي، نرمجڻ |
| megaly | واڌائي |
| meter | ماپ، ماپڻو |
| old | اوهڙو، جيان |
| ol | الڪوهل |
| ology | اڀياس، ڄاڻ |
| oma | ڳوڙهو |
| ose | کنڊ، مٺاڻ |
| osis | حالت، مرض، گهٽ |
| ostomy | ٽنگ ڪ، وينجهڻ |
| otomy | ڇهڪ، ٽڪو |
| ous | جهڙو، وانگر |
| pathy | مرض، روڳ |
| penia | اٽاٽ، ڪوٽ |
| pexy | ڳپائڻ |
| phage | ڳڙڪائيندڙ |
| phasia | گفتار |
| philia | پيار، موهه |
| phobia | ڊپ، خوف |
| phylaxis | اپاءُ، بچاءُ |
| plasty | ڪاٽ ڪوٽ وسيلي حرڪت |
| plegia | اڌرنگ، فالج |
| pnoea | دم، ساهه، سهڪ |

| | |
|---|---|
| poiesis | جوڙڻ |
| ptosis | لڙڪيل، لٽڪيل، ڍرڪيل |
| rhage | ڦاٽڻ، چوڙ |
| rhaphy | ٽاڪو، سبو |
| rhoea | ڳاڙو |
| Rhythmia | آهنگ، سُرتار |
| saccharide | مٺاڻ اٽيو |
| scope | تپاسٹو |
| scopy | تپاس |
| somatic | بدني، جسماني |
| sthenia | سگهه |
| stomy | ٽنگ ڪ، وينجهڻ |
| taxia; taxis; taxy | ترتيب |
| tome | ڪَپُ |
| tomy | ڇهڪ، ٽُڪر |
| trophy | غذا، کاڄ |
| uria | مُٽ، پيشاب، ريلو |

◆

| | | |
|---|---|---|
| Chemistry Tests: ڪيميائي چڪاسون | | |
| Aspartate aminotransferase (AST) | 5-35 U/L | |
| Alanine aminotransferase (ALT) | 7-56 U/L | |
| Albumin | 3.5-4.8 U/L | |
| Alkaline phosphatase (ALP) | 38-126 U/L | |
| Amylase | 30-110 U/L | |
| Anti-streptolysin O Titer (ASO) | <250 (school age)<br><125 (adult) | |
| Bicarbonate | 22-26 mEq/L | |
| Bilirubin, direct | <0.3 mg/dL | |
| Bilirubin, total | 0.2-1.3 mg/dL | |
| Calcium | 8.9-10.4 mg/dL | |
| Cholesterol | 120-200 mg/dL | |
| Creatinine | 0.5-1.4 mg/dL | |
| Gamma GT | 8/78 U/L | |
| Glucose | 65-110 mg/dL | |
| Lipase | 7-60 U/L | |
| Potassium | 3.6-5.0 mEq/L | |
| Sodium | 137-145 mEq/L | |
| Total Protein | 6.3-8.2 gm/dL | |
| Triglyceride | 50-250 mg/dL | |
| Uric Acid | 3.5-8.5 mg/dL | |
| Urea Nitrogen (BUN) | 7-21 mg/dL | |
| Cardiac Tests: دلي چڪاسون | | |
| Total CK | 38-120 ng/mL | |
| CK-MB | 0-3 ng/mL | |
| CK-index | 0-3 | |
| Troponin | <0.4 ng/mL | |
| Blood Gas: رتوڻو گئس | | |
| pH | 7.34-7.44 | |
| $PCO_2$ | 75-100 mmHg | |
| $HCO_3$ | 22-26 mEq/L | |
| Urinalysis: مُٽ چڪاسون | | |
| Specific gravity | 1.002-1.030 | |
| pH | negative-trace | |
| .Protein | negative | |
| Ketone | negative | |
| Bilirubin | negative | |
| Blood | negative | |
| Nitrite | negative | |
| Leukocyte | negative | |
| Urobilinogen | 0.2-1.0 Her U/dL | |
| | **Micro** | |
| | RBCs | 0-2/HPF |
| | RWBs | 0-2/HPF |
| | RBC casts | 0/HPF |

| | |
|---|---|
| **CSF: مغزي ڪورڙن پاڻي** | |
| Glucose | 50-80 ng/dL |
| Protein | 15-45 mg/dL |
| RBCs | 0/ µL |
| WBCs | o-3/ µL |
| **Thyroid: ڪنٺ غدود** | |
| $T_3$-total | 60-181 ng/mL |
| $T_4$-free | 0.8-1.5 ng/dL |
| $T_4$-total | 5.5-12.3 ng/mL |
| TBG | 12-30 mg/L |
| Tyroid Stimulating Hormone (TSH) | 0.4-4.5 µIU/mL |
| **Endocrine: رس غدود** | |
| 17-OHCS | <4 mg/day |
| Adrenocorticotrophic Hormone (ACTH) | 20-100 pg/mL |
| Alpha-Fetoprotein (AFP), serum | 0-44 ng/mL |
| Beta-HCG | <5 mU/mL (Male, non-pregnant Female) |
| CA 19-9 | <40 U/mL |
| Prolactin | 0-14 ng/mL |
| **Miscellaneous: مختلف** | |
| Rheumatoid Factor | <30 IU/mL |
| Prostatic Specific Antigen (PSA) 0-4 ng/mL | |

B. Clinical Laboratory Tests Normal Values طبي ليب چڪاسون نارمل ملھ

This table lists refernce values for the most common laboratory tests and is intended for interpretation of the results as they are provided in the examination. Note that all values are provided in SI units. All values apply to adults.

Such values are inserted in parentheses following the result recorded in the examination questions.

**blood: رت**

| | |
|---|---|
| Coagulation (Hemostasis) | Back to Top |
| International Normalized Ratio (INR) | 0.9-1.2 |
| Partial thromboplastin time (PTT) | 28-38 seconds |
| Prothrombin Time (PT) | 10-13 seconds |

| | |
|---|---|
| Hemogram Hematocrit (Hct) | Back to Top |
| Female | 0.370-0.460 |
| Male | 0.420-0.520 |
| Hemoglobin (Hb) | |
| Female | 123-157 g/L |
| Male | 140-174 g/L |
| Mean corpuscular volume (MCV) | 80-100 fL |
| Mean corpuscular hemoglobin (MCH) | 27-34 pg |
| Platelet count | 27-34 pg |
| Red blood cells (RBC) | 130-400x$10^9$/L |
| Female | 4.0-5.2x$10^{12}$/L |
| Male | 4.4-5.7x $10^{12}$/L |

| | |
|---|---|
| Red cell distribution width (RDW) | 11.5-14.5% |
| Reticulocyte count | 20-84X$10^9$/L |
| Erythrocyte sedimentation rate (Westergen) | |
| Female | 1-20 mm/hour |
| Male | 1-13 mm/hour |
| White blood cells & differential White blood cell count (WBC) | 4-10 X $10^9$/L |
| Segmented neutrophils | 2-7X$10^9$/L |
| Band neutrophils | <0.7X$10^9$/L |
| Basophils | <0.10X$10^9$/L |
| Eosinophils | <0.45X$10^9$/L |
| Lymphocytes | 1.5-3.4X$10^9$/L |
| Monocytes | 0.14-0.86$10^9$/L |
| | |
| Chemical Constituents | Back to Top |
| Albumin (serum) | 35-50 g/L |
| Alkaline phosphatase (serum) | 35-100 U/L |
| Aminotransferase (transaminase) (serum) | |
| Alanine (ALT; SGPT) | 3.36 U/L |
| Asparate (AST;SGOT) | 0.35 U/L |
| Gamma glutamyl transferase | |
| Female | 10-30 U/L |
| Male | 10-35 U/L |
| Amylase (serum) | <160 U/L |
| Bicarbonate ($HCO^3$) (serum) | 24-30 mmol/L |
| Bilirubin (serum) | |
| Direct (conjugated) | <7 µmol/L |
| Total | <26 µmol/L |
| Ionized | 2.18-2.58 mmol/L |
| Chloride (serum) | 1.05-1.30 mmol/L |
| Cholesterol (serum) | 98-106 mmol/L |
| Low density lipoprotein (LDL) | <5.2 mmol/L |
| High density lipoprotein (HDL) | <3.37 mmol/L |
| Cortisol | <0.9 mmol/L |
| Creatine kinase (CK) (serum) | 160-810 mmol/L |
| Creatinine (serum) | 5-130 U/L |
| Female | |
| Male | |
| Ferritin | 50-90 µmol/L |
| Folic (Folate) | 70-120 µmol/L |
| Folic (Folate) | 10-250 µg/L |
| Glucose fasting (serum) | 7-36 nmol/L |
| Hemoglobin $A^1C$ | 7-36 nmol/L |
| Iron (serum) | 3.3-5.8 mmol/L |
| Lactate dehydrogenase (LDH) (serum) | 95-195 U/L |
| Lipase (serum) | <160 U/L |
| Magnesium (serum) | 0.75-0.95 mmol/L |
| Osmolality (serum) | 0.75-0.95 mmol/L |
| Oxygen saturation (arterial blood) $SaO_2$) | 280-300 mmol/kg |
| PaCO2 (arterial blood) | 280-300 mmol/kg |
| PaO2 (arterial blood) | 96-100% |
| pH | 35-45 mm Hg |

| | |
|---|---|
| Phosphorus (inorganic) (serum) | 7.35-7.45 |
| Potassium (serum) | 0.8-1.5 mmol/L |
| PSA (Prostate Specific Antigen) | 3.5-5.0 mmol/L |
| Protein (serum) | 0-4 µg/L |
| Total | |
| Albumin | 60-80 g/L |
| Sodium (serum) | 35-50 g/L |
| Thyroid-stimulating hormone (sensitive) | 0.4-5.0 mU/L |
| T3 (free) | 3.5-6.5 pmol/L |
| $T_4$ (free) | 8.5-15.2 pmol/L |
| TIBC (Total Iron Binding Capacity) | 45-82 µmol/L |
| Transaminase-see Aminotransferase | |
| Triglycerides (serum) | <2.20 mmol/L |
| Troponin T (TnT) | <0.01 µg/L |
| Urea nitrogen (BUN) (serum) | 2.5-8.0 mmol/L |
| Uric acid (serum) | 180-420 µmmol/L |
| Vitamin $B_{12}$ | 74-516 pmol/L |

| | |
|---|---|
| **Cerebrospinal Fluid: مغزي ڪورائون پاڻي** | Back to Top |
| Cell count | <4X$10_6$/L |
| Glucose | 2-5 mmol/L |
| Proteins (total) | 0.20-0.45 g/L |

**Urine: مُٽ**

| | |
|---|---|
| Calcium | <7.3 mmol/day |
| Chloride | 110-250 mmol/day |
| Creatinine | 6.2-17.7 mmol/day |
| Osmolality | 100-1200 mOsm/kg |
| Potassium | 25-120 mmol/day |
| Protein | <0.15 g/day |
| Sodium | 25-260 mmol/day |

◆

شيرازي، ايراني طبيب هو. هن طب جي عام انسائيڪلوپيڊيا مرتب ڪئي. انگ ڄاڻ تي سندس ڪتاب 'تشريح بدن انسان' آهي، جنهن کي 'تشريح منصوري' بہ چوندا آهن.

Ibn al-Jazzar:

**ابو جعفر بن ابي خالد بن الجزار القيرواني**، ڏهين صدي جو عرب طبيب هو، جيڪو قيروان، ٽيونس ۾ ڄائو هو. سندس اهم ڪتاب 'زاد المسافر' آهي. 'طب المشائخ' پيري جي بيمارين بابت آهي. 'ڪتاب النسيان وطروق تقوية الذاڪره' حافظي تي، 'رسالہ اسباب الوفاة' مت جي سببن تي آهن. ان ڪانسواءِ هن ٻارڙن جي بيمارين، بخارن، جنسي مرضن، دوائن، ڪوڙهه، زڪام وغيره تي بہ ڪتاب لکيا آهن. ٻيا ڪتاب تاريخ، حيوانات ۽ ادب تي بہ آ هن.

Ibn al-Khatib:

**محمب دن عبدالله بن سعيد بن علي بن احمر دالسلماني يا لسان الدين ابن الخاطب** (1313-1374)، غرناطہ (Granada) اسپين ۾ ڄائو. هو شاعر، اديب، فلسفي، طبيب ۽ سياستدان هو. سندس شعر اڄ بہ 'الحمرا (Alhambra)، غرناطہ جي ڀتين جي زينت آهن. سندس شاعري کي 'موشحات' جي شڪل ۾ راڳ رنگ اندر ڳايو ويو آهي. جڏهن دنيا ۾ طاعون جي وبا هئي تہ هن طاعون (plague) تي هڪ مقالو لکيو هو.

Ibn Miskawayh:

**ابو علي احمد بن محمد بن يعقوب ابن مسڪويہ** (932-1030) ري، ايران جو فسلفي، مؤرخ، مترجم، شاعر، سائنسدان هو. فلسفي تي سندس ڪتاب 'تاديب الاخلاق' آهي ۽ تاريخ تي 'تراجب الأمم'، پنهنجي ٻئي ڪتاب 'لافوزالاصغر' ۾ هن ارتقاء جو نظريو پيش ڪيو آهي. پهريائين مادو، پوءِ توانائي ۽ آب پيدا ٿيا. ان ڪانپوءِ جمادات، نباتات ۽ حيوانات جنم ورتو. جانورن مان باندر، باندر مان نسناس (subhuman) جي ارتقا ٿي. بهترين پهڻ مرجان، بهترين وڻ ڪجي ۽ اتم انسان، انسان ڪامل يعين نبي يا ولي آهي. انسان اڃا بہ اڳتي ارتقا ڪري ملائڪ بڻبو آهي. عربي نسخا (فوز الاصغر) يوني ورسٽي ۾ موجدو هوندا هئا، تي سگهي ٿو چارلز ڊارون اهو ڪتاب پڙهي ارتقا جو نظريو اتان ورتو هجي، جو ڪيس عربي ايندي هئي.

Ibn al-Nafis:

**علاؤالدين ابوالحسن علي بن ابي حزم القرشي الدمشقي يا ابن النفيس** (1288-1213)، دمشق، شام ۾ ڄائو، پر قاهره، مصر ۾ رهيو، جتي هو مملوڪ سلطان بيبرس جو ذاتي طبيب هو، جنهن تاتارين کي عين جالوت جي ميدان ۾ ڀهرين شڪست ڏني هئي. هو المنصوري اسپتال قاهره جو وڏو طبيب هو. ابن نفيس هڪ وڏي بلا شيءِ هو. هو حافظ، محدث، شفاعي فقي ۽ علم الڪلام جو ماهر، ديني عالم ۽ مسلم فلسفي هو. تنهن ڪانسواءِ هو سائنسدان، فلڪيات ۽ ارضيات جو ڄاڻو، مؤرخ، مصور، گرامر، لسانيات جو ماهر، ناول نگار ۽ سائنس فڪشن جو باني هو. هو ابن سينا کان بہ وڏو عملي طبيب، انگ ڄاڻ، ڪرت ڄاڻ ۽ اکين جي بيماري، نفسيات، سماجيات جو ماهر ۽ زبردست سرجن هو. ابن نفيس ڀهريون ڀيرو ڦڦڙ جو رتوڻو دورو دريافت ڪيو، ڪيس وار نلين ۽ دل جي رتوڻي دوري بابت پوري ڄاڻ

## ضميمو: 5
## جڙي ٻوٽيون

# A

Abelmoschus esculentus; ochra, okra, gumbo, lady's finger, (syn: Hibis cus esculentis).

ڀينڊي، ڪاٽ ٿوري

Abel moschus moschatus; musk mellow, musk seed, musk okra (syn: Hibiscus abelmoschus).

مُشڪ داڻو لتا ڪٿوري

Abutilon Indicum; Indian Mallow.

ڪرنڊي، ملمي ٻٽيادي

Abroma augusta; Devil's colton.

تنبول، اُلٽ ڪمبل.

Abrus Precatorius; rati seed, jequirity, precatory bean, crab's eye, coral bead plant, liquorice vine, love bean, rosary bean, prayer been, Indian or wild liquorice milfoil. (syn: Glycine abrs).

رتي چٽيوني، گهونگهچي، لاڙي، ڪانڪٽي، ڪاڳٽي، ڪانگڙي

Acacia Arabica; babul, Egyptian acacia, Indian gum Arabic tree, thorny acacia, thorn mimosa:

ٻٻر، ٻابرو ٻبول، ڪيڪر، اُم غيلان، مغيلان. (صمغ عربي: gum acacia) شجره سنطر، چيچڪو(ٻج)، پلڙو(ڦري).

Acacia Catechu: catechu, black cutch, cutch tree, (syn: mimosa catechu).

ڪٿو، مٽيءَ ڪٿ

Acacia concinna:

شڪاڪائي، شڪاڪائي وِملا.

Acanthusilicifolis:

هڙڪت Sea holly.

Achillea millefolium; blood wort, mol foil

برنجاسف، گندنا.

Achillea ptarmica; sneeze hort, sneaze weed.

نڪ ڇڪڻي، ڪنڙو ڪندس.

Achillea santolina: wooly yarrow.

گوماندر.

aconitum napellus; aconite, monk's hood, wolf bane, Friar's cap, Turk's cap, sweet root, sweet calamus. (syn: fcorus salamus).

ٻِج، ٻچناگ، ميها زهر، ميٺها تيليه.

Acorus calamus; sweet flag.

ٻج، وچ.

Achyranthes aspera; chaff_flower, prickly chalf_flower, devil's horse, blip.

اُبت ڪنڊري، ڳِڊڙول، چروچر.

Adasonia digitata; baobtree, monkey brod tree.

گورک اِملي، گورکشي

Adiantum lunutatum; maiden hair fern, Venus maiden hair (syn: Adiantum capillus_veneris).

پرسائوشيان، پرسيان، سرخس، بسفائج.

Adhatota Vasica; malabarnu;

آروسو آڙوسو بانسو

Aegle marmelos; bael root, bael fruit, Bengal quince, apple wood, golden apple.

ٻيل وڻ ٻيلگري ڪانوروي سيرڦل.

Aescitus hip posastanum; horse chestnut;

ٻن خور ٻتڪور.

Ageretum conzyoides; Goatweed, Moss flewer, white weed.

اجگند, ڳنڌاڙي سها ديوي

Alhagimaurorum; bramble, camel's thorn.

ڪانڊيرو ڪنڊورو شرخار حواس شوڪته الجمل.

Allium ascolonicum; leek

گندنا.

Allbizzia lebbec; women's tongue tree, wild mimosa lebbek, Indian walnut.

سرينهن وڻ سرنهن, سرس.

Allium cepa; onion,

بصر بصل (ع), پياز ڳونگري.

Allium Sativum; garlic,

ثوم ثوم (ع), لهسن لسڻ.

Aloe_vera; Indian aloe, Barbados aloe, (syn: aloe barbadensis).

ايريو ايريال ڪنوار بوٽي ڪنوار گندل پٽ ڪنوار ڪصبر (ع). مبر گهيڪوار ايلوا, غوبالتد.

Alpinia galangal, galangal, greater glangal, Thai glangal, galangal, slamase.

پان پاڙ خولجان ڪلنجان ڪلنج, ڪليجن.

Althea officinalis; marsh mallow; white mallow (syn: Althea rosa)

خطمي گل خيرو.

Althea rosea; rose mallow, china rose, holly hock.

گل خيرو گڙهل.

Amaranthus Tenuifolius; (syn: A. polygamus).

مريڙو مليرو مليرڙو مثيڙو ٻتوا ساگ, چولائي ساگ.

Amomum subulatum; black cardamom

وڏو ڦوٽو نر ڦوٽو الائچي, ڪلان.

Amomum zingiber; ginger, (syn: Zingiber officinale)

ادرڪ, سنڍ, سونٺ, زنجبيل.

Anacardium occidentalis; cashew nut.

ڏِنگڙا, ڪاجُو ڪاڄا.

Anacyclus pyrethrum; pellitory, fever_few.

عقر قرحو.

Anethum sowa; dill, (syn: A. graveplens)

سوا, شٿا, سويا.

Angelica archangelica; garden angelica, wild archangel, master wort, wild parship.

سنبل خطائي شقاقل مصري, جهنگ گجر.

Anthemis noblis; Roman Camomile, ground apple.

بابونو گل بابونه

vicia faba; broad beans fava beans, bell beans.

باحكليت، باقلا مصري، فُل مصري

Vina rosea; periwinkle.

رتن جوت، سدا بهار گل، گل فرنگ

viola odorata; sweet violet.

گل بنفشي بنفسائج (ع).

vitex negundo; chaste tree (syn: V. frifobia); Indian privet.

ڪارو سنڀالو درخت مريم، اندراني ونا، ترنيا، نيل پشپي

Vitex trifolia; simple leaf chaste tree. Arabian liliac.

اڇو سنڀالو.

vitis vinifera; grapes, raisin.

مويز منقي، ڪشمش.

## W

Wattakaka volubilis; green wawx hower.

چڪلي نڪچڪي.

withiana somni fera; winter cherry.

آسگند، آسگند، آسڪند، اشوگنڌ، پاڙول.

Woodfordia fructicosa; fire_flame bush.

ڌاتڪي، ڌاوي.

wrighitia tinctoria; pala indigo plant.

اندر جو شيرين.

## X

xygophyllum simplex; caper beans, dollor bush.

پٽ لاڻي گڏهه لاڻي

## Z

Zingiber officinalis; ginger.

سنڍ، ادرڪ، سونٺ، زنجبيل.

Zizphus caracutta large Indian plum

صوني بير.

Zizyphus jujube; Indian plum or cherry. (syn: Z. mauritiana).

عناب، بير.

Zizyphus nummularia JharBeri.

چاڳا بير، جاموري بير.

◆

# MEDICAL DICTIONARY

English - Sindhi

*Dr. Aashiq Hussain Badavi*



SINDHI LANGUAGE AUTHORITY
HYDERABAD, SINDH